ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) | جمعو 28 نومبر 2025ع 06 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه | شمارو (105)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ اسيمبلي ۾ ڀارتي وزير جو بيان سنڌو درياءَ قبضي جي سازش قرار، مذمتي ٺهراءُ پيش

وڏي وزير گڏيل اجلاس ۾ هندستان جي دفاع واري وزير جي بيان خلاف ٺهراءُ پيش ڪندي سخت موقف اختيار ڪيو ويو، مذمتي ٺهراءُ گڏيل طور منظور ڪيو ويو

سنڌ سان گڏ ملتان ۽ مڪراني علائقا شامل هئا. مسلم ليگ سنڌ چيپٽر پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪيو هو، پاڪستان اسان جي بزرگن جي قربانين سان ٺهيو آهي. مراد علي شاهه

هندستان جو دفاع وارو وزير اُتر پرديش ۾ پيدا ٿيو هن ڪڏهن به سنڌو درياءَ جو پاڻي نه پيتو آهي ڀارت سنڌو درياءَ کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو: وڏو وزير

سنڌو درياءَ بابت ڀارت جي جارحاڻين قدمن جي مذمت ڪريون ٿا هندستان جي دفاع واري وزير جيڪو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اهو افسوسناڪ عمل آهي: ٺهراءُ

راج ناٿ سنگهه جون گدڙ ڀڀڪيون ڪڏهن به ڪامياب نه ٿينديون، هو ٿو مئي واري ڪارروائي کانپوءِ بوکلائجي ويو آهي. اسان جون فورسز ڀارت کي جواب ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن

سنڌ پاڪستان جو حصو آهي ۽ هميشه رهندو، ان جون حدون تبديل نٿيون ٿي سگهن. وفاق کي گهرجي ته عالمي برادري کي ڀارت جي جارحاڻن بيانن ۽ قدمن بابت آگاهه ڪيو وڃي: مطالبو

ڪراچي (رپورٽ:مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گڏيل اجلاس ۾ هندستان جي دفاع واري وزير جي بيان خلاف پيش ڪيل ٺهراءَ تي ڳالهائيندي سخت موقف اختيار ڪيو سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي اهميت تي زور ڀريو ۽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته اهو معاملو بين الاقوامي سطح تي اٿاريو وڃي. سنڌ اسيمبلي هندستاني دفاع واري وزير راج ناٿ سنگهه جي بيان ۽ خاص طور سنڌو درياءَ بابت ڀارت جي جارحاڻين قدمن جي مذمت ڪندي ٺهراءَ کي متفق طور منظور ڪري ڇڏيو. وڏي وزير چيو هندستان جي دفاع واري وزير جيڪو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اهو افسوسناڪ آهي هن سنڌ جي قديم تاريخ جو حوالو ڏيندي چيو ته سنڌ جو وجود قبل مسيح دور کان آهي. هن وڌيڪ چيو جيڪو ٺهراءُ پيش ڪيو ويو آهي ان ۾ سچي تاريخ بيان ٿيل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڀارتي وزير جي بيان بابت ڳالهائي رهيو آهي

صدر آصف زرداري پاران هانگ ڪانگ ۾ رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني متحده عرب امارات جي سفير سان ملندي

سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان آزاد ڪرائي خودمختياري ڏياري وئي: نثار کهڙو

سنڌ واحد صوبو آهي جنهن جي اسيمبلي پاڪستان ٺاهڻ جي قرارداد منظور ڪئي هئي

ڀارتي دفاع واري وزير جي بي بنياد بيان سان سنڌ جي تاريخي حيثيت تي ڪو فرق نه پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان آزاد ڪرائي سنڌ کي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سزا يافته آفيسر کي صدر ميڊل ڏيارائي ٿو، آئيني عدالت ناهي ورتي، ڪم پوءِ به نه پيا ٿين: جسٽس محسن

ڇا هر ڪم توهين عدالت بعد ئي ڪرڻو آهي، جنهن ڊي سي کي عدالت سزا ڏني، ان کي صدر ميڊل ٿو ڏيارائي

بي ايمان ماڻهن جو سسٽم نٿو هلي سگهي، اها به بي ايماني آهي ته حڪومت مڪاني چونڊون نٿي ڪرائي

آئون توهين عدالت جو نوٽيس جاري ڪندس ته جسٽس بابر ستار وانگر نه ڪندس نه وقت ڏيان، ان ئي وقت هٿڪڙي هڻائي جيل موڪليندس

پنجاب يا سنڌ ۾ اسلام آباد وارن کي مقرر ڪريو نه، اسلام آباد ۾ خبر ناهي ته اوهان کي ڇا ٿي ويندو آهي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس محسن اختر ڪياني هڪ ڪيس ۾ ريمارڪس ڏيندي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پ پ جي جدوجهد جو ڪنهن به جماعت سان مقابلو نٿو ڪري سگهجي: سعيد غني

وفاقي حڪومت جا شڪرگذار آهيون جنهن 27هين ترميم بابت اسان جي اعتراضن کي دور ڪيو

ڀارت کان پاڪستان لاءِ ڪنهن به مثبت ڳالهه جي اميد رکڻ بيڪار آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير محنت، افرادي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران هانگ ڪانگ ۾ جاني ۽ مالي نقصان تي افسوس

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا فورسز جو ڪليئرنس آپريشن جاري، ڌماڪي ۾ پاڪ فوج جا 5 جوان شهيد

قبائلي علائقن ۾ خوارجين جي ڇڏيل ڌماڪيدار مادي ۽ سرنگهن کي ختم ڪرڻ جو عمل تيزي سان جاري

خوارجين دهشتگردي پکيڙڻ ۽ سيڪيورٽي فورسز جو رستو روڪڻ لاءِ قبائلي علائقن ۾ وڏي پيماني تي بارودي سرنگهون وڇايون

خيبرپختونخوا ۾ ڪل 114 چورس ڪلوميٽرن جي علائقي ۾ بارودي مادي ۽ سرنگهن جي نشاندهي ڪئي وئي هئي

ڊي مائننگ جي ان خطرناڪ ڪارروائين دوران پاڪ فوج جا 5 جوان شهيد ۽ 115 جوان پنهنجي هٿن پيرن کان محروم ٿي چڪا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فوج طرفان خيبرپختونخوا جي قبائلي علائقن ۾ خوارجين جي ڇڏيل ڌماڪيدار مادي ۽ سرنگهن کي ختم ڪرڻ جو عمل تيزي سان جاري آهي دهشتگردي خلاف جنگ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي معاملن بابت وزيراعظم جي ڪوآرڊينيٽر

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

5. Ekonomik İşbirliği Teşkilatı Ticaret Bakanları Toplantısı
The 5th Economic Cooperation Organization Ministerial Meeting on Commerce and Foreign Trade
İstanbul, 24 - 26 November 2025
IRAN
TÜRKİYE
PAKISTAN
KYRGYZSTAN
استنبول: مواصلات وارو وفاقي وزير عليم خان اقتصادي سهڪار تنظيم جي وزيرن واري گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

قومي اسيمبليءَ جي جاري اجلاس لاءِ پينل آف چيئرپرسنز جو اعلان

اسلام آباد(اي پي پي) قومي اسيمبليءَ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وائيٽ هائوس تي فائرنگ جو واقعو، افغان طالبان رجيم پوري دنيا جي امن لاءِ سنگين خطرو

افغان نيٽ ورڪس يورپ ۽ اتر آمريڪا تائين پکڙجي چڪا آهن جيڪي عدم استحڪام جو سبب بڻجن پيا

وائيٽ هائوس ويجهو رحمان الله لاڪانوال نيشنل گارڊ جي اهلڪارن تي فائرنگ ڪري شديد زخمي ڪري ڇڏيو

هن شڪي شخص 2024ع ۾ پناهه جي درخواست ڏني هئي جيڪا اپريل 2025ع ۾ ٽرمپ انتظاميه منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (اي پي پي) وائيٽ هائوس تي فائرنگ جي واقعي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته افغان طالبان رجيم سڄي دنيا جي امن لاءِ سنگين خطرو آهن. واشنگٽن ۾ فائرنگ جو واقعو هڪ وڏي عالمي پيٽرن جو حصو ڏسڻ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اليڪشن ڪميشن ننڍي چونڊ ۾ ن ليگ جي 5 اميدوارن جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن ننڍي چونڊ ۾ ڪامياب 5 نون چونڊيل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: متحده عرب امارات جو قونصل جنرل بخيت عتيق خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي. ميئر مرتضيٰ وهاب پڻ موجود آهي

مملڪتي وزير فهد هارون سان لبنان جي سفير عبدالعزيز عيسي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) ڊيجيٽل ميڊيا بابت وزيراعظم جي خاص مددگار ۽

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ايف آءِ اي ۽ ايس اي سي پي وچ ۾ مني لانڊرنگ جي روڪٿام لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

ايڊيشنل ڊي جي اينٽي مني لانڊرنگ ونگ ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان ۽ ايس اي سي پي طرفان ڪمشنر عبدالرحمان وڙائچ صحيحون ڪيون

مني لانڊرنگ ريفرل يونٽ ذريعي ايس اي سي پي مني لانڊرنگ جا سمورا ريفرنس ايف آءِ اي اينٽي مني لانڊرنگ ونگ کي موڪليندي

ٽريننگ ۾ ريفرل سسٽم، ڪيس مئنيجمينٽ ۽ مالياتي تجزيي جي جديد گهرجن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو: ڌرين ۾ اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) ايف آءِ اي ۽ سيڪيورٽي ايڪسچينج ڪميشن آف

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڀارتي وفد آڪسفورڊ يونين جي مباحثي تان هٽ ڪڍي ويو، پاڪستان کي فتح

ڀارت پاڪستان خلاف عوامي جذبا ڀڙڪائڻ جي حڪمت عملي تي جوابدهي بدران فرار ٿي ويو

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آڪسفورڊ يونين جي تصديق ٿيل مباحثي تان ڀارتي هٽ ڪڍي ويو جنهن کانپوءِ پاڪستان کي بنا

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري ۽ پرڏيهي سفارتڪار بوٽا پوکي رهيا آهن

غني امان ۽ سرمد ميراڻي خلاف داخل ڪيس خارج ڪرڻ واري درخواست رد، ضمانت منظور

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود آئيني عدالت جي ٻه رڪني بينچ محفوظ ڪيل فيصلو

دهشتگردي ڪورٽ عدالت ٻنهي جڻن جي 50هزار جي عيوض ضمانت منظور ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ موجود آئيني عدالت جي جسٽس يوسف علي سعيد ۽ جسٽس مبين لاکي تي ٻڌل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪسٽم اختيارين جو ڇاپو اسمگل ٿيل زعفران جون 310 بورين هٿ

پاڪستان ڪسٽم انفورسمينٽ اسمگلنگ مهم تحت جوڙيا بازار ۾ آپريشن

اسمگل ٿيل 3720 ڪلو زعفران جون بورون هٿ ڪيون ويون، ماليت 5.58 ملين رپيا آهي:

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڪسٽم انفورسمينٽ ڪراچي ۾ اسمگلنگ مهم جي تحت انٽيليجنس تي ٻڌل ڪامياب

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندران عورت جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش هٿ آيو، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

عدالت شيخ حسينه کي 21 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي، پٽ ۽ ڌيءَ کي 5، 5 سال قيد

شيخ حسينه بنگلاديش مان فرار ٿيڻ کانپوءِ ڀارت ۾ ترسيل، بار بار عدالتي حڪمن کي نظرانداز ڪري چڪي

عدالت اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي رياستي اثاثن کي ذاتي ملڪيت طور تي استعمال ڪرڻ جو ڏوهي قرار ڏنو

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي عدالت گذريل ڏينهن اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي ڪرپشن جي الزام ۾ 21 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. ان کان اڳ ڪيس

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسپيڪر اويس قادر شاهه ڪويت مان آيل وفد سان گڏ بيٺل آهي

گهرو وزير جي هنگو چيڪ پوسٽ تي حملي ۾ شهيد ٿي ويل 3 پوليس اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي هنگو ۾ چيڪ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

چين ۾ ريل جي ٽڪر سبب ريلوي جا 11 ورڪر فوت

بيجنگ (اي پي پي) چين ۾ ريل جي ٽڪر

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران پاڪستان ۽ بحرين جي مضبوط لاڳاپن کي معاشي تعاون ۾ تبديل ڪرڻ جو عزم، پاڪستان ۾ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

پاڪستان معاشي سڌارن ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ ترقي جي نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي: وزيراعظم

زراعت، آءِ ٽي، معدنيات، توانائي ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا نوان دروازا کليل آهن. بحرين جا سيڙپڪار پاڪستان اچن ۽ اسان سان ڀائيواري ڪن. اسان هر ممڪن سهولت فراهم ڪنداسين

پاڪستان وٽ افرادي قوت، وسيلن، اڀرندڙ منڊيءَ، اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بيهڪ ۽ نوجوانن جي وڏي طاقت آهي. پاڪستان ۽ خليج تعاون ڪائونسل جي وچ ۾ آزاد واپار جو معاهدو حتمي مرحلن ۾ آهي

بحرين ۽ پاڪستان ٻه ڀائر ملڪ آهن ۽ اسان جا لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل آهن. اهي لاڳاپا ثقافتي، مذهبي، گڏيل احترام ۽ اعتماد تي ٻڌل آهن ۽ اهو اسان جي لاڳاپن جو ٿنڀ آهي

پاڪستان ۾ آبادي جي اڪثريت نوجوانن تي ٻڌل آهي نوجوان اسان جي طاقت آهن اسان جي 60 سيڪڙو نوجوانن جي عمر 15 کان 30 سالن جي وچ ۾ آهي، نوجوان آبادي هڪ چئلينج، وڏي نعمت ۽ هڪ موقعو به آهي

اهو ئي وقت آهي ته ان موقعي مان فائدو کنيو وڃي ڇو ته وقت ۽ لهر ڪنهن جو انتظار ناهي ڪندي، اهو ڏسي دلي خوشي ٿئي ٿي ته بحرين ۾ اسان جي متحرڪ پاڪستاني ڪميونٽي موجود آهي: وزيراعظم شهباز شريف جو تقريب ۾ خطاب

منامه (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ بحرين جي مضبوط لاڳاپن کي معاشي تعاون ۾ تبديل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ۽ بحرين جي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان معاشي سڌارن ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ ترقي جي نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي. زراعت، آءِ ٽي، معدنيات،

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

منامه: وزيراعظم شهباز شريف بحرين جي ڊپٽي وزيراعظم پاران ڏنل آجياڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي، ٻئي طرف هو وزيرن سان گڏ بيٺل آهي

نائب وزيراعظم جي بحرين جي ناڻي وزير شيخ سلمان بن خليفه الخليفه سان ملاقات

ٻنهي ڀائر ملڪن ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو

منامه/اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بحرين جي ناڻي ۽ قومي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

گڏيل عرب امارتن سان لاڳاپن جو قدر ڪريون ٿا: سينيٽ چيئرمين

گڏيل عرب امارتن جي ڀرپور شرڪت ڪانفرنس جي مباحثي کي وڌيڪ مؤثر بڻايو

پاڪستان شيخ محمد بن زيد النهيان جي ايندڙ پاڪستان جي دوري جو منتظر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان گڏيل عرب امارتن سان پنهنجن

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پشاور ڌماڪي ۾ استعمال ٿيل موٽر سائيڪل چوريءَ جي نڪتي

موٽرسائيڪل راولپنڊي مان چوري ٿي ۽ لاڳاپيل ٿاڻي ۾ ايف آءِ آر به داخل هئي

جاچ کانپوءِ وڌيڪ اڳڀرائيءَ جي حوالي سان عوام کي آگاهه ڪيو ويندو: اعلي عملدار

پشاور (اي پي پي) پشاور ۾ ايف سي هيڊ ڪوارٽر تي ٿيل حملي جي سلسلي ۾ نئين معلومات سامهون آئي آهي ان موجب

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

قرآن حڪيم جو پيغام سڄي دنيا تائين پهچائڻ سڀني جي ذميواري آهي: سردار يوسف

مقابله حسن قرائت جي پڄاڻيءَ تي الله تعاليٰ جو شڪرانو ادا ڪريون ٿا: مذهبي معاملن جو وزير

پاڪستان کي عالمي مقابله حسن قرائت ڪرائڻ جو اعزاز حاصل ٿيو آهي، انشاءَ الله سلسلو جاري رهندو

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته قرآن حڪيم ذريعي اسان سڄي دنيا

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير جام خان شورو اجلاس جي صدارت دوران بريفنگ وٺي رهيو آهي

ثقافت کاتو محدود مالي وسيلن باوجود، فنڪارن جي هر ممڪن مدد ڪري پيو: ذوالفقار شاهه

18 هين ترميم کانپوءِ وفاق سڌي طرح فنڊنگ نٿو ڪري، وزارتون ورهائجي ويون آهن

سياحت واري وزارت جي بجيٽ گهٽ آهي، اسان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ڪم ڪري رهيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ثقافت واري وزير سيد ذوالفقار علي شاهه چيو آهي ته محدود مالي وسيلن جي باوجود، سنڌس

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اقليتين لاءِ سهولت ڊيسڪ قائم، ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد افتتاح ڪيو

تقريب ۾ ايم پي اي مهيش ڪمار، انيل ڪمار، ڪنول جيون، سريندر ولاسائي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سهولت ڊيسڪ جو مقصد برادري جي مسئلن کي مؤثر طريقي سان حل ڪرڻ آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو جي هدايتن تي ڪراچي پوليس آفيس ۾ اقليتي برادري لاءِ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

هانگ ڪانگ ۾ رهائشي عمارت ۾ باهه، 44 ماڻهو فوت، 100 زخمي

عمارت جي مرمت دوران استعمال ٿيل مواد سبب باهه تيزي سان پکڙجي وئي

شعلا بانس جي اسڪيفولڊنگ تائين پهچي ويا جيڪي عمارت جي اندر رنگ روغن لاءِ لڳايا ويا

بيجنگ (اي پي پي) چين جي شهر هانگ ڪانگ ۾ رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب فوتين جو انگ 44 ٿي ويو آهي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ متبادل توانائي جي ذريعن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي: اويس لغاري

پاڪستان جي توانائي جي شعبي ۾ پهريون ڀيرو مستقبل لاءِ پاليسي ٺاهي پئي وڃي

مشڪل فيصلا به ڪرڻا پيا آهن، وچ وارين ڪمپنين جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻايو پيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد خان لغاري چيو آهي ته ملڪ ۾ متبادل توانائي جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

INAUGURATED BY
ڪراچي: ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد ۽ سٽي پوليس چيف جاويد عالم اوڍو اقليتي ڊيسڪ جي افتتاحي تقريب ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيا آهن

ايف ايف سي ۽ ڪورٽيوا ۾ مکئي جي ويليو چين کي جديد بڻائڻ لاءِ ايم او يو تي صحيحون

تقريب ۾ جهانگير پراچا، محمد علي جنجوعه، سالار ملڪ، فيضان الرحمان صديقي ۽ ٻين جي شرڪت

پارٽنرشپ هارين لاءِ جديد ٻج، ٽيڪنالاجي ۽ ايڪسپورٽ گريڊ جا موقعا فراهم ڪندي

ڀائيواري مکئي جي شعبي کي مضبوط، مربوط ۽ اعليٰ معيار جو بڻائڻ جي طرف اهم قدم قرار

اسلام آباد(پ ر) فوجي فرٽيلائزر ڪمپني لميٽيڊ (ايف ايف سي) ۽ ڪورٽيوا ايگري سائنس پاڪستان ۾ مکئي جي ويليو چين

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

قطر ۽ پاڪستان ۾ تعليم ۽ ووڪيشنل ٽريننگ جي شعبن ۾ تعاون وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق

مملڪتي وزير وجيهه قمر قطر جي تعليم واري وزير لولوه بنت راشد الخاطر سان ملاقات ڪئي، گڏيل سهڪار تي ڳالهيون

فني سهڪار ۽ تعليمي گورننس ۽ اسڪلز ڊولپمينٽ جي بهترين تجربن جي مٽاسٽا لاءِ منظم فريم ورڪ جوڙڻ تي اتفاق ڪيو ويو

دوحا (اي پي پي) وفاقي تعليم ۽ پيشيوراڻي تربيت واري مملڪتي وزير وجيهه قمر قطر جي تعليم واري وزير لولوه بنت راشد الخاطر سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ تعليم ۽ ووڪيشنل ٽريننگ جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسان جي پرپاسي دنيا هڪ ناقابل تصور رفتار سان تبديل ٿي رهي آهي: جنرل ساحر شمشاد

اهڙين حالتن ۾ اسان جي هٿياربند فوج کي وڌيڪ هم آهنگي، گڏيل تعاون ۽ مڪمل مقصد لاءِ تيار رهڻو پوندو

مان ان ڳالهه کي ضروري سمجهان ٿو ته هڪ مڪمل بااختيار ۽ مناسب صلاحيت سان تيار هٿياربند فوج نظام لاءِ هڪ عملي ضرورت آهي

ٽنهي هٿياربند فوجن خاص ڪري جوائنٽ اسٽاف هيڊ ڪوارٽرز لاءِ پنهنجون نيڪ تمنائون ۽ دعائون پڻ پيش ڪريان ٿو: الوداعي تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) عهدو ڇڏيندڙ چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا نشان امتياز "ملٽري" چيو آهي ته اسان جي پرپاسي دنيا هڪ ناقابل تصور رفتار سان تبديل ٿي رهي آهي ان حالتن ۾ اسان جي هٿياربند فوج کي وڌيڪ هم آهنگي، گڏيل تعاون ۽ مڪمل مقصد لاءِ تيار رهڻو پوندو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران ايندڙ مالي سال لاءِ 1.018 ٽريلين رپين جي رڪارڊ ترقياتي بجيٽ جو اعلان

ڪراچي ۾ مڪاني حڪومت کاتي جي وڏين ترقياتي منصوبن لاءِ وڏي رقم 85.5 ارب رپيا رکي وئي

بجيٽ ۾ ٻوڏ متاثر تعليمي منصوبن سميت ۽ صحت جي سهولتن جي بحالي ۽ زرعي قدر ۾ اضافي لاءِ رقم رکيل

آبپاشي ۽ پاڻي بچت واري نظام جي بهتري سميت شهرن ۽ ڳوٺن وچ ۾ رابطن جا سڌارا آڻڻ پڻ شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن صوبائي ترقياتي پورٽ فوليو 2025-26 جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ ايندڙ مالي سال لاءِ 1.018 ٽريلين رپين جي رڪارڊ ترقياتي بجيٽ جو اعلان ڪيو. هن رڪارڊ رقم مان وڏي رقم 85.5 ارب رپيا مڪاني حڪومت کاتي هيٺ ڪراچي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

هاڻوڪي ننڍي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل 4 قومي اسيمبلي جي ميمبرن حلف کڻي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) هاڻوڪي ننڍي چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل 6 مان 4 قومي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جي اجلاس ۾ لعل بخش ڀٽو ۽ سينيٽ جي سيڪريٽري حسنين حيدر جي امڙ جي لاڏاڻي ۽ ٻين فوت ٿي ويلن لاءِ فاتحه خواني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي اجلاس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ضمني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندڙن کي تنقيد جو حق ناهي، پي ٽي آءِ جي قول ۽ فعل ۾ تضاد آهي: عطاءُ الله تارڙ

اهي پنهنجون سياسي غلطيون لڪائڻ جي لاءِ الزام هڻن ٿا، جڏهن عدالتون انهن کان ثبوت گهرن ٿيون ته اهي تاريخون وٺن ٿا

اسد قيصر جي دور ۾ ايوان جي اڌ فرنٽ لائين جيلن ۾ هئي پر اسان پوءِ به ڳالهيون ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا هئاسين

اليڪشن کان بائيڪاٽ جو فيصلو انهن جي پنهنجي پارٽي جو هو، هاڻي ڌانڌلي جو الزام هڻي گوڙ ڪري رهيا آهن

پنهنجي سياسي غلطي کي لڪائڻ جي لاءِ هن ايوان، اسپيڪر ۽ ميان نواز شريف تي الزام هڻڻ انهن جو شرمناڪ عمل آهي: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ضمني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندڙن کي تنقيد جو ڪو حق نه آهي، پي ٽي آءِ جي قول ۽ فعل ۾ تضاد آهي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جو خاص معاون فهد هارون لبنان جي سفير سان هٿ ملائيندي

ڪويت کان آيل اعليٰ سطحي وفد جي سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ شرڪت، شاندار آجيان

پ پ سينئر اڳواڻ چوڌري منظور جي سان گڏ آيل وفد اسپيڪر اويس قادر شاهه سان ملاقات ڪئي

پارلياماني تعاون، ٻطرفا لاڳاپن، واپار، تعليمي رابطن ۽ مستقبل ۾ ادارتي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪويت کان آيل اعليٰ سطحي وفد سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اسپيڪر سنڌ اسيمبلي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي پوليس مقابلن کانپوءِ ٽي زخمي جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪن مختلف هنڌن تي پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ ٿيل مبينا مقابلي کانپوءِ ٽن ملزمن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سماج ۾ مثبت پيغام پهچائڻ ضروري آهي، فلمي ۽ ميڊيا منصوبن کي جلد مڪمل ڪيو وڃي: شرجيل ميمڻ

ميڊيا ذريعي صوبي ۾ جاري ميگا منصوبن ۽ ترقياتي ڪمن جي بروقت ۽ مؤثر تشهير ڪئي وڃي

اطلاعات کاتي جي پروڊڪشن کي جديد ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ فني معيار بهتر بڻائڻ جي هدايت

اهڙو مواد تيار ڪيو وڃي جيڪو صوبي جي ثقافت، عوامي مفاد، سرڪاري ڪارڪردگي کي اجاگر ڪري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اطلاعات کاتي کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ فلم ۽ پروڊڪشن جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

بلوچستان ۾ بجليءَ جي شارٽ فال کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا ويندا: طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير طارق فضل چوڌري چيو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

نيپرا جي ڊسڪوز جي آڪٽوبر مهيني جي فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي حوالي سان عوامي ٻڌڻي مڪمل

اسلام آباد (اي پي پي) نيپرا ڊسڪوز جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سينيٽ ۾ ڪمزور طبقن تي گهريلو تشدد کان تحفظ ۽ بحاليءَ لاءِ جامع نظام جوڙڻ جو بل منظور

سينيٽ جي اجلاس ۾ پيپلزپارٽي جي سينيٽر شيري رحمان اهو بل ايوان ۾ پيش ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي

صدر نشين سينيٽر شهادت اعوان ايوان مان بل جي شق واري منظوري ورتي، بعد ۾ ايوان بل جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ ۾ ٻارن، عورتن، مردن ۽ ڪڙن فقيرن سميت ڪمزور

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

عالمي مالياتي ادارن سان پاڪستان جي حصيداري ۾ يو اي اي جي مدد واکاڻ جوڳي آهي: محمد اورنگزيب

يو اي اي سان خاص ڪري اسٽريٽجڪ، معاشي ۽ ثقافتي شعبن ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ سندس سفارتي ترجيح رهندو

متحده عرب امارات جي نئين سفير پاڪستان ۾ پنهنجون سفارتي ذميواريون سنڀالڻ کانپوءِ گرمجوشي سان آجيان تي شڪريو ادا ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته واپار، سيڙپڪاري، مٽاسٽا جي ناڻي، بين الحڪومتي تعاون ۽ عالمي مالياتي ادارن سان پاڪستان جي حصيداري ۾ يو اي اي جي اهم مدد واکاڻ جوڳي آهي، پاڪستان يو اي اي سان پنهنجن پائدار لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

10TH SESSION
OF PAKISTAN-RUSSI
اسلام آباد: پاڪستان ۽ روس وچ ۾ توانائي جي شعبي ۾ سهڪار بابت ٺاهه ڪيو پيو وڃي

بقايا 1 وزيراعظم

توانائي ۽ ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا نوان دروازا کليل آهن. بحرين جا سيڙپڪار پاڪستان اچن ۽ اسان سان ڀائيواري ڪن. اسان سيڙپڪاري، گڏيل منصوبن ۽ ڪاروباري تعاون جي لاءِ هر ممڪن سهولت فراهم ڪنداسين. پاڪستان وٽ افرادي قوت، وسيلن ايرنڊ منڊيءَ اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بيهڪ ۽ نوجوانن جي وڏي طاقت آهي. پاڪستان ۽ نار تعاون ڪائونسل جي وچ ۾ آزاد واپار جو معاهدو حتمي مرحلن ۾ آهي اهو معاهدو واپاري لاڳاپن کي نئين بلندين تائين پهچائيندو. هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه خميس ڏينهن ڪاروباري برادري جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم چيو ته انتهائي پنهنجائپ ۽ گرمجوشي سان پليڪار چوڻ تي بحرين جي حڪومت ۽ عوام جو شڪرگذار آهيان اسان پنهنجي بحريني ڀائرن خاص طور تي شاهه بحرين ۽ ولي عهد ۽ وزيراعظم جي مهمان نوازي مان مستفيد ٿيا آهيون جهڙي انداز ۾ اسان جو استقبال ڪيو ويو اهو سدائين اسان کي ياد رهندو بحرين اچي ائين محسوس ٿي رهيو آهي جيئن اسان پنهنجي ئي گهر آيا آهيون وزيراعظم چيو ته بحرين ۽ پاڪستان ٻه ڀائر ملڪ آهن ۽ اسان جا لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل آهن اهي لاڳاپا ثقافتي، مذهبي، گڏيل احترام ۽ اعتماد تي ٻڌل آهن ۽ اهو اسان جي لاڳاپن جو ٿنڀ آهي. وزيراعظم چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ تعاون ڪيترن ئي ڏهاڪن کان موجود آهي پر اڄ هو انهن لاڳاپن کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ آيو آهي. وزيراعظم چيو ته شاهه حمد بن عيسيٰ الخليفه ۽ ولي عهد ۽ وزيراعظم کي چيو آهي ته پاڪستان ڀائر ملڪ بحرين سان زراعت، آءِ ٽي اي آءِ فن ٽيڪ ۽ ٻين سمورن شعبن سميت اقتصادي تعاون کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. اسان انهن شعبن ۾ پنهنجي ڪوشش علم تجربي ۽ هڪ ٻئي سان تعاون جي عزم جي ذريعي هم آهنگي پيدا ڪري سگهون ٿا. وزيراعظم چيو ته سندس دوري جو مقصد اقتصادي شعبن ۾ نئين اڳڀرائي آڻڻ آهي. شاهه بحرين ۽ ولي عهد ۽ وزيراعظم جي پاڪستان سان اٿاهه وابستگي تي سندن ٿورائتو آهيان. وزيراعظم چيو ته اسان جي ملاقاتن جو ماحول بلڪل هڪ خاندان جي گڏجي ويهڻ جهڙو هو ۽ اهي ملاقاتون انتهائي بامقصد ۽ ڪارائتيون رهيون آهن. انهي بنياد تي آئون چئي سگهان ٿو ته آئون هتي مهمان نه آهيان پر پنهنجي خاندان جي ماڻهن، پنهنجي بحريني ڀائرن ۽ ڀينرن سان ملڻ آيو آهيان. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ آبادي جي اڪثريت نوجوانن تي ٻڌل آهي. نوجوان اسان جي طاقت آهن اسان جي 60 سيڪڙو نوجوانن جي عمر 15 کان 30 سالن جي وچ ۾ آهي. نوجوان آبادي هڪ چئلينج، وڏي نعمت ۽ هڪ موقعو به آهي جيئن چوڻي موجب اهو هڪ چئلينج به آهي ۽ هڪ زبردست موقعو به آهي اسان پنهنجي نوجوانن کي بااختيار بڻائي ان چئلينج کي عظيم موقعي ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهيون انهن کي آءِ ٽي، اي آءِ، فني ۽ پيشيوراڻي مهارت ۽ ٻين شعبن ۾ تربيت ڏئي ان چئلينج کي موقعي ۾ بدلائينداسين ۽ پنهنجي بحريني ڪاروباري ڀائرن سان گڏجي اسان انهن شعبن ۾ هڪ زبردست قوت بڻجنداسين وزيراعظم چيو ته اهو ئي وقت آهي ته ان موقعي مان فائدو کڻيو وڃي ڇو ته وقت ۽ لهر ڪنهن جو انتظار ناهي ڪندي اهو ڏسي دلي خوشي ٿئي ٿي ته بحرين ۾ اسان جي متحرڪ پاڪستاني ڪميونٽي هڪ لک کان وڌيڪ جي انگ ۾ موجود آهي. اها ڪميونٽي اسان جي لاءِ فخر جوڳي آهي. جنهن ته ملڪ جو سون دورو ڪيو آهي سون پاڪستاني ڪميونٽي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ۽ سون اٿي پاڪستانين جا داستان ٻڌا آهن جن جي پاڪستان سان محبت ڪڏهن گهٽ ناهي ٿي جيتوڻيڪ هنن پنهنجي صلاحيتن ۽ محنت کي ٻين ملڪن ۽ ثقافتن جي ترقي جي لاءِ وقف ڪري رکيو آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستاني سچائپ ڪنهن جاگرافيائي جي پابند نه آهي جتي به هجن اها سچائپ انهن پاڪستانين جي دلين ۾ موجود هوندي آهي. هتي بحرين ۾ به اهو ئي جذبو ڪنهن شڪ کان مٿانهون واضح طور تي نظر اچي ٿو عظيم پاڪستانين کي بحرين ۽ پاڪستان ٻنهي جي لاءِ خدمتن تي سلام پيش ڪريان ٿو اهي پاڪستان جا عظيم سفير آهن ۽ پاڪستان جي قومي معاشي ترقي ۾ حصو وجهڻ تي انهن تي فخر آهي وزيراعظم چيو ته بحرين ۾ رهندڙ پاڪستانين جي محنت ۽ ڪوشش سان ڪمايل رقم قيمتي مٽاسٽا جي ناڻي جي شڪل ۾ گذريل مالي سال دوران 48 ڪروڙ 40 لک ڊالر تائين رهي اهو انتهائي قابل قدر آهي. شاهه بحرين جي پاڪستانين جي لاءِ فراخدلاڻي حمايت تي ان جو ٿورائتو آهيان. وزيراعظم چيو ته پاڪستاني ڀائرن ۽ ڀينرن کي گذارش ڪندس ته اهي نه رڳو پاڪستان پر بحرين جا به عظيم سفير بڻجن ڇو ته پاڪستان ۽ بحرين هڪ جان ٻه دل آهن ۽ اسان جي دل گڏ ڌڙڪي ٿي. مون کي يقين آهي ته توهان پنهنجي زبردست خدمتن سان پنهنجي بحريني ڀائرن ۽ ڀينرن کي پاڻ تي فخر ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا، توهان جي لاءِ پاڪستان ۽ منهنجا دروازا سدائين کليل رهندا. وزيراعظم چيو ته شاهه حمد بن عيسيٰ الخليفه جي دور انديش، متحرڪ ۽ دانشمنداڻي قيادت ۽ بحرين جي ولي عهد ۽ وزيراعظم جي عظيم قيادت ۽ رهنمائي ۾ بحرين معاشي ترقي، مالياتي جدت ۽ انساني مرڪزيت تي ٻڌل ترقي ڪئي هڪ مشعل جي طور تي ابريو آهي. پاڪستان بحرين جي ترقي جي ماڊل کان تمام گهڻو متاثر آهي هن چيو ته پاڪستان وسيع موقعن، هنرمندي، وسيلن ۽ صارفين جي وڌندڙ انگ واري مارڪيٽ رکندڙ ملڪ آهي جيڪو اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بيهڪ رکي ٿو بحرين جي مالياتي مهارت، ڪاروباري بصيرت ۽ عالمي موقف جي حصيداري ٿي وڃي ته پاڪستاني منڊيون وسيع امڪان رکندڙ آهن. هن چيو ته پاڪستان ڍانچاجاتي سڌارن جي عمل مان گذري رهيو آهي جيڪو معاشي سڌارن ڊيجيٽل جدت ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ ترقي جي لاءِ فيصلائتو ڪردار رکندڙ بڻجي چڪو آهي. اسان سرخ ڦيتن جي رڪاوٽن کي سدائين جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي ضابطن کي مضبوط بڻايو آهي. زرعي ڪاروبار، آءِ ٽي، معدنيات، توانائي ۽ سياحت جهڙي نئين شعبن ۾ ڊگهي مدي واري ڀائيواري جي لاءِ کولي ڇڏيا آهن وزيراعظم چيو ته بحرين جو نائب وزيراعظم ٿانيواري وزير صنعت وارو وزير پرڏيهي وزير ۽ بحرين جي ڪاروباري ادارن جا سيڙپڪار پاڪستان اچن اسان توهان سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا، توهان جي عظيم تجربي ۽ مهارت مان اسان سکنداسين، توهان پنهنجي مشوري ۽ علم سان پاڪستان جي صنعت ۽ زراعت کي متحرڪ بڻايو

بقايا 2 جنرل ساحر شمشاد

پاڪ فوج جي شعبي آءِ ايس پي آر موجب اهڙو اظهار هن ڪالهه پنهنجي ماڻ ۾ رٿيل جوائنٽ اسٽاف هيڊ ڪوارٽرز ۾ الوداعي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو جنرل ساحر شمشاد مرزا چيو ته اسان جي پرپاسي دنيا هڪ ناقابل تصور رفتار سان تبديل ٿي رهي آهي ان تبديليءَ سان اسان جي اندرين ۽ ٻاهرين آزمائشن تي گهرا اثر پئجي رهيا آهن هي اثر هائبرڊ چڪتاڻ کان وٺي جنگ تائين ٻڌل آهن هن چيو ته ان حالتن ۾ اسان جي هٿيار بند فوج کي وڌيڪ هم آهنگي گڏيل تعاون ۽ مڪمل مقصد سان تيار رهڻو پوندو

بقايا 3 بجيٽ جو اعلان

وڏين ترقياتي منصوبن لاءِ رکي وئي آهي جن ۾ پاڻي ۽ نيڪال جي اهم اسڪيمون شامل آهن جيئن K-IV، KWSSIP-II حب ڪينال نوان برساتي نالا ۽ ٻيون 228 اسڪيمون. وڏي وزير چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه کي هدايت ڪئي ته هو انهن منصوبن جي اڳڀرائي جو مسلسل جائزو وٺي ۽ فنڊ وقت سر جاري ڪرائي. وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت موسمياتي لچڪدار جامع ۽ منصفاڻي ترقي جي پابند آهي جيڪا عوامي خدمتن کي مضبوط ڪري ٿي، ڪمزور طبقي جي تحفظ کي يقيني بڻائي ٿي ۽ پائيدار ترقيءَ جي هدفن (SDGs) ڏانهن اڳڀرائيءَ کي تيز ڪري ٿي. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي، اسپيشل سيڪريٽري ناڻو اصغر ميمڻ ۽ ٻيا آفيسر شرڪت ڪري رهيا هئا. ترقياتي حڪمت عملي 2025—26: مراد علي شاهه چيو ته صوبائي ترقياتي حڪمت عملي جو مرڪز موسمياتي لچڪدار انفراسٽرڪچر جي تعمير آهي جنهن ۾ عمارتون، روڊ ۽ رهائش شامل آهن. ٻوڏ متاثر تعليمي ۽ صحت جي سهولتن جي بحالي، زرعي قدر ۾ اضافي لاءِ ويليو چين کي مضبوط ڪرڻ ۽ موسمياتي موافقت رکندڙ طريقن کي هٿي ڏيڻ، زرعي، صنعتي ۽ شهري استعمال لاءِ آبپاشي ۽ پاڻي جي بچت واري نظام جي بهتري، محفوظ پيئڻ جي پاڻي ۽ جديد نيڪال خدمتن جو فروغ، ۽ شهرن ۽ ڳوٺن جي وچ ۾ رابطن جي سڌارڻ شامل آهن. هن وڌيڪ چيو شهري مرڪزن لاءِ ماس ٽرانزٽ سسٽم جي ترقي، سماجي تحفظ ۽ غربت ۾ گهٽتائيءَ جي پروگرامز جو فروغ ۽ SDGs سان هم آهنگ جامع ترقي اسان جون اهم ترجيحون آهن. ADP 2025—26 ۾ رقمون: اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته اهم شعبن ۾ پاڻي، صفائي (WASH) ۽ ميونسپل خدمتون شامل آهن. PHED جون 293 اسڪيمون 85.5 ارب رپين جي لاڳت سان ڪراچي جا اهم منصوبا جهڙوڪ K-IV، KWSSIP-II، حب ڪينال، نوان برساتي نالا ۽ بلديات کاتي جون 228 اسڪيمون شامل آهن. SPHF ذريعي 5100 ٻهارن لاءِ WASH سهولتون پڻ شامل آهن. روڊن جو انفراسٽرڪچر: اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ورڪس اينڊ سروسز کاتي هيٺ 620 روڊن جا منصوبا جاري آهن. ڪراچي ۾ اهم منصوبا ڪورنگي ڪاز وي برج، نوان انڊرپاس، لياقت آباد ٽرانسفارميشن پيڪيج ۽ CLICK پروگرام تحت اپ گريڊ شامل آهن. سنڌ فلڊ ايمرجنسي بحالي منصوبي تحت 970 ڪلوميٽر روڊن جي بحالي پڻ جاري آهي. ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ: بي آر ٽي ريڊ لائين ۽ يلو لائين جي تعمير، انٽرا سٽي بسن کي وڌائڻ ۽ عورتن لاءِ وڌيڪ برقي بائيڪون شامل آهن. وڏي وزير صوبائي وزير ٽرانسپورٽ شرجيل ميمڻ کي وڌيڪ برقي بسون ۽ بائيڪون مهيا ڪرڻ لاءِ سمري پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. توانائي: سيڪريٽري ناڻي وڏي وزير کي ٻڌايو ته سنڌ سولر انرجي پراجيڪٽ ۽ مختلف سولر هوم سسٽم پروگرامز لاءِ گهربل فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. هي اسڪيم Special Initiative for Renewable Energy (25 ارب رپيا) هيٺ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 4 حلف کڻي ورتو

اسيمبلي جي ميمبرن حلف کڻي ورتو ڪالهه قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ اين اي 104 فيصل آباد مان دانيال احمد، اين اي 129 لاهور مان محمد نعمان، اين اي 143 مان محمد طفيل ۽ اين اي 185 مان ڪامياب ٿيل مسلم ليگ (ن) جي ميمبر محمود وقار خان حلف کڻي ورتو قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ڪانئن حلف ورتو اسيمبلي ميمبرن رول تي صحيحون ڪيون جڏهن ته اسپيڪر طرفان نون چونڊيل ميمبرن کي مبارڪون ڏنيون ويون

بقايا 5 فاتحه خواني

۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ لعل بخش ڀٽو ۽ سينيٽ جي سيڪريٽري حسنين حيدر جي امڙ جي لاڏاڻي ۽ ٻين فوت ٿي ويلن لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي. ڪالهه سينيٽ جي اجلاس ۾ سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني سينيٽر شهادت اعوان کي ان فوت ٿي ويل ماڻهن لاءِ فاتحه خواني جي هدايت ڪئي جنهن تي هن دعا ڪرائي

بقايا 6 عطاء الله تارڙ

پنهنجون سياسي غلطيون لڪائڻ جي لاءِ الزام هڻن ٿا، جڏهن عدالتون انهن کان ثبوت گهرن ٿيون ته اهي تاريخون وٺن ٿا، بابر نواز خان کي فتح تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ڪالهه خميس ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر جي دور ۾ ايوان جي اڌ فرنٽ لائين جيلن ۾ هئي پر اسان پوءِ به ڳالهيون ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا هئاسين جڏهن ڪشمير تي اجلاس گهرايو ويو ته انهن جو ليڊر نه آيو جڏهن ته اسان جو اپوزيشن ليڊر ان وقت اجلاس ۾ موجود رهيو سمورين حرڪتن ۽ ڪوششن جي باوجود ميان شهباز شريف چيو هو ته ميثاق جمهوريت جي لاءِ تيار آهيان اسان سان ڳالهه ڪريو پر هي ان وقت نعرا لڳائيندا ۽ ٻرو ٻلو ڇوندا هئا جڏهن ته اسان ملڪ جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين اڃا به قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کين ڪيترائي ڀيرا ڳالهين جي لاءِ چيو ڪميٽي به ٺهي مرحوم عرفان صديقي ان ڪميٽي جو ميمبر هو پر پي ٽي آءِ ڳالهين جي عمل کي سبوتاز ڪيو انهن جي ياد محدود آهي. ضمني چونڊن ۾ انهن پاڻ بائيڪاٽ ڪيو جيڪو ميدان ۾ ڪيڏڻ نه آيو ته ان کي ضمني چونڊن تي ڳالهه ڪرڻ جو به ڪو حق نه آهي انهن سياسي عمل جو حصو بڻجڻ کان انڪار ڪيو اليڪشن کان بائيڪاٽ جو فيصلو انهن جي پنهنجي پارٽي جو هو هاڻي ڌانڌلي جو الزام هڻي ڪوڙ ڪري رهيا آهن. اطلاعات واري وفاقي وزير هري پور مان بابر نواز خان کي فتح حاصل ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هن بهترين اليڪشن وڙهي. سندس سامهون تمام وڏو سياسي خاندان هو خيبرپختونخواهه حڪومت، پوليس ۽ انتظاميا هئي ان جي باوجود بابر نواز خان انهن کان فتح کسي آيو

بقايا 7 شاندار آجيان

سيد اويس قادر شاهه ڪويت کان آيل اعليٰ سطحي وفد جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ سندن آمد کي سنڌ اسيمبلي لاءِ اعزاز قرار ڏنو. پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ چوڌري منظور جي سان گڏ ڪويت کان آيل وفد اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پارلياماني تعاون، ٻطرفا لاڳاپن، وايان تعليمي رابطن ۽ مستقبل ۾ اداراتي سهڪار وڌائڻ جي امڪانن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. اعليٰ سطحي وفد اسپيڪر جي قيادت ۽ پارلياماني عمل جي شفافيت جي ساراهه ڪندي چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ قانون سازي ۽ پارلياماني ڪارروائي جو معيار مثالي آهي. اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي قيادت تعريف جوڳي آهي.

بقايا 8 گرفتار

کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب ٻن زخمي جوابدارن کي فوري طبي امداد لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. ٻهرين مقابلو ملير ڪوکرا پار ڊگري ڪاليج جي ويجهو ٿيو جتي پوليس ۽ ڌوڙن جي وچ ۾ فائرنگ شروع ٿي مقابلي ۾ هڪ ملزم زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ 40 سالن جي عبدالعزيز جي نالي سان ٿي پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ پستول، چوري ٿيل موبائل فون ۽ نقدي هٿ ڪئي وئي.

بقايا 9 شرجيل ميمڻ

سيني فلمي ۽ ميڊيا منصوبن کي جلد مڪمل ڪيو وڃي ۽ صوبي ۾ جاري ميگا منصوبن ۽ ترقياتي ڪمن جي بروقت ۽ مؤثر طريقي سان تشهير ڪئي وڃي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ اطلاعات کاتي جي پروڊڪشن کي جديد ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ فني معيار بهتر بڻائڻ لاءِ به ضروري قدمن جي هدايت ڪئي آهي. اطلاعات کاتي جو هڪ اهم اجلاس سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ سندس آفيس ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جاري منصوبن بابت بريفنگ ورتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته ڪم کي هدف مطابق تيز ڪيو وڃي. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي سنڌ جي تحت هلندڙ فلمي منصوبن جي پيش رفت، اداري جي مجموعي حڪمت عملي ۽ قومي بيانيي کي اجاگر ڪرڻ سان لاڳاپيل معاملن تي تفصيل سان غور ڪيو ويو.

بقايا 10 طارق فضل

آهي ته بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ بجليءَ جي شارٽ فال کي گهٽائڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا ويندا. ڪالهه سينيٽ جي اجلاس ۾ سوالن جي وقفي دوران سينيٽرز جان محمد ۽ حاجي هدايت الله خان جي سوالن جا جواب ڏيندي هن چيو ته مڪران، ڏوبڙ، پشين، منڊ، مير جاوا، تافتان ۽ ٻين سرحدي علائقن لاءِ ايران کان بجلي خريد ڪئي ويندي آهي جنهن تي 18 رپيا في يونٽ لاڳت اچي ٿي جڏهن ته صارفين کي اها بجلي ٻين صارفين جي برابر اگهه تي فراهم ڪئي وڃي ٿي. هن خاطري ڪرائي ته بجلي جي شارٽ فال کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مؤثر قدم کنيا ويندا. هن چيو ته واپڊا جي ڊسٽري بيوشن ۽ جنريشن سميت ٻين شعبن جي ملازمن کي مفت بجلي ڏني وڃي ٿي جڏهن ته واڌو يونٽ هڻڻ تي عام صارفين جي حساب سان انهن کان بل وصول ڪيو وڃي ٿو.

بقايا 11 ٻڌڻي مڪمل

آڪٽوبر جي مهيني جي فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي حوالي سان عوامي ٻڌڻي مڪمل ڪري ورتي آهي نيپرا ترجمان طرفان جاري بيان موجب عوامي ٻڌڻي نيپرا جي چيئرمين وسيم مختار جي صدارت هيٺ ٿي عوامي ٻڌڻيءَ ۾ سي پي پي اي جي عهديدارن بزنس ڪميونٽي توانائي واري وزارت جي نمائندن صحافين ۽ عوام ڀرپور شرڪت ڪئي سي پي پي اي جي ايف سي اي جي مد ۾ تقريبن 65 پئسا في يونٽ گهٽتائيءَ جي درخواست جمع ڪرائي وئي هئي جيڪو صرف هڪ مهيني لاءِ ڊسڪوز سميت کي اليڪٽرڪ جي سمورن صارفين لائيف لائن پروٽيڪٽڊ صارفين، پري پيڊ صارفين ۽ اليڪٽرڪ وهيڪل چارجنگ اسٽيشنن تي ٿيندو. اٿارٽي سمورن لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز جي راين کي تسليءَ سان ٻڌو اٿارٽي ڏنا جي وڌيڪ جاچ پڙتال ڪانپوءِ پنهنجو تفصيلي فيصلو جاري ڪندي.

بقايا 12 بل منظور

طبقن تي گهريلو تشدد کان تحفظ ۽ بحاليءَ لاءِ جامع ۽ مؤثر نظام جوڙڻ جو بل منظور ڪري ورتو ڪالهه سينيٽ جي اجلاس ۾ سينيٽر شيري رحمان اهو بل ايوان ۾ پيش ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي رٿ جي منظوريءَ کان پوءِ هن اهو بل ايوان ۾ پيش ڪيو صدر نشين سينيٽر شهادت اعوان ايوان مان بل جي شق واري منظوري ورتي بعد ۾ ايوان بل جي منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا 13 محمد اورنگزيب

واري وزير اهڙو اظهار گذريل ڏينهن پاڪستان ۾ متحده عرب امارات جي نئين سفير سالم ايم سالم البواب الزعابي سان ملاقات ۾ ڳالهائيندي ڪيو متحده عرب امارات جي نئين سفير پاڪستان ۾ پنهنجون سفارتي ذميواريون سنڀالڻ ڪانپوءِ گرمجوشي سان آجيان تي شڪريو ادا ڪيو پاڪستان ۽ يو اي اي جي عوام وچ ۾ مضبوط تاريخي رابطن جو ذڪر ڪندي هن چيو ته پاڪستان جي پيشيوراڻي مهارت رکندڙ ماڻهن يو اي اي ۾ بئنڪاري، ماليات، دفاع ۽ پبلڪ ايڊمنسٽريشن سميت مختلف شعبن ۾ ڊگهي عرصي تائين اهم ڪردار ادا ڪيو آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته خاص ڪري اسٽريٽجڪ، معاشي ۽ ثقافتي شعبن ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ سندس سفارتي ترجيح رهندو ناڻي واري وزير نئين سفير جي آجيان ڪندي چيو ته پاڪستان يو اي اي سان پنهنجن ڀائراڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن وايان سيڙپڪاري، مٽاسٽا ۽ بين الحڪومتي تعاون ۽ عالمي مالياتي ادارن سان پاڪستان جي حصيداري ۾ يو اي اي جي اهم مدد کي ساراهيو ناڻي واري وزير ٻنهي ملڪن جي قيادت وچ ۾ تازي اعليٰ سطح جي رابطن کي به پراڻن ۽ مستحڪم لاڳاپن جي علامت قرار ڏنو ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي معاشي پاليسي جو رخ واپار کي هٿي ڏيڻ ۽ ڊگهي مدي واري سيڙپڪاري کي حاصل ڪرڻ تي آهي ۽ روايتي تعاون سان اڳتي وڌي رهي آهي هن بندرگاهن، ڊجيٽل بئنڪاري، لاجسٽڪس ۽ بنيادي ڍانچي جهڙن اهم شعبن ۾ جاري يو اي اي جي سيڙپڪاري کي ساراهيو ۽ يو اي اي جي خودمختيار فنڊن نجي شعبي ۽ عالمي ڪمپنين جي وڌيڪ شموليت جي حوصلا افزائي ڪئي هن آءِ ٽي، اي آءِ، فن ٽيڪ، زراعت، معدنيات، لاجسٽڪس ۽ اعليٰ تعليم ۾ تعاون جي وسيع امڪانن کي به اجاگر ڪيو يو اي اي جي سفير ناڻي واري وزير کي ٻڌايو ته معاشي تعاون ۾ اضافو سندس اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن ٻطرفو واپاري ڳانڍاپو وڌائڻ پاڪستاني ڪاروباري ادارن ۽ ٽيڪنالاجي ڪمپنين کي يو اي اي ۾ پنهنجي موجودگي وڌائڻ ۽ يو اي اي جي وڌيڪ سيڙپڪارن کي پاڪستان اچڻ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو هن زراعت، انفرا اسٽرڪچر، مائننگ، بندرگاهن، مالياتي خدمتن ۽ ورچوئل اثاثن سميت مختلف شعبن ۾ جاري سرگرمين جو حوالو پڻ ڏنو سفير پاڪستاني شهرين لاءِ يو اي اي حڪومت جي اهم ويزا پاليسي سڌارن تي به بريفنگ ڏني.

بقايا 14 اتفاق

مختلف شعبن ۾ ٻطرفي سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ بنيادي تعليم اسڪلز ڊولپمينٽ، فني ۽ ووڪيشنل ايجوڪيشن اينڊ ٽريننگ، استادن جي پيشيوراڻي تربيت ۽ ڊجيٽل لرننگ جهڙن اهم شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو. تعليم واري وزير ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته قطر ۽ پاڪستان جي وڌندڙ حصيداري نه رڳو تعليمي معيار، نوجوانن کي روزگار بابت مهارتن ۾ اضافو ڪندي پر ٻنهي ملڪن جي نوجوان نسل کي وڌيڪ بااختيار بڻائڻ ۾ به مددگار ثابت ٿيندي مملڪتي وزير وجيهه قمر پاڪستان ۾ جاري تعليمي سڌارن خاص طور تي ڪيوٽ ۾ جدت، اسڪيم ٻارڙن جي تعليم ۽ ڪامپيٽينسي بيسڊ لرننگ کي هٿي ڏيڻ بابت قدمن تي روشني وجهندي قطر جي سهڪار جي آجيان ڪئي ٻنهي طرفن کان اداره جاتي مٽاسٽا، گڏيل تحقيقي منصوبن صلاحيتن ۾ اضافي جي پروگرامز ۽ يونيورسٽين ڪيوٽ ادارن ۽ تعليمي عملدارن وچ ۾ سهڪار جي نون موقعن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي. تعليم وارن وزيرن شاگردن ۽ استادن جي مٽاسٽا، فني سهڪار ۽ تعليمي گورننس ۽ اسڪلز ڊولپمينٽ جي بهترين تجربن جي مٽاسٽا لاءِ منظم فريم ورڪ جوڙڻ تي اتفاق ڪيو وجيهه قمر قطر جي حڪومت طرفان ڀرپور ميزباني تي ٿورو مڃيو ۽ تعليم جي شعبي ۾ قطر سان اسٽريٽجڪ حصيداري کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 15 صحيحون

کي مضبوط ۽ جديد بڻائڻ لاءِ هڪ مفاهمت جي ياداشت (ايم او يو) تي دستخط ڪيا آهن هي پارٽنرشپ ايف ايف سي جي قومي طور تي قائم ٿيل سونا سينٽرز ۽ فصل جي غذائيت جي قيادت کي ڪور ڪيو جي عالمي ٻج جي جدت ۽ زرعي ماهر سان گڏ ڪندي فارم جي پيداوار ۽ منافعي کي وڌائڻ اناج ۽ سائليج مارڪيٽ ٻنهي لاءِ ويليو چين لنڪيج کي مضبوط ڪرڻ اعليٰ معيار جي ٽيڪنالاجي ۽ فارمنگ سپورٽ تائين رسائي کي وڌائڻ ۽ هارين کي اي ڊبليو آر ۽ ايڪسپورٽ گريڊ موقعن ۾ حصو وٺڻ جي قابل بڻائيندي تقريب ۾ ايف ايف سي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ سي اي او مسٽر جهانگير پراچا، چيف ڪمرشل آفيسر مسٽر محمد علي جنجوعه، جي ايم سسٽينبلٽي اينڊ انوويشن مسٽر سالار ملڪ، اوسونا سينٽر مسٽر فيضان الرحمان صديقي ۽ يو ايم سسٽينبلٽي اينڊ انوويشن مسٽر شفيق الرحمان شرڪت ڪئي.

بقايا 16 اويس لغاري

ذريعن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جيڪي گهٽ قيمت وارا آهن پاڪستان جي توانائي جي شعبي ۾ ڀرپور مستقبل لاءِ پاليسي ڏاهي پٺي وڃي، سڌارن جو عمل جاري آهي نتيجا جلد سامهون ايندا، 19 هزار ميگاواٽ سولر بجلي ٺهي رهي آهي. گردشي قرضن جي مسئلي کي حل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن توانائي جي شعبي ۾ نجڪاري جو عمل به سڌارن جو حصو آهي آءِ پي پيز سان ماضي ۾ ٿيل معاهدا شفاف نه هئا نجي شعبي کي وڏ کان وڏ سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي توانائي جي شعبي ۾ وڌيڪ بهتري جي گنجائش آهي اهڙو اظهار هن پاڪستان بزنس ڪائونسل جي سيمينار ۾ ڳالهائيندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته ملڪي معيشت مضبوط ٿي رهي آهي حڪومت عوام کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي نيٽ ميٽرنگ جي نظام ۾ بهتري جي ضرورت آهي معيشت جي بهتري لاءِ مشڪل فيصلا به ڪرڻا پيا آهن ڊسٽريبيوشن ڪمپنين جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻايو پيو وڃي توانائي جي شعبي ۾ اهم سڌارا ڪري چڪا آهيون هن چيو ته اسان گرين انرجي تي ڪم ڪري رهيا آهيون پاڪستان ۾ صاف انرجي کي هٿي ڏيڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن پاڪستان ۾ توانائي جي شعبي ۾ وسيع موقعا موجود آهن توانائي جي شعبي ۾ ڀرپور پيرو مڪمل منصوبابندي سان سڌارا ڪيا، توانائي جي شعبي ۾ نجڪاري جو عمل به سڌارن جو حصو آهي هن چيو ته توانائي جي شعبي ۾ ريفارمز آڻي رهيا آهيون.

بقايا 17 44ماڻهو فوت

جڏهن ته 100 ماڻهو زخمي ۽ 279 لاپتا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب هانگ ڪانگ جي چيف ايگزيڪيوٽو جان لي ٻڌايو ته 279 ماڻهو گم آهن جڏهن ته 100 زخمي ماڻهن مان 45 کان وڌيڪ ماڻهن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي مقامي پوليس مرمت جو ڪم جي ذميوار ٺيڪيدار اداري جي ٻن سينئر عهديدارن ۽ هڪ انجنيئر کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي پوليس موجب عمارت جي مرمت دوران استعمال ٿيل مواد فائر سيفٽي جي معيار تي پورو نه لهندڙ هو

بقايا 18 افتتاح ڪيو

قائم ڪيل اقليتي سهولت ڊيسڪ جي حوالي سان هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جو خاص مهمان ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اينٿوني نويد هو جڏهن ته ايم پي اي مهيش ڪمار انيل ڪمار ڪنومل جيون سريندر ولاسائي ۽ ٻيا معزز ۽ پوليس آفيسر شرڪت ڪئي پوليس چيف ڊپٽي اسپيڪر ۽ ٻين مهمانن جي شرڪت تي شڪريو ادا ڪيو ۽ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سهولت ڊيسڪ جو مقصد برادري جي مسئلن کي مؤثر طريقي سان سمجهي بهتر خدمت فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته پوليس ڪورسن ۾ اقليتي ماڻهن جي شرڪت وڌائڻ ۽ نوجوانن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ورڪشاپ ۽ تربيتي سيشن ضروري آهن

بقايا 19 ذوالفقار شاهه

ڪاتو صوبي جي فنڪارن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيو آهي ۽ صوبي ۾ سياحت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪم جاري آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن خميس ڏينهن سنڌ اسيمبلي ۾ سوالن جي وقت دوران ميمبرن جي مختلف تحريري ۽ ضمني سوالن جا جواب ڏيندي ڪيو صوبائي وزير ثقافت ذوالفقار شاهه وڌيڪ چيو ته 18 هين ترميم کان پوءِ وفاق سڌي طرح فنڊنگ فراهم نٿو ڪري هن ترميم جي نتيجي ۾ وزارتون ورهائجي ويون آهن ايم ڪيو ايم ميمبر عبدالوسيم نشاندهي ڪئي ته جتي سياح اچن ٿا اتي سهولتون مڪمل ناهن ذوالفقار علي شاهه جواب ڏنو ته سياحت واري وزارت جو بجيٽ تمام گهٽ آهي هاڻي اسان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ڪم ڪري رهيا آهيون ذوالفقار علي شاهه چيو ته موهن جو دڙو ۾ مليل شيون محفوظ آهن ۽ ڪيترن ئي قديم شيون پڻ سنڌ ميوزيم ۽ نيشنل ميوزيم ۾ رکيون ويون آهن هن چيو ته نيشنل ميوزيم هن وقت وفاق وٽ آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سياحت کاتي جو سالياڻو ڪل بجيٽ 150 ملين رپيا آهي جنهن ۾ پگهارون به شامل آهن. سياحت واري وزير ذوالفقار شاهه سنڌ جي وڏي وزير کي سياحت لاءِ بجيٽ وڌائڻ جي درخواست ڪئي آهي هن چيو ته وفاق طرفان ڪاتي کي ڪا خاص گرانٽ نه ڏني ويندي آهي سنڌ جي ثقافت واري وزير چيو ته عمران خان جي حڪومت دوران نيشنل ميوزيم جو ڪنٽرول سنڌ کان کسي ورتو ويو هو اسان جا ساٿي جيڪي وفاقي حڪومت ۾ آهن

بقايا 20 سردار يوسف

کي امن ۽ سلامتيءَ جو پيغام ڏئي سگهون ٿا قرآن حڪيم جو پيغام سڄي دنيا تائين پهچائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي اهڙو اظهار ڪالهه هن هتي رٿيل ڪنوينشن سينٽر ۾ پاڪستان جي پهرين عالمي مقابلي حسن قرائت جي 4 ڏينهن کان جاري رهندڙ مقابلن جي پڄاڻي تي ڪيو. هن چيو ته عالمي مقابله حسن قرائت جي پڄاڻيءَ تي الله تعاليٰ جو شڪريو ادا ڪريون ٿا الله تعاليٰ اسان کي اهو موقعو عطا ڪيو 24 نومبر کان شروع ٿي 27 نومبر تي هي مقابلو پڄاڻيءَ تي پهتو هن چيو ته دنيا جي 37 ملڪن مان قرائت پيش ڪرڻ لاءِ ماڻهو آيا جن قرآن حڪيم جي انتهائي خوش الهاني سان تلاوت ڪئي قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي ته قرآن کي آهستي آهستي پڙهيو وڃي هن چيو ته پاڪستان کي عالمي مقابله حسن قرائت ڪرائڻ جو اعزاز حاصل ٿيو آهي انشاء الله اهو سلسلو جاري رهندو هن چيو ته قرآن ڪريم جي عظمت ۽ اهميت اسان بيان نٿا ڪري سگهون قرآن حڪيم هدايت جو سرچشمو ۽ اسان جي نجات جو ذريعو آهي جيڪو اسان کي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابين سان ڳنڍي ٿو.

بقايا 21 چوري جي نڪتي

ڌماڪي ۾ استعمال ٿيل موٽر سائيڪل چوريءَ جي نڪتي دهشتگرديءَ جي خاتمي واري اداري سي ٽي ڊي ۽ خيبر پختونخوا پوليس موجب حملي آورن طرفان استعمال ڪيل موٽر سائيڪل چوريءَ جي نڪتي. پوليس عملدارن ٻڌايو ته چاڙهايل موٽر سائيڪل راولپنڊي مان چوري ٿي ۽ لاڳاپيل ٿاڻي ۾ ان جي ايف آءِ آر به داخل هئي موٽر سائيڪل جي چوري ٿيڻ ڪانپوءِ دهشتگردن ان کي حملي لاءِ استعمال ڪيو. ان بابت جاچ تيزيءَ سان جاري آهي پوليس جو چوڻ آهي ته حملي بابت ڪيترن ئي شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. ڪائونٽر ٽيررازم جو عمل جاري آهي ته جيئن حملي پٺيان منصوبا سازن ۽ امڪاني دهشتگردي نيٽ ورڪ جو پتو لڳائي سگهجي. واضح رهي ته پشاور ۾ ايف سي هيڊ ڪوارٽر تي خودڪش حملي ۾ 3 اهلڪار شهيد ۽ 10 ٻيا زخمي ٿيا هئا. ان دوران سيڪيورٽي فورسز 3 دهشتگردن کي موقعي تي ماري ڇڏيو هو عملدارن جو چوڻ آهي ته جاچ ڪانپوءِ وڌيڪ اڳڀرائيءَ جي حوالي سان عوام کي آگاهه ڪيو ويندو ۽ دهشتگردن جي پٺڀرائي ڪندڙ ڌرين خلاف به ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 22 سينيٽ چيئرمين

ڀائرن لاڳاپن کي نهايت قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو جيڪو گڏيل اعتماد، گڏيل مذهبي ثقافتي قدرن ۽ سياسي، معاشي، سماجي ۽ پارلياماني تعاون جي ڏهاڪن تي ٻڌل مضبوط بنيادن تي موجود آهن اهڙو اظهار هن اسلام آباد ۾ گڏيل عرب امارتن جي سفير سالم محمد اسالم البواب الزعابي سان ملاقات دوران ڪيو ملاقات ۾ گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ پراڻن پائدارن لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم کي ورجايو ويو. سينيٽ چيئرمين گڏيل عرب امارتن جي قيادت ۽ عوام لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو سينيٽ چيئرمين اسلام آباد ۾ رٿيل بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ گڏيل عرب امارتن جي خصوصي شرڪت ۽ فعال ڪردار کي ساراهيندي چيو ته گڏيل عرب امارتن جي ڀرپور شرڪت ڪانفرنس جي مباحثي کي وڌيڪ مؤثر بڻايو ۽ علائقائي يڪجهتي کي هٿي وٺرائڻ جي پختي عزم کي اجاگر ڪيو سينيٽ چيئرمين مستقبل جي حوالي سان هڪ پليٽ فارم طور آءِ ايس سي جي ڪردار تي زور ڀريو جيڪو عالمي چئلينجز سان اجتماعي طور منهن ڏيڻ لاءِ پارلياماني اڳواڻن کي گڏ ڪري ٿو سينيٽ چيئرمين ٻنهي ملڪن وچ ۾ هاڻوڪن سالن ۾ وڌندڙ سفارتي سرگرمين جي آجيان ڪندي ان کي ٻنهي ملڪن جي قيادت جي ويزن جو مظهر قرار ڏنو

بقايا 23 ملاقات

معيشت جي وزير شيخ سلمان بن خليفه الخليفه سان ملاقات ڪئي هن اها ملاقات وزيراعظم محمد شهباز شريف جي بحرين جي سرڪاري دوري دوران ڪئي خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس مُوجب انهن اقتصادي تعاون خاص طور تي فن ٽيڪ ۽ بينڪنگ جي شعبن خاص طور تي ڌيان ڏيندي ٻنهي ڀائر ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي پنهنجي عزم کي ورجايو هُنن مرڪزي بينڪ جي تعاون ۽ بهتر اقتصادي ڀائيواري جي لاءِ روڊ ميپ تيار ڪرڻ جي خاطر گڏيل ٽيمون قائم ڪرڻ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 24 ٺهراءُ پيش

آهي قديم نقشن ۾ سنڌ سان گڏ ملتان ۽ مڪراني علائقا شامل هئا. وڏي وزير بزرگ اڳواڻن جي پاڪستان جي قيام دوران کيل ڪردار کي به اجاگر ڪيو. هن چيو مسلم ليگ سنڌ چيپٽر پاڪستان ٺهراءُ پيش ڪيو هو اسان سڀ هتي ويٺل آهيون پاڪستان اسان جي بزرگن جي قربانين سان ٺهيو آهي مراد شاهه هندستان جي طويل عرصي کان وزير رهندڙ شخص کي گهبراهٽ ۾ ورتل قرار ڏيندي چيو هو پريشاني ۽ ابتري جي حالت ۾ آهي ڀارت جي گهبراهٽ ان مخصوص واقعي کان پوءِ شروع ٿي. هن وڌيڪ چيو هندستان جو دفاع وارو وزير اتر پرديش ۾ پيدا ٿيو هن ڪڏهن به سنڌو درياءَ جو پاڻي نه پيتو آهي تنهنڪري سندس سوچ خراب ٿي وئي آهي. وڏي وزير الزام مڙهيو ته ڀارت درياءَ کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو هو درياءَ کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهين ٿا. وڏي وزير وفاقي حڪومت کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪندي چيو اسان هن ٺهراءُ ذريعي وفاق کان مطالبو ڪريون ٿا ته حڪومت پاڪستان اهو معاملو دنيا آڏو رکي.

بقايا 25 ڏک جو اظهار

زرداري هانگ ڪانگ ۾ هڪ رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي سوڳوار خاندانن سان دلي تعزيت ۽ متاثر خاندانن سان همدردي جو اظهار ڪيو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان مُوجب صدر آصف علي زرداري چيني صدر شي جن پنگ ۽ چيني عوام جي نالي پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ پاڪستان جي يڪجهتي کي ورجايو

بقايا 26 نثار کهڙو

خودمختياري ڏياري وئي ۽ سنڌ واحد صوبو آهي جنهن پاڪستان ٺاهڻ جي قرارداد منظور ڪئي هئي ڀارتي دفاع واري وزير جي اهڙي بي بنياد بيان سنڌ جي تاريخي حيثيت تي ڪو فرق نه پوندو نثار کهڙو چيو ته سنڌ ون يونٽ خلاف به تحريڪ هلائي هئي ته سنڌ جي عوام سنڌ کي الڳ ڪرڻ جا مطالبا ۽ نعرا هڻندڙن کي به شڪست ڏني آهي تنهنڪري سنڌ جي وحدت تي ڪا به آنچ اچڻ نه ڏبي.

بقايا 27 جسٽس محسن

چيو آهي ته جنهن ڊي سي کي عدالت سزا ٻڌائي هئي ان کي صدر ميڊل ڀارائي ٿي هاڻي ته اوهان آئيني عدالت به ڏاهي ورتي پوءِ به ڪم نه ٿي رهيا آهن ڇا هر ڪم توهين عدالت بعد ئي ڪرڻو آهي جنهن ڊي سي کي عدالت سزا ڏني ان کي صدر ميڊل ڏنو پارائي آئون جڏهن توهين عدالت جو نوٽيس جاري ڪندس ته جسٽس بابر ستار وانگر نه ڪندس ته وقت ڏيان آئون مجرم کي ان ئي وقت هٿڪڙي هڻائي جيل موڪلي ڇڏيندس

بقايا 28 سعيد غني

قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ سعيد غني چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي 58 سالن جي تاريخ جدوجهدن سان ڀريل آهي ۽ اسان جي جدوجهد جو ڪنهن به سياسي جماعت سان مقابلو نٿو ڪري سگهجي آرٽس ڪائونسل ۾ تقريب کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته 27هين ترميم بابت اسان وٽ ڪجهه تجويزون ۽ اعتراض هئا، ۽ اسان وفاقي حڪومت جا شڪرگذار آهيون جو انهن اعتراضن کي دور ڪيو جڏهن 28هين ترميم ايندي ته پوءِ ان تي موقف پيش ڪنداسين ۽ جيڪڏهن اعتراض ٿيا ته اهي به حڪومت آڏو رکنداسين سعيد غني چيو ته ”ڀارت کان پاڪستان لاءِ ڪنهن به مثبت ڳالهه جي اميد رکڻ بيڪار آهي ڀارت پاڪستان خلاف 10 هزار فلمون به ٺاهي وٺي پر 9 مئي جي ناڪاميءَ جي سامهون ڪجهه به ناهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي جي قيام کان اڳ سياست سرمايه دار ۽ جاگيردار ڪندا هئا، پر پيپلزپارٽي عام ماڻهوءَ کي سياست ۾ آندو پارٽي ٺهڻ کان ٻن سالن بعد چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ عام ماڻهو ڪامياب ٿيا. پارٽي جي ڪارڪنن ڪوڙا کاڌا، جيلون ڀوڳيون ۽ ڦاهيون به سٺيون پر جدوجهد جاري رکي سعيد غني ٻڌايو ته 30 نومبر تي پيپلزپارٽي پنهنجو 58 هون يوم تاسيس سڄي ملڪ ۾ ضلعائي سطح تي وڏي جوش جذبي سان ملهائي رهي آهي. سڀني ضلعن ۾ جلسا ٿيندا ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندا. ڪراچي ڊويزن جو مرڪزي جلسو ڪورنگي ساڍا ٽي نمبر تي ٿيندو هڪ سوال جي جواب ۾ سعيد غني چيو ته 27هين ترميم تي اسان جا اعتراض دور ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن مستقبل ۾ ڪا نئين ترميم ايندي ته ان تي به پنهنجو واضح موقف ڏينداسين هن چيو ته سڀني کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته آئين ۾ ترميم لاءِ ٻه ٽهائي اڪثريت ضروري آهي.

بقايا 29 افسوس

شهباز شريف هانگ ڪانگ جي هڪ وڏي عمارت ۾ تباهي مچائيندڙ باهه سبب قيمتي جانين ۽ مالي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ۽ چين جي صدر شي جن پنگ، چيني قوم ۽ متاثرين سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي خميس ڏينهن سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ”ايڪس“ تي هڪ پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هن تباهي مچائيندڙ باهه جي واقعي ۾ قيمتي جاني ۽ مالي نقصان تي وڏو ڏک ۽ افسوس آهي

بقايا 30 5جوان شهيد

دوران خيبرپختونخوا ۾ خوارجين هٿي دهشتگردي پکيڙڻ ۽ سيڪيورٽي فورسز جو رستو روڪڻ لاءِ قبائلي علائقن ۾ وڏي پئماني تي بارودي سرنگهون وڇايون تفصيل موجب خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي روڪٿام جي آپريشنز ڪانپوءِ سيڪيورٽي فورسز انهن علائقن ۾ وڏي پئماني تي ڊي مائننگ جو عمل شروع ڪيو پاڪ فوج جا بهادر جوان پنهنجي جانين تي کيڏي علائقي کي بارودي سرنگهن ۽ ڌماڪيدار مادي کان پاڪ ڪري رهيا آهن خيبرپختونخوا ۾ ڪل 114 چورس ڪلوميٽرن جي علائقي ۾ بارودي مادي ۽ سرنگهن جي نشاندهي ڪئي وئي هئي.

بقايا 31 والده لاڏاڻو

اختيار ولي خان جي والده لاڏاڻو ڪري وئي. مرحومه جي جنازي نماز نوخار هائوس ڪابل ريور نوشهره ۾ ادا ڪئي ويندي

بقايا 32 اعلان

جي جاري اجلاس لاءِ پينل آف چيئرپرسنز جو اعلان ڪيو ويو ڪالهه قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر چيو ته قومي اسيمبليءَ جي جاري اجلاس ۾ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي غير موجودگيءَ ۾ علي زاهد، عبدالقادر پٽيل، نزهت صادق، شهلا رضا، سيد امين الحق ۽ ارباب شير علي ايوان جي ڪارروائي هلائيندا.

بقايا 33 سنگين خطرو

۾ اچي ٿو جي افغان چاوا نيٽ ورڪس ٻيهر سرگرم ٿي رهيا آهن خبر موجب افغان نيٽ ورڪس يورپ ۽ اتر آمريڪا تائين پکڙجي چڪا آهن جيڪي افغانستان جو عدم استحڪام هاڻ هتي پکيڙڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا افغان طالبان رجيم صرف افغانستان لاءِ نه پر پوري دنيا جي سيڪيورٽي لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي وائيٽ هائوس ويجهو رحمان الله لاڪانوال نيشنل گارڊ جي اهلڪارن تي فائرنگ ڪري شديد زخمي ڪري ڇڏيو هوم لينڊ سيڪيورٽي موجب رحمان الله 2021ع ۾ آپريشن الائيز ويلڪم تحت آمريڪا آيو هو سي اين اين موجب هن شڪي شخص 2024ع ۾ پناهه جي درخواست ڏني هئي جيڪا اپريل 2025ع ۾ ٽرمپ انتظاميه منظور ڪري ورتي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ واقعي کي دهشتگردي قرار ڏنو آهي آمريڪي ميڊيا موجب آمريڪا افغان شهرين جي اميگريشن جون سموريون درخواستون اڻڄاڻايل مُدي لاءِ روڪي ڇڏيون يورپي يونين انسٽيٽيوٽ آف سيڪيورٽيز اسٽڊيز طرفان جاري رپورٽ موجب افغان طالبان رجيم سڄي ملڪ ۾ سرگرم دهشتگرد تنظيمن جي ميمبرن کي افغان پاسپورٽ جاري ڪيا ۽

بقايا 34 جاري

ميمبرن جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن اليڪشن ڪميشن طرفان جاري نوٽيفڪيشن موجب اين اي 18 هريپور مان مسلم ليگ (ن) جو اميدوار بابر نواز خان، اين اي 104 فيصل آباد مان (ن) ليگ جو دانيال احمد، اين اي 129 لاهور مان (ن) ليگ جو محمد نعمان، اين اي 143 ساهيوال مان (ن) ليگ جو طفيل جٽ ۽ اين اي 185 ڊيره اسماعيل خان مان (ن) ليگ جو محمود قادر خان ڪامياب ٿيا آهن

بقايا 35 ملاقات

مملڪتي وزير فهد هارون سان لبنان جي سفير عبدالعزيز عيسي سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي ڊجيٽل ميڊيا، نشرياتي ميڊيا ۽ خطي ۾ رابطن جي تبديل ٿيندڙ رجحانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب فهد هارون پاڪستان جي ڊجيٽل تبديلي جي تجربن تي روشني وڌي ۽ حڪومت جي جدت کي هٿي ڏيڻ، آن لائن ذميواراڻي شموليت کي يقيني بڻائڻ ۽ هڪ جديد ۽ هم آهنگ ميڊيا ماحول جي حمايت جي قدمن کان آگاهه ڪيو.

بقايا 36 صحيحون

پاڪستان وچ ۾ مني لانڊرنگ جي روڪٿام ۽ مؤثر ڪارروائيءَ لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون مفاهمتي يادداشت تي ايف آءِ اي طرفان ايڊيشنل ڊي جي اينٽي مني لانڊرنگ ونگ ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان ۽ ايس اي سي پي طرفان ڪمشنر عبدالرحمان وڙائچ صحيحون ڪيون ايم او يو تحت ايس اي سي پي مني لانڊرنگ بابت سمورا ريفرنس سڌيءَ ريت ايف آءِ اي اينٽي مني لانڊرنگ ونگ کي موڪليندي ايم او يو تحت ايس اي سي پي اسلام آباد ۾ مني لانڊرنگ ريفرل يونٽ عمل ۾ آڻيندي مني لانڊرنگ ريفرل يونٽ ذريعي ايس اي سي پي مني لانڊرنگ جا سمورا ريفرنس ايف آءِ اي اينٽي مني لانڊرنگ ونگ کي موڪليندي ايس اي سي پي جاچ تي ڊيڪيٽ ڏوهن ۾ مني لانڊرنگ ڪندڙن جي جاچ جا سمورا ريفرنس ايف آءِ اي کي موڪليندي ايف آءِ اي ۽ ايس اي سي پي وچ ۾ هي معاهدو مني لانڊرنگ جي جاچ جي عمل کي وقت سر شفاف، مؤثر ۽ پيشيوراڻي انداز ۾ اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

بقايا 37 فتح

مقابلي فتح حاصل ٿي وئي پاڪستاني هاءِ ڪميشن لنڊن موجب ڀارت پاڪستان خلاف عوامي جذبا ڀڙڪائڻ جي حڪمت عملي تي جوابده ٿيڻ بدران فرار ٿي ويو آڪسفورڊ يونين جهڙي غير جانبدار فورم تان هٽ ڪٽڻ ڀارت جي بيانيي کي واڪو ڪري ڇڏيو پڌرائيءَ موجب جنرل (ر) زبير محمود حيات، اڳوڻي پرڏيهي وزير حنا رباني کر مباحثي ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته پاڪستاني هاءِ ڪمشنر ڊاڪٽر محمد فيصل به مباحثي لاءِ لنڊن ۾ موجود آهي پاڪستاني هاءِ ڪميشن لنڊن موجب ڀارتي وفد حاضري جي همت نه ڪري سگهيو ڀارتي اڳواڻ رڳو ٽي وي چينلن تي ڪوڙ ڪندا آهن علمي مباحثي ۾ دليل ۽ جواب ڏيڻ کان گهبرائيندا آهن

بقايا 38 ضمانت منظور

۽ رڪني بئنچ ۾ شاگرد اڳواڻ غني امان چانڊيو ۽ سرمد ميراڻي خلاف ڌماڪيدار مواد رکڻ جو ڪيس خارج ڪرڻ جي درخواست تي محفوظ ڪيل فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت غني امان چانڊيو ۽ سرمد ميراڻي خلاف داخل ڪيس خارج ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذار جي وڪيل جو موقف آهي ته سرمد ميراڻي ۽ غني امان چانڊيو اڳ ۾ گم ٿيل هئا، غني امان چانڊيو کي اسپتال مان ۽ سرمد ميراڻي کي گهر مان کنيو ويو درخواستگذار جي وڪيل چيو ته بعد ۾ دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا 39 پوريون هٿ

آپريشن ڪيو تفصيل موجب صبح سوير جوڙيا بازار ۾ برتن گلي جي گودامن تي ڇاپو هنيو ويو ڪليڪٽر ڪسٽم معين الدين وانيءَ چيو ته آپريشن ۾ 3720 ڪلوگرام اسمگل ٿيل زعفران جون 310 پوريون هٿ ڪيون ويون

بقايا 40 اسپتال منتقل

گلستان جوهر جي پهلوان ڳوٺ ۾ هڪ گهر مان عورت جو لاش مليو جيڪو ڪيترائي ڏينهن پراڻو هو پر موت جو سبب پوسٽ مارٽم کان پوءِ طئي ڪيو ويندو ڪراچي جي گلستان جوهر جي پهلوان ڳوٺ ۾ هڪ گهر مان عورت جو لاش مليو جيڪو ڪيترائي ڏينهن پراڻو هو پوليس چيو ته مقامي ماڻهن گهر مان بدبو اچڻ جي اطلاع ڏني، جنهن ڪانپوءِ پوليس ٽيم موقعي تي پهتي. پوليس چيو ته گهر جو دروازو عورت جي مائٽن جي موجودگي ۾ کوليو ويو

بقايا 41 قيد

انسانيت خلاف ڏوهن تي موت جي سزا به ٻڌائي وئي آهي پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب 78 سالن جي شيخ حسينه واجد گذريل آگسٽ ۾ بنگلاديش مان فرار ٿيڻ ڪانپوءِ ڀارت ۾ ٽرسيل آهي ۽ واپسي جي بار بار عدالتي حڪمن کي نظر انداز ڪري چڪي آهي ڪيس انسانيت جي خلاف ڏوهن تي 17 نومبر تي سندس غير حاضري ۾ سزا ٻڌائي وئي بنگلاديش جي عدالت جي جج عوامي ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي رياستي اثاثن کي ذاتي ملڪيت جي طور تي استعمال ڪرڻ جو ڏوهي قرار ڏنو جج موجب هن پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي ماڻهن کي فائدو پهچائڻ لاءِ سرڪاري وسيلن ۽ اختيارن کي استعمال ڪيو عدالت هر هڪ ڪيس ۾ 7، 7 سال قيد جي سزا ٻڌائي

بقايا 42 پيش

پوسٽ تي حملي جي مذمت ڪندي واقعي ۾ شهيد ٿي ويل ڏ پوليس اهلڪارن کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي پنهنجي پيغام ۾ گهرو وزير شهيد اهلڪارن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو سندس چوڻ هو ته شهيد اهلڪارن جون قربانيون رائيگان نه وينديون هي قربانيون دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي پُختي عزم جو ثبوت آهن هن چيو ته خيبر پختونخوا پوليس دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ لازوال قربانيون ڏنيون آهن ڪي پي ڪي پوليس دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ فرنٽ لائن تي آهي.

بقايا 43 ورڪر فوت

سبب ريلوي جا 11 ورڪر فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب افسوسناڪ حادثو ڏکڻ اولهه چين جي صوبي يونان ۾ گذريل ڏينهن صبح جو پيش آيو جتي ريل جي ٽڪر سبب 11 ريلوي ملازم فوت ۽ 2 زخمي ٿي پيا. ريلوي اختيارين موجب زلزلو ماپيندڙ اوزارن جي جاچ لاءِ استعمال ٿيل ريل ڪنمنگ جي لويانگ ٽائون اسٽيشن تي معمول موجب هڪ موڙ مڙيندي اڳتي وڃي رهي هئي ته ان دوران ٽريڪ تان گذرندڙ تعميراتي ڪارڪنن سان ٽڪرائجي وئي. عملدارن موجب حادثي جا سبب جاڻڻ لاءِ جاچ جاري آهي جڏهن ته زخمين کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

حيدرآباد انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز، حيدرآباد

نمبر: NIT/HITMS/PC/48
تاريخ:26-11-2025

واڪ گهرائڻ جو نوٽيس (EPADS)

حيدرآباد انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز (HITMS) اي-واڪ E-PAK اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي سمورن قابل اطلاق ڊيوٽيز/ ٽيڪسن مثال طور انڪم ٽيڪس، سنڌ سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ (جيڪي به قابل اطلاق هجن) سان گڏ اهل واڪ ڏيندڙن کان طلب ڪري ٿو جيڪي "ايڪٽو ٽيڪس پيئر" هجن ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) سميت رجسٽرڊ هجن. ان ڪانسواءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل ۾ C-4 ۾ هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي خريداري جي لاءِ رجسٽرڊ هجن ۽ جيڪي پبلڪ پروڪيورمينٽ اٿارٽي (PPRA) رولز (جيئن ته وقت بوقت ترميم ٿيل) جي مطابق اهل هجن. ۽ ڪنهن به پروڪيورنگ ايجنسي جي ذريعي بليڪ لسٽ نه هجن/ ۽ نه ئي ڪنهن پروڪيورنگ ايجنسي يا اٿارٽي سان گڏ ڪنهن به قسم جي مقدمي بازي ۾ يا ثالثي ۾ ملوث هجن. دلچسپي رکندڙ شرڪت ڪندڙن کي لازمي طور تي ٽينڊر دستاويز ۾ هيٺ ڄاڻايل شرط ۽ ضابطن جي پابندي ڪرڻي پوندي.

سيريل نمبر	ڪم	ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ جو وقت	سوڙهي رقم	اجراءَ جي تاريخ	واڪ جمع ڪرائڻ جي تاريخ	واڪ کولڻ جي تاريخ
01	ايجوڪيشنل آئي ٽي انفرااسٽرڪچر وزيوئل سسٽمز ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس (AI) لرننگ ايڪيوپمينٽ HITMS ۾ سپلائي، انسٽاليشن، نيٽ ورڪنگ، اليڪٽريڪل، ٽيسٽنگ ۽ ڪميشننگ.	5000/-	02 مهينا	5%	28-11-2025 کان 15-12-2025 منجهند 12 وڳي	15-12-2025 منجهند 1:00 وڳي تائين	15-12-2025 منجهند 1:30 وڳي تائين

شرط ۽ ضابطا:

1. اليڪٽرانڪ واڪ صرف EPADS ذريعي جمع ڪرايا وڃن هٿو هٿ واڪ قبول نه ڪيا ويندا. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ ضروري آهي ته اليڪٽرانڪ واڪ جمع ڪرائڻ EPAD سسٽم ذريعي رجسٽرڊ ٿيو :https://eprocure.gov.pk/#/ .
2. دلچسپي رکندڙ اهل واڪ ڏيندڙ ICT/ آئٽمز/ شيون/ اوزارن جي خريداري لاءِ تفصيلي بڊنگ ڊاڪيومينٽس HITMS JE ويب سائيٽ (www.hitms.edu.pk) تان يا (PPRA/EPADS (https://eprocure.gov.pk/#/ کان NIT جي اشاعت جي تاريخ کان واڪ دستاويز ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا ۽ ٽينڊر في جي طور تي 5000 رپيا ناقابل واپسي واڪ ڊاڪيومينٽس جي ادائگي پي آرڊر/ ڊماند ڊرافٽ ذريعي حيدرآباد انسٽيٽيوٽ فار ٽيڪنالاجي اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز (HITMS) جي حق ۾ جمع ڪرائين.
3. EPADS تي واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 15-12-2025 تي منجهند 01:00 وڳي آهي. واڪ ساڳئي ڏينهن 01:30 وڳي منجهند واڪ ڏيندڙن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ ڪميٽي روم HITMS دامن ڪوهسار هائوسنگ سوسائٽي، ڪوهسار هائوسنگ اسڪيم، حيدرآباد ۾ کوليون وينديون.
4. واڪ سان گڏ ڪوٽ ٿيل واڪ جي رقم جي عيوض 5% زرضمانت (قابل واپسي) پي آرڊر/ ڊماند ڊرافٽ/ CDR جي صورت ۾ HITMS جي حق ۾ جمع ڪرائڻ ضروري آهي مهربند اصل واڪ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر فيس NIT کولڻ جي تاريخ ۽ وقت کان پهرين HITMS ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي. ٻي صورت ۾ واڪ نااهل قرار ڏنا ويندا. وڌيڪ اهو ته سوڙهي رقم جي اسڪين ڪاپي مالياتي تجويزن سان گڏ EPAD تي آخري تاريخ ۽ وقت کان اڳ اپ لوڊ ڪرڻ لازمي آهي.
5. واڪ سنگل اسٽيج سنگل اينويلپ طريقيڪار تحت PPRA EPADS وسيلي جمع ڪرايون وڃن. پروڪيورنگ ايجنسي PPRA رولز 2004 (ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل فقرن تحت ڪنهن به هڪ يا سمورين آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي. ۽ رول 33 تحت ڪنهن به مرحلي تي واڪ عمل کي منسوخ ڪري سگهي ٿي.
6. غلط معلومات يا جعلي دستاويز (جهڙوڪ جعلي پي آرڊر بينڪ گارنٽي/ڊماند ڊرافٽ/سي ڊي آر) جمع ڪرائڻ جي نتيجي ۾ فوري طور تي نااهلي، ايچ آءِ ٽي ايم ايس حيدرآباد جي موجوده ۽ مستقبل جي ٽينڊرن مان بليڪ لسٽنگ، ۽ ممڪن طور تي پي پي آر اي ۽ پي اِي سي کي رپورٽ ڪرڻ جي ڪارروائي ڪئي ويندي.
7. ڪوريئر، پوسٽ يا اي ميل ذريعي جمع ڪرايل درخواستون ڪنهن به حالت ۾ قبول نه ڪيون وينديون. جيڪڏهن آفيس کولڻ واري ڏينهن بند هجي يا حڪومت عام موڪل جو اعلان ڪري ته ٽينڊر ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي، ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي کوليا ويندا. ڪنهن به مشروط واڪ يا سوڙهي رقم ڪانسواءِ جمع ڪرايل واڪ مقابلي ۾ شامل نه ڪيا ويندا.
8. واڪ تي فرم جي بااختيار شخص جي دستخط، نالو ۽ مهر سان گڏ هڪ اختياري ليٽر سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجي.
9. واڪڏيندڙ کي هڪ حلف نامو جمع ڪرائڻو پوندو ته فرم/ٺيڪيدار کي ماضي ۾ ڪنهن به پروڪيورنگ ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي

پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر
حيدرآباد انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز،
دامن ڪوهسار، حيدرآباد
procurement@hitms.edu.pk
022-3823752

PID(H)202/2025

آج شاندار افتتاح
Cinepax OCEAN MALL CLIFTON
nueplex PHASE VIII, DHA
nueplex RASHID MINHAS ROAD
Cinepax BOULEVARD MALL HYDERABAD
پیشگی بکنگ جاری ہے
WEPLEX WALI ENTERPRISES QUETTA CANTT
CINEGOLD PLEX KARACHI
ARENA CINEMA KARACHI
MAHIRA KHAN
FAWAD KHAN
DISTRIBUTION CLUB PRESENTS
Neelofar.
AN ALTERIDEM FILM IN ASSOCIATION WITH ROCKETMAN FILMS
EXECUTIVE PRODUCERS FAWAD KHAN & HASSAAN KHALID PRODUCED BY USAF SHARIQ WRITTEN & DIRECTED BY AMMAR RASOOL
MADIHA IMAM SARWAT GILANI ATIQA ODHO BEHROZE SABZWARI GOHAR RASHEED FAISAL QURESHI
SAMIYA MUMTAZ RASHID FAROOQUI CHAND BARAL SEEMI RAHEEL ADEEL HASHMI HIRA TAREEN NAVID SHAHZAD

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
تعليم ۾ شفافيت ۽ مستقبل جو سوال! صفحو 4

محمود شام
'...جيڪڏهه ن اعتبار هجي ها' صفحو 4

ڪيترن ئي مذهبن ۽ سلطنتن جو حصو رهندڙ سنڌ ڀارت جو حصو ڇو نه ٿي؟
وقار مصطفيٰ صفحو 4

اعجاز ممنائي
چا ميثاقِ جمهوريت جي نئين راند شروع ٿيڻ واري آهي؟ صفحو 4

خضدار مان اغوا ٿيل سيتارجا واسي 6 مزدور 35 ڏينهن گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيا

وفاقي توڙي بلوچستان حڪومت سميت رياستي ادارن ڪو ٻوڙو نه ٻاريو، مغوين جا وارث مايوسي جا شڪار

تڪ جا چونڊيل نمائندا خاموش تماشائي بڻيل، وارثن سان رابطو نه ڪيو، مغوين جي گهرن ۾ ڪهرام مچل

واقعي کي ايترو عرصو گذري وڃڻ باوجود اسان جي پيارن جي واپسي لاءِ ڪوبه تحرڪ نه ورتو ويو آهي: وارث

سيتارجا (ن ع) بلوچستان جي علائقي خضدار مان ڏي بلوچ ڪميٽي ۾ ڪم ڪندڙ سيتارجا جا هٿياربندن هٿان اغوا ٿيل 6 مزدور عرفان علي،محمد عظيم،بهادر علي،توفيق احمد،مبارڪ علي،محمد رفيق ڪبر 35 ڏينهن گذرڻ جي باوجود بازياب نه ٿي سگهيا آهن هن ڏس ۾ بلوچستان،سنڌ توڙي وفاقي حڪومت جون ڪوششون ساڀيان نه ٿي سگهيون آهن . ٻئي طرف مسلسل ميڊيا ۾ خبرون اچڻ بعد پ پ جي ٻئي تڪ سان تعلق رکندڙ پ پ ايم پي اي بئريسٽر شيراز شوڪت راڄپر پاران مغوين جي با سلامت واپسي لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وٽ معاملو اٿارڻ جو اعلان ڪيو آهي جڏهن ته جنهن تڪ سان مغوين جو تعلق آهي ان جي ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهه جيلاني توڙي ايم پي اي ساجد علي بانڀڻ پاران هن مهل تائين وارثن سان ڪوبه رابطو ڪري سگهي همدردي به ناهي ڪئي وئي. هن ڏس ۾ مغوين جي وارثن نور محمد ڪبر،اخلاق احمد ڪبر، گل احمد ڪبر،محمد يونس ڪبر سميت ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعي کي ايترو عرصو گذري وڃڻ باوجود اسان جي پيارن جي واپسي لاءِ ڪوبه تحرڪ نه ورتو ويو آهي اهڙي صورتحال سبب مغوين جي گهرن ۾ سخت پريشاني مايوسي ۽معاشي بحران واري صورتحال وڌيڪ افسوسناڪ ٿي وئي آهي ڇو ته سمورا مغوي پورهيت آهن ۽ سندن مزدوري تي گهرن جي چلهه ٻرندي رهي آهي جنهن ڪري انهن جا خاندان سخت پريشان آهن هنن سرڪار خاص طور رياست جي سيڪيورٽي ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته سندن مغوي پيارن کي جلد باسلامت بازياب ڪرائي ڏنو وڃي

سيتارجا: اغوا ٿيل سيتارجا واسي 6 مزدور 35 ڏينهن گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيا

ڪاڇي جي ڳوٺ فوجو جمالي واسي جو واهي پانڌي ۾ احتجاج

واهي پانڌي(ن ع) ڪاڇي جي ڳوٺ فوجو جمالي واسي عبدالله جمالي اڊريس جمالي ۽ عباس جمالي پريس ڪلب پهچي ڄاڻايو آهي ته سال 2023ع ۾ عزيز الله جمالي پنهنجي پاڙيسي اميران بيگم سان اسان جي مٿان ڪوڙو الزام لڳايو واهي پانڌي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ڪيس ۾ شوڪت، لطيف ۽ ياسين جمالي کي نامزد ڪيو ويو معتبر ذرين موجب الزام مڪمل طور ڪوڙو هو جنهن باوجود اسان پنهنجي ماڻهن کي پوليس آڏو پيش ڪيو لطيف جمالي کي ضمانت تي آزادي ملي چڪي آهي جڏهن ته شوڪت هن وقت به جيل ۾ آهي هنن وڌيڪ ٻڌايو ته نينگري جي ميڊيڪل رپورٽ اچي چڪي آهي جنهن ۾ اسان بي ڏوهي ثابت ٿياسين جڙا ميچ نه ٿيا، هن وڌيڪ چيو ته ڪيس هن وقت ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته عدالت اسان کي انصاف ڏيندي هنن وڌيڪ چيو ته مخالف ڌر روز نوان ڊراما ۽ سازشون رچائي اسان کي پريشان ڪري رهي آهي تازو هنن ميڊيا تي اسان مٿان بي بنياد الزام لڳايا، هنن الزام هنيو ته مخالف ڌر اڳ به اسان جي مٿان زنا جو ڪوڙو الزام لڳايو هيو جنهن ۾ هي ڪوڙا ثابت ٿيا ۽ هن معاملي ۾ پڻ علائقي جي نيڪ مردن وٽ به ڪوڙا ثابت ٿيا آهن پر هو مڃڻ لاءِ تيار ناهن ۽ زوري اسان کي مجبور ڪن ٿا ته اسين قبولدار ٿي ڏنڊ ڀريون جيڪو اسين ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين هنن مطالبو ڪيو ته مخالف ڌر خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي جئين اسان کي انصاف ملي سگهي ۽ اسان کي بيجا پريشان ڪرڻ وارو سلسلو بند ٿئي

سنڌ ترقي پسند پارٽي جو سربراهه پانڌي پهتو

ڊاڪٽر قادر مگسي پاران غلام مصطفيٰ جمالي سان تعزيت

حيدر شاهاڻي، نثار علي ڪيريو ۽ شاهنواز ڪيريو پڻ ڏڪ ونڊيو

پانڌي(ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اعليٰ قيادت پاران غلام مصطفيٰ جمالي جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو ويو سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي حيدر شاهاڻي نثار علي ڪيريو ۽ شاهنواز ڪيريو پانڌي لڳ ڳوٺ مولوي جان محمد جمالي پهچي غلام مصطفيٰ جمالي (ملازم سنڌ ترقي پسند حيدرآباد هائوس) سان سندس امڙ جي وفات تي دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جا ٻيا اڳواڻ رفيق ملاح، بدل مگسي، گل انقلابي عبدالغفار ڏاهراج، سليم مگسي ظفر بروهي، گلزار انڙ علي نواز بروهي سميت ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ گڏ موجود هئا پارٽي اڳواڻن مرحوم لاءِ مغفرت ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ گهري

پانڌي: ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي غلام مصطفيٰ جمالي سان تعزيت ڪندي

حيدرآباد ۾ گهرن تي پوليس چڙهائي ۽ پورهيت کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج

مير فتح ڪالوني جي رهواسين صغران زال رفيق گليجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس عورتن، مردن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ قيمتي سامان ڦرلٽ ڪري اسحاق گهليجو کي کڻي وئي: مظاهرين

حسين آباد پوليس ناحق گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو، نوٽس وٺي گرفتار ٿيل پورهيت کي آزاد ڪيو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي مير فتح ڪالوني جي رهواسين گهرن تي پوليس چڙهائي ۽ پورهيت کي گرفتار ڪرڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون صغران زال رفيق گليجو شڪور گهليجو عبدالمجيد گهليجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته خميس جي رات 3وڳي ڌاري 40کان 50 عورت ۽ مرد پوليس اهلڪارن سندن گهرن کي ڪڙو چاڙهي 7 کان وڌيڪ گهرن ۾ موجود عورتن، مردن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ قيمتي سامان ڦرلٽ ڪرڻ ڪانپوءِ پورهيت اسحاق گهليجو پٽ رفيق کي گرفتار ڪري کڻي وئي جڏهن ته پوليس گهرن تي چڙهائي ۽ هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ بابت ڪجهه به نه ٿي ٻڌائي. هنن چيو ته اسان گهرن جي تعمير ۽ شٽرنگ جو ڪم ڪري گهرن جو گذرسفر ڪندا آهيون اسان مان ڪنهن جو به ڪنهن ڏوهي سرگرمي سان واسطو نه رهيو آهي حسين آباد پوليس ناحق گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي ۽ هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته حسين آباد ٿاڻي سوڌو ٻين ٿاڻن جي پوليس زيادتي جو نوٽس وٺي گرفتار ٿيل پورهيت کي آزاد ڪيو وڃي ڦرلٽ ۽ تشدد ڪندڙ اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بيراڻي شهر ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي

ڊي سي سانگهڙ جي حڪم تي مختيارڪار ايڪشن ڪيو

دڪاندارن کي انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ 4 ڏينهن جي مهلت ڏني وئي

چام نواز علي (ن ع) ڊي سي سانگهڙ جي حڪم تي مختيارڪار ذوالفقار چنا پاران بيراڻي شهر ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي مختيار ڪار ذوالفقار علي چنا ٽائون انتظاميا رئيس بهرام خان مري چاچا غلام محمد خاصخيلي سان گڏجي بيراڻي شهر جي شاهي بازار ۽ مين روڊ تي دڪاندارن پاران وڌايل انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي دڪاندارن کي انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ 4 ڏينهن جي مهلت ڏني ان موقعي تي مختيار ڪار ذوالفقار علي چنا چيو ته اگر چار ڏينهن تائين ڪنهن انڪروچمينٽ نه هٽائي ته انهن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي واضح رهي ته بيراڻي شهر جي مين روڊ تي ڪافي دڪاندارن ڇپرا روڊ طرف وڌائي شٽر لڳائي ڇڏيا آهن جنهن سبب روڊ سوڙهو ٿي وڃڻ سبب ايندڙ ويندڙ مسافرن کي سخت مشڪلات کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ هر وقت ٽريفڪ جام رهي ٿو

چام نواز علي: بيراڻي شهر ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي ڪئي پئي وڃي

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي پاران پروگرام

خيرپور (ڊ ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي پاران سنڌ جي سرموڙ شاعر تنوير عباسيءَ جي ورسي جي مناسبت سان شهيد بينظير ڀٽو چيئر آڊيٽوريم ۾ "تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ فڪري ڌارائون" جي عنوان سان هڪ ادبي پروگرام منعقد ٿيو جنهن ۾ برک شاعر محقق ۽ براڊڪاسٽر مختيار ملڪ خاص مهمان طور هڪ ليڪچر ڏنو جڏهن ته صدارت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ ڪئي.هن موقعي تي مهمانن جي سٽ ۾ نالياوارا شاعر ۽ اديب اياز گل ڊاڪٽر مهر خادم ڊاڪٽر رقيه عامر سومرو پڻ موجود هئا. تقريب ۾ اديبن شاعرن محققن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ ڊاڪٽر الهوسايو سومرو، ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل اسراقبال، ڊاڪٽر اعجاز سومرو، ڪالم نگار نصير شيخ، ڊاڪٽر نرگس ملڪ ۽ ٻيا شامل هئا.اپني صدارتي خطاب ۾ ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ چيو ته تنوير عباسي ادارا ساز شخصيت هو جنهن پنهنجي عملي جدوجهد سان ڪيترن ئي ادبي ادارن جو بنياد رکيو هن پنهنجي مادرِ علمي لاءِ پڻ اڻٿڪ خدمتون سرانجام ڏنيون هو روشن مستقبل جو خواب ڏسندڙ ۽ ڏياريندڙ شخص هو.خاص مهمان ۽ نامور ليکڪ مختيار ملڪ پنهنجي ليڪچر ۾ چيو ته تنوير عباسي سنڌ جو فڪري شاعر آهي. جنهن روايت ۽ ڪلاسيڪيت کان جديد فڪر تائين هڪ اهم سفر طئي ڪيو تنوير جي شاعريءَ ۾ رومانويت، فطرت نگاري، روشن خيالي، ترقي پسندي، انسان پرستي، قوم پرستي ۽ جديديت جون فڪري ڌارائون هڪ ئي وقت گڏيل صورت ۾ نظر اچن ٿيون هو داخلي ۽ خارجي دنيائن جو ترجمان شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ سماجي شعور مقصد ۽ قومي سجاڳي نمايان آهي. هن پنهنجي فن سان سنڌ جي سلامتي ۽ سجاڳي لاءِ رهبري وارو ڪردار ادا ڪيو.آخر ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ ۽ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر الهوسايو سومرو پاران خاص مهمان مختيار ملڪ کي يونيورسٽي جي پاران مجتبا شيلڊ پيش ڪئي وئي، جڏهن ته پروگرام جي آغاز ۾ مهمان جو تعارف پيش ڪيو ويو ۽ کين سنڌ جي روايتي سوکڙي طور اجرڪ پارايا ويا.

27هين آئيني ترميم عوامي حق تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش آهي: ذوالفقار شاهه

موجوده حڪومت جون پاليسيون ملڪ جي آئيني، معاشي ۽ سماجي ڍانچي کي نقصان پهچون ڏين

شوگر ملون اڃان تائين هلايون نه ويون آهن ڪٽڪ جو فصل پوکجي نه سگهندو، آبادگار پريشان آهن

ملاڪاتيار(ن ع) تحريڪ انصاف سنڌ جي سينئر نائب صدر سيد ذوالفقار شاهه سعادات هائوس سيد پور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته سنڌ صوبي جي مجموعي صورتحال تي سخت تشويش جو اظهار ڪيو موجوده حڪومت جون پاليسيون نه صرف هتان جي عوام لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي رهيون آهن پر ملڪ جي آئيني معاشي ۽ سماجي ڍانچي کي پڻ ناقابل تلافي نقصان ڏئي رهيون آهن. 27هين آئيني ترميم عوامي حق تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش آهي هن 27 آئيني ترميم کي عوام جي بنيادي حقن خلاف پڻ حملو قرار ڏنو ۽ هن ذريعي قومي ادارن کي ڪمزور ڪري اختيارات مخصوص طبقي جي هٿن ۾ ڏنا پيا وڃن سنڌ جي آبادگارن کي تباهه ڪيو پيو وڃي جو شوگر ملون اڃان تائين هلايون نه ويون آهن آبادگار ڪٽڪ جو فصل پوکي نه سگهندا زراعت کي هٿ سان تباهه ڪيو پيو وڃي هن ٽنڊو محمد خان ضلع سميت پوري سنڌ ۾ سڄي عام هلي رهي آهي عوام تباهه پئي ٿئي حڪمرانن کي ذري جو به احساس ناهي. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کان پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي ته عوام کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

گورنمينٽ ممتاز ڪاليج ۾ جونيئر کي پرنسپال مقرر ڪرڻ زيادتي آهي: پروفيسر اعجاز پڙو

خيرپور (ڊ ر) گورنمينٽ ممتاز ڪاليج جي سينئر پروفيسر اعجاز پڙو حماد الله شيخ ۽ ٻين پروفيسر ٻڌايو ته گورنمينٽ ممتاز ڪاليج جو پرنسپل احمد سرڪي سڀني استادن کان جونيئر آهي جنهن کي پرنسپال مقرر ڪري سنڌ گورنمينٽ سينئر استادن سان زيادتي ڪئي آ هنن چيو ته پرنسپل بنا وجه جي سينئر پروفيسرن کي تنگ ڪري ٿو جڏهن اسان هن کي چئون ٿا ته توهان سڀني کان جونيئر آهيون توهان جو سينئرن سان رويو ٺيڪ ناهي ته پرنسپل صاحب وڌيڪ تيز ۽ غصي ۾ اچي وڃي ٿو هنن سنڌ گورنمينٽ کان مطالبو ڪيو ته

پ پ سان وابسته آهيون ۽ انشاءالله گڏ رهنداسين: عثمان ڪاتيار

ايم اين اي سيد نويد قمر جي ڪوشش آهي ته عوام جا مسئلا حل ٿين

وزيراعليٰ سنڌ جي معاون سيد قاسم نويد قمر جي به ڪوشش ساراهه جوڳي آهي

ملاڪاتيار (ن ع) پ پ سان وابسته آهيون ۽ انشاءالله گڏ رهنداسين اهڙو اظهار ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي معزز شخصيت وڏيري حاجي محمد عثمان ڪاتيار صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته ايم اين اي سيد نويد قمر جي ڪوشش آهي ته عوام جا مسئلا حل ٿين الحمدالله ڳوٺ جهنگ ڪاتيار ۾ ترقياتي ڪمن جو آغاز ڪيو ويو آهي جنهن ۾ گليون هاءِ اسڪول جي تعمير جو ڪم هلندڙ آهي وزير اعليٰ سنڌ جي

سومرو ايم پي اي آهي ان ۾ به اميدون آهن اسان سدائين پ پ جي اميدوارن کي ووٽ ڏنا آهن جنهن جو سلو ملي رهيو آهي هن چيو ته پ پ ملڪ جي واحد پارٽي آهي جيڪا غريب عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ضلع ۾ ترقياتي ڪمن جو ڪردار پ پ ڏانهن وڃي ٿو ضلع ۾ اين آءِ سي وي ڊي جي قيام سان ضلعي جي عوام کان سواءِ آڏ سنڌ ٿرپارڪ عمرڪوٽ ميرپورخاص سانگهڙ مٽياري هالا ٽنڊو الهيار حيدرآباد دادو بدين ٺٽي سجاول جا ڪيترائي مريض اچن ٿا جيڪي فائدو حاصل ڪن ٿا اميد آهي ته پ پ جا چونڊيل نمائندا عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجي وسان نه گهٽائيندا اسان پر اميد

گولاڙچي ۾ اقليتي برادري پاران ڀارتي دفاعي وزير خلاف احتجاج

راڄ ناٿ سنگهه جي تازو ڏنل سنڌ مخالف بيان خلاف مظاهرو ڪيو ويو

ڀارتي وزير جو ماڻهن ۾ نفرت ڦهلائڻ وارو بيان خطي جي امن لاءِ خطرناڪ سازش آهي: مظاهرين

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي ۾ اقليتي برادري پاران ڀارتي دفاعي وزير راڄ ناٿ سنگهه جي تازو ڏنل سنڌ مخالف بيان خلاف زبردست احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي مظاهرين قومي جهنڊا کڻي سخت نعريبازي ڪئي ۽ راڄ ناٿ سنگهه ۽ نريندر مودي جي تصويرن تي لال ڪاٽا لڳل بينر کڻي ڀارتي قيادت خلاف سخت احتجاج ڪيو شرڪت ڪندڙن چيو ته ڀارتي وزير جو ماڻهن ۾ نفرت ڦهلائڻ وارو بيان خطي جي امن لاءِ خطرناڪ سازش آهي جنهن جي هو سخت مذمت ڪن ٿا احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ رميش ڪمار نارائڻ داس، رامچند ڪولهي ۽ ٻين ڀارتي نيتائن کي چيلينج ڪندي چيو ته سنڌ پاڪستان آهي ۽ پاڪستان سنڌ آهي اسان اقليتي برادري پاڪستان جا وفادار شهرين آهيون ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ پاڪ فوج سان گڏ بيٺا آهيون مظاهرين "پاڪستان زنده آباد" ۽ "پاڪ فوج زنده آباد" جا نعرا بلند ڪيا ۽ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته ڀارت جي وڌندڙ جارحيت ۽ نفرت انگيز بيانن جو نوٽيس ورتو وڃي

پاڪ فوج پائنده باد
پاڪستان زنده باد
ہندوستانی دفاعی وزیر رجناتھ سنگھ
پر لعنت اور اس کے دیے ہوئے بیان کی پوری
ہندو برادری اور سندھی عوام بھرپور مذمت کرتی ہے
سندھ پاکستان ھے اور پاکستان سندھ ھے

گولاڙچي: اقليتي برادري پاران ڀارتي وزير خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

گڏاپ چيئرمين پاران واٽر سپلائي اسڪيم بمع سولر سسٽم جو افتتاح

مريد گوٺ ۽ مرزا گوٺ ۾ رهواسين کي لڳاتار ۽ معياري پاڻي مهيا ٿي سگهندو: چيئرمين

سولر ٽيڪنالاجي سبب اهي منصوبا بجلي جي لوڊشيڊنگ جي متبادل طور وڏي اهميت رکن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، وائس چيئرمين جام محمد جوکيو ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر، ڪائونسل ميمبر محمد رفيق جوکيو جي گڏيل سهڪاري سان مريد گوٺ (UC گڏاپ) ۽ مرزا گوٺ (UC شاهه مريد) ۾ واٽر سپلائي اسڪيم بمع سولر سسٽم جو افتتاح ڪيو. اهي ٻئي اسڪيمون علائقي اندر پاڻي جي فراهمي جي ديرينه مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڏاڍي اهم قرار ڏنيون پيون وڃن. چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته مريد گوٺ ۽ مرزا گوٺ ۾ واٽر سپلائي اسڪيم ۽ سولر سسٽم جي مڪمل ٿيڻ بعد رهواسين کي لڳاتار ۽ معياري پاڻي مهيا ٿي سگهندو. سولر ٽيڪنالاجي سبب اهي منصوبا بجلي جي لوڊشيڊنگ جي متبادل طور وڏي اهميت رکن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي جديد تقاضائن مطابق بهتر بڻائي پئي وڃي ۽ اهي اسڪيمون عوامي خدمتن جي سلسلي جو اهم حصو آهن. چيئرمين ايم اينڊ اي ڪاٽي جي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر نور علي جمالي ABBوسيم آرائين ۽ انهن جي ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته اهي منصوبا شفافيت، معيار ۽ بروقت مڪمل ٿيڻ جي بهترين مثال آهن. وائس چيئرمين جام محمد جوکيو چيو ته سولر سسٽم ذريعي هلندڙ اهي واٽر سپلائي اسڪيمون علائقي لاءِ هڪ پائيدار ۽ ڊگهي مدي وارو حل ثابت ٿينديون. اسان بلدياتي ادارن کي جديد ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ ڪري رهيا آهيون ته جيئن ماڻهن کي وڌ کان وڌ سهولتون ملي سگهن. ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر چيو ته سولرائزڊ واٽر سپلائي سسٽم سان پاڻي جون موٽرون بنا رڪاوٽ هلنديون ۽ علائقي وارن کي بنا تعطل پاڻي ملي سگهندو. اهي منصوبا اسان جي ترقياتي ويزن جو اهم حصو آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ به وڌيڪ اهڙا منصوبا شروع ڪيا ويندا. ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر ڊپٽي ڊائريڪٽر HRMسرفراز احمد ڪنهري، فوڪل پرسن ڪلڪ پروگرام محمد شرجيل خان ۽ پي ايس چيئرمين لعل جان بني پڻ موجود هئا.

ڪراچي: گڏاپ چيئرمين پاران واٽر سپلائي اسڪيم بمع سولر سسٽم جو افتتاح

منگهوپير ٽائون چيئرمين پاران شاهه فيصل محلا جو دورو

گلين، لائينن ۽ مرڪزي ڪنيڪشن پوائنٽن جو تفصيلي معائنو ڪيو

ڪم هڪ کان ٻن ڏينهن اندر مڪمل ڪري پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وڃي: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ بنيادي شهري سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي اڳواڻي ۾ لڳاتار ۽ عملي قدم کنيا پيا وڃن ان سلسلي ۾ اڄ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يو سي 16 بلوچ گوٺ جي شاهه فيصل محلا جو اهم ۽ تفصيلي دورو ڪيو جتي علائقي واسي ڪيترن سالن کان پيئڻ جي پاڻي جي سخت کوٽ جو شڪار هئا. چيئرمين جي فوري نوٽيس وٺڻ بعد ٽائون جا لاڳاپيل انجنيئر ۽ ٽيڪنيڪل ٽيم موقع تي پهتا. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سڄي وقت پاڻ موجود رهيا ۽ هنن گلين لائينن ۽ مرڪزي ڪنيڪشن پوائنٽن جو تفصيلي معائنو ڪري سڄي صورتحال جو جائزو ورتو ٽيم چيئرمين کي ٻڌايو ته پراڻين ۽ زبون لائينن ۾ ڪيترن هنڌن تي ليڪيج ۽ بلاڪيج سبب علائقي ۾ پاڻي جي فراهمي سخت متاثر ٿي هئي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته پائپ لائينن جي مرمت ۽ تبديلي ۾ معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي. هن زور ڏنو ته اعليٰ معيار جو سامان استعمال ڪيو وڃي ۽ ڪم تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن علائقي واسي جلد پاڻي جي سهولت حاصل ڪري سگهن. هن هدايت ڪئي ته ڪم هڪ کان ٻن ڏينهن اندر مڪمل ڪري پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وڃي. انجنيئرز ٻڌايو ته متاثر هنڌن تي نيون لائينون وڇايون پيون وڃن جوائنٽس کي مضبوط ڪيو پيو وڃي ۽ ضرورت مطابق سڄي لائين تبديل ڪئي پئي وڃي. سڄو ڪم چيئرمين جي هدايتن ۽ نگراني هيٺ تيزي سان جاري آهي. علائقي واسين چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جو آمد تي شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته ڪيترن سالن کان هلندڙ پاڻي جي مسئلي تي پهريون ڀيرو سنجيده ڌيان ڏنو ويو آهي. چيئرمين جي موجودگي ماڻهن ۾ اعتماد ۽ اطمينان پيدا ڪيو آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته منگهوپير ٽائون جي هر شهري کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ذميواري آهي. مان پاڻ فيلڊ ۾ موجود رهي ڪم جي رفتار ۽ معيار کي يقيني بڻايان ٿو. عوام جون تڪليفون اسان لاءِ ناقابل برداشت آهن انشاءالله ڪجهه ڏينهن ۾ هي مسئلو مڪمل طور حل ٿي ويندو ۽ ماڻهن لاءِ وڏي آساني پيدا ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته ٽائون جي سڀني يوسيز ۾ ترقياتي بحالي ۽ شهري سهولتن وارا منصوبا ڏينهن رات جاري آهن ۽ ڪو به مسئلو نظرانداز نه ڪيو ويندو. يو سي 16 بلوچ گوٺ جا چيئرمين جمن دروان ۽ وائس چيئرمين حسن بلوچ به چيئرمين سان گڏ موجود هئا. هنن چيو ته ٽائون چيئرمين عوامي مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي ذاتي دلچسپي سان ڪم شروع ڪرايو جيڪو قابل تعريف آهي. هن قدم سان شاهه فيصل محلا جي رهواسين کي ڪيترن سالن پراڻي تڪليف کان نجات ملندي. محلي جي بزرگن نوجوانن ۽ عورتن به چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي ڪوشش تي شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته ٽائون انتظاميه پهريون دفعو هن مسئلي تي فوري ۽ مؤثر قدم کنيو آهي.



ڪراچي: چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يوسي 16 بلوچ ڳوٺ جي شاهه فيصل محلي جو هنگامي ۽ تفصيلي دورو ڪيو

سپاف ضلعي سانگهڙ جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جو اجلاس

پ پ جو 58هين يوم تاسيس ضلعي سطح تي ملهائڻ جي اعلان

عوام جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ عوامي رابطه مهم هلائڻ جو فيصلو

سنجهورو (ٽ ر) پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پ پ پ جو 58هين يوم تاسيس ضلعي سطح تي ملهائڻ جي اعلان جي پوئي واري ڪندي پ پ پ ضلعي سانگهڙ طرفان 30نومبر سانگهڙ ۾ يوم تاسيس جي جلسي جي تيارين لاءِ سپاف ضلعي سانگهڙ جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جو اجلاس سپاف ضلعي سانگهڙ جي صدر خادم حسين خاصخيلي جي صدارت ۾ پيپلز خاصخيلي هائوس ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سپاف سانگهڙ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ابراهيم مري آفيس سيڪريٽري سيد صنم علي شاهه سپاف تعلقه سنجهوري جو صدر علي رضا چاڪراڻي تعلقه سانگهڙ جو انفارميشن باسط لاڏبر ستي جهول صدر سومار شر سينيئر نائب صدر سهيل بلوچ ۽ ٻين سپاف جي ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ۾سپاف ضلعي سانگهڙ طرفان يومين تاسيس جي جلسي ۾ عوام جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ عوامي رابطه مهم هلائڻ جو فيصلو ڪندي تعلقي سطي جي عهديدار تي ڪاميٽيون ٺاهيون ويون جيڪي ڪميٽيون عوامي رابطه مهم هلائڻ سان گڏ مختلف سياسي سماجي شخصيتن شهري ايڪشن ڪميٽي سان ملاقاتون ڪري کين يونين تاسيس جي جلسي ۾شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوتون ڏينديون ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي سپاف ضلعي سانگهڙ جي صدر خادم حسين خاصخيلي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا هن ملڪ جي عوام تي لکين ڪروڙين احسان آهن جنهن پ پ پ جهڙي مظبوط عوامي جمهوري پارٽي ناهي هن ملڪ جي عوام کي سياسي شعور ڏيڻ سان گڏ ملڪ حق ڏنا نه ته غريب مسڪين پورهيت بي پهچ ماڻهن جي مقدر جا فيصلا محلن ۾ ٿيندا هئا اڄ هرسياسي پارٽي غريب عوام جي ڳالهه ڪري رهي آهي اهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي فلسفي جي وڏي ۾ وڏي فتح آهي هن چيو ته ضلعي سانگهڙ جي عوام شاگرد سول سوسائٽي جا ماڻهو 30نومبر يومين تاسيس سانگهڙ ۾ٿيندڙ جلسي ۾ڀرپور شرڪت ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکارين ضلعو سانگهڙ اڄ به پ پ پ جو مظبوط قلعو آهي

ملاڪاتيار شهر کي چونڊيل نمائندن وساري ڇڏيو، رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل

ڊرينيج نظام تباهه، يونين ڪائونسل آفيس ۽ پوليس اسٽيشن، ويٽرنري اسپتال جي پراڻي عمارت ۾ هلندڙ

گرلز هاءِ اسڪول، گرلز پرائمري اسڪول ۽ آر ايڇ يو اسپتال جي عمارتن جو ڪم گذريل 14 سالن کان روڙي جو شڪار

بي ايڇ يو تي نانگ ڪکڻ ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين اڻلڀ، شهر جي بس اسٽاپ وٽ مسافر خانو نه هئڻ ڪري مسافر عورتون سخت پريشان

ملاڪاتيار (رپورٽ: عطا مگريو) ملاڪاتيار شهر کي چونڊيل نمائندن وساري ڇڏيو رهواسي بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهن ڊرينيج نظام تباهه يونين ڪائونسل آفيس ۽ پوليس اسٽيشن ويٽرنري اسپتال جي پراڻي عمارت ۾ هلندڙ شهر جا گرلز هاءِ اسڪول ۽ گرلز پرائمري اسڪول ۽ آر ايڇ يو اسپتال جي عمارتن جو ترقياتي ڪم گذريل 14 سالن ۾ مڪمل ناهي ٿيو واٽر سپلائي اسڪيم ناڪاره بڻيل بي ايڇ يو تي نانگ ڪکڻ ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين اڻلڀ، شهر جي بس اسٽاپ وٽ مسافر خانو نه هئڻ ڪري مسافر عورتون سخت پريشان ان ڏس ۾ ضلعي ٽنڊومحمدخان جو وڏي آبادي رکندڙ شهر ملاڪاتيار بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي ملاڪاتيار کي يونين ڪائونسل جو درجو ملندي 50 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو مگر اڃان تائين يونين آفيس ناهي ٺهي سگهي، يونين ڪائونسل آفيس وٽرنري ڪاٽي پراڻي زبون عمارت ۾ ڪاروهنوار هلندڙ آهي، شهر جو ڊرينيج جو نظام پبلڪ هيلٿ ڪاٽي جي نااهلي سبب مشينري ناڪاره هئڻ صفائي نه ٿيڻ ڪري ميمڻ پاڙو سيد پاڙو ملاح پاڙو قريشي پاڙو ۽ مختلف چوڪن ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن سالن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو پوليس اسٽيشن جي عمارت نه هئڻ ڪري وٽرنري ڊاڪٽر هائوس جي پراڻي عمارت ۾ هلندڙ آهي جيڪا پڻ زبون حالي جو شڪار آهن ٻئي طرف گرلز هاءِ اسڪول ۽ گرلز پرائمري اسڪول جي عمارتن جو ترقياتي ڪم گذريل 14 سالن کان مڪمل ناهي ٿي سگهيو جنهن سبب گرلز هاءِ اسڪول ٻوائز پرائمري اسڪول جي پراڻي عمارت ۾ هلندڙ آهي جڏهن ته گرلز پرائمري ماڊل ڪميونٽي اسڪول جو ترقياتي ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي هوڏانهن 2007 ۾ سنڌ حڪومت پاران رورل هيلٿ سينٽر جي بلڊنگ منظور ڪئي وئي هئي جيڪا عمارت پڻ گذريل 15 سالن ۾ مڪمل ناهي ٿي سگهي بي ايڇ يو ۾ ڪتي ڏاڙهڻ ۽ نانگ ڪکڻ واري ويڪسين پڻ گذريل وڏي عرصي کان ناهي واٽر سپلائي اسڪيم به ناڪاره بڻيل آهي شهرين کي هڪ ڏينهن به پيئڻ جو صاف پاڻي ناهي ملي سگهيو تلائن ۾ گندو پاڻي بيٺل آهي ٻئي طرف شهر مک بس اسٽاپ وٽ مسافر خانو نه هئڻ عوام توڙي مسافر عورتن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هتان جي سياسي سماجي اڳواڻن آڌو فقير راجا ميمڻ اڪمل قريشي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي بنيادي سهولتون سميت ترقياتي ڪم ڪرائي ڏنا وڃن ۽ اڌ ۾ ڇڏيل ڪم مڪمل ڪيا وڃن

مهراڻ ۾ ڊاڪٽر لياقت راهو جي تحقيقي ڪتاب ڪوها جي مهورت

ڪتاب لکڻ کان وڏي ڳالهه ڪتاب کي شايع ڪرائڻ آهي: ڊاڪٽر عبدالستار لاڙڪ

هن ڪتاب مان لائبريري ۽ انفارميشن سائنس جي محققن ۽ شاگردن کي مدد ۽ رهنمائي ملندي

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي لائبريري ۽ انفارميشن سينٽر جي انفارميشن ٽيڪنالاجي آفيسر ڊاڪٽر لياقت راهو جي تحقيقي ڪتاب ڪوها (Koha) مهورتي تقريب مهراڻ يونيورسٽي ۾ منعقد ڪئي وئي مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار لاڙڪ چيو ته اهڙيون تقريبون ۽ تحقيق جو ڪلچر مهراڻ يونيورسٽي کي ترقي جي راهه تي قائم رکيو اچن هن چيو ته ڪتاب لکڻ وڏي ڳالهه آهي انهي کان وڏي ڳالهه ڪتاب کي شائع ڪرائڻ آهي مهراڻ يونيورسٽي جي لائبريرين زاهد حسين سهتو چيو ته هي ڪتاب لائبريري جي پيشي سان وابسته لائبريرين محققن ۽ شاگردن جي لاءِ انتهائي ڪارائتو آهي هن ڪتاب مان لائبريري ۽ انفارميشن سائنس جي محققن ۽ شاگردن کي مدد ۽ رهنمائي ملندي سنڌ يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اختر رند چيو ته لائبريري مئنيجمينٽ جي ڪمپيوٽرائزڊ ۽ سافٽ ويئر سسٽم کي ڪوها چيو ويندو آهي هي اوپن سورس سافٽ ويئر جي ڪم ايندو آهي هن چيو ته هي ڪتاب ڪوها جي ڄاڻ عام ڪندو هي ڪتاب لائبريري کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪرڻ لاءِ به رهنما ڪتاب آهي سنڌ يونيورسٽي جي لائبريري شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر عارف ڀٽي چيو ته اٽڪل گذريل 20 سالن کان لائبريري سائنس جي شعبي سان وابسته آهيان اسان مان هر هڪ ماڻهو لائبريري ڏٺي هوندي اسان وٽ لائبريرين جو رحم جوڳو حال آهي اسان ڪتابن ۽ لائبريرين کان پري آهيون انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجي جي مدد سان لائبريري جي مئنيجمينٽ آسان ۽ بهتر ٿي آهي معاشرن ۾ تبديلي جي ڪنجي ڪتاب آهي مهراڻ يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر شهرام شاهه چيو ته هي ڪتاب علم جي واڌ لاءِ ڪم ايندو هي ڪتاب ڄاڻ ۾ اضافو ثابت ٿيندو هي ڪتاب ڪوها جي استعمال لاءِ گائيڊ آهي مهراڻ يونيورسٽي جي لائبريري ڪميٽي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر زينت محمد علي چيو ته هي ڪتاب لائبريري استعمال ڪندڙن لا انتهائي اهم آهي ان موقعي تي ڪتاب جي ليکڪ ڊاڪٽر لياقت راهو چيو ته مون هي ڪتاب ان لاءِ شايع ڪرايو ته جيئن ڪوها استعمال ڪندڙن کي آساني ٿئي هي اوپن سورس لا بنيادي ڪتاب آهي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي تقريب جي ڪمپيئرنگ ناليواري ڪمپيئر ثاقب ابڙو ڪئي

BOOK LAUNCHING CEREMONY
Koha

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي آفيسر ڊاڪٽر لياقت راهو جي تحقيقي ڪتاب جي مهورت مصنف ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماهرن پاران ڪتاب جي رونما ڪئي پئي وڃي

هنڱوري ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جو وڪرو ۽ واهپو وڌي ويو

مسوبرڪوڙي (ن ع) ضلعي حيدرآباد جي هنڱوري ٿاڻي جي حد ۾ شامل علائقن شهر واڙڪي وسي ۽ پرياسي جي ڳوٺن ۾ مٽن پڙي، نشي آور سوپارين زيڊ ايڪيهه (ZAK)، سفينا ۽ ٻين صحت تباهه ڪندڙ شين جي واپار ۾ تيزي سان اضافو ٿي ويو آهي، جنهن سبب علائقي ۾ نوجوان نسل تيزي سان نشي جي لپيٽ ۾ اچي رهيو آهي علائقي واسين آبرومندي سان پنهنجا گهر هلائڻ بدران نشي جي لت ۾ مبتلا ٿيندڙ نوجوانن لاءِ سخت پريشاني جو اظهار ڪيو آهي سندن چوڻ آهي ته منشيات فروش ڏينهن ڏٺي جو سرعام دڪانن گهرن ۽ گلي ڪنڊن تي نشي آور سوپاري ۽ ٻيا نقصانڪار شيون وڪرو ڪري رهيا آهن جڏهن ته انتظاميا صرف پٿي (رشوت) تائين محدود نظر اچي ٿي ۽ ڪنهن به قسم جي ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي رهواسين احتجاج ڪندي چيو ته تمام گهڻي عرصي کان منشيات جي هن آزاد واپار سبب ڪيترا نوجوان بيمارين نفسياتي تڪليفن ۽ معاشرتي دٻاءَ جو شڪار ٿي ويا آهن جنهن سان گهريلو تڪرارن ۾ پڻ اضافو ٿي رهيو آهي بزرگن والدين ۽ سماجي ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪندي مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ هلندڙ منشياتي سوپارين ZAK سفينا ۽ مٽن پڙي جي وڪرو خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي.منشيات جي پکيڙائي ڪندڙ ٽولن ۽ دڪاندارن تي سخت ڏنڊ ۽ قانوني قدم کنيا وڃن نوجوان نسل جي بچاءَ لاءِ خصوصي مانيٽرنگ ٽيمون جوڙي باقاعده ڇاپا هنيا وڃن پوليس ۾ موجود اهڙا اهلڪار جيڪي منشيات وڪرو ڪندڙن سان ملي ڀڳت رکن ٿا انهن خلاف به جاچ عمل ۾ آندي وڃي رهواسين سنڌ پوليس جي اعليٰ اختيارين خاص طور ايس ايس پي حيدرآباد کان گهر ڪئي آهي ته صورتحال جو نوٽيس وٺي منشيات جي وڌندڙ وبا کي روڪڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن جيئن علائقو بهتر محفوظ ۽ صحتمند بڻجي سگهي

زرعي يونيورسٽي جي وي سي پاران خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جو دورو

ايڪٽنگ وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف سيال اڪيڊمڪ ۽ انتظامي معاملن سان گڏوگڏ جاري علمي ترقيءَ جو جائزو ورتو

ڊاڪٽر الطاف سيال پنهنجي دوري دوران ليبارٽرين ريسرچ يونٽن ۽ ڪمپيوٽر لئبز جو معائنو ڪيو، تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

ڪاليج ۾ پيش ڪيل ماحول شاگردن جي سکيا لاءِ نهايت سازگار آهي: ڊاڪٽر سيال پاران ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار

خيرپور (ڊ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي ايڪٽنگ وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف سيال خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جو تفصيلي دورو ڪيو جتي هن اڪيڊمڪ ۽ انتظامي معاملن سان گڏوگڏ جاري علمي ترقيءَ جو جائزو ورتو هن دورو اختيار ڪيو ته جيئن تدريسي ماحول تحقيقاتي سهولتن ۽ جديد تعليمي انتظامن جو ويجهو مشاهدو ڪري سگهجي ڊاڪٽر الطاف سيال پنهنجي دوري دوران ليبارٽرين ريسرچ يونٽن ۽ ڪمپيوٽر لئبز جو معائنو ڪيو جتي کين جديد اوزارن عملي تدريس ۽ شاگردن کي مهيا ڪيل سکيا ماحول بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي هن انهن شعبن ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته ڪاليج ۾ پيش ڪيل ماحول شاگردن جي سکيا لاءِ نهايت سازگار آهي هڪ خاص تقريب ۾ ڊاڪٽر سيال استادن ۽ نان فيڪلٽي عملي جي محنت، سهڪار ۽ ٽيم ورڪ جي ساراهه ڪئي هن چيو ته سندن گڏيل ڪوششون ڪاليج جي ترقيءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيون آهن هن تقريب دوران هن استادن ۽ نان فيڪلٽي عملي کي شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا، جيئن انهن جي خدمتن کي سرڪاري طور مڃتا ملي هن موقعي تي خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جا پرنسپل ڊاڪٽر سيد علي رضا شاهه ۽ سمورا استاد پڻ موجود هئا، جن ايڪٽنگ وائيس چانسلر کي ڀليڪار ڪيو پرنسپل ڊاڪٽر شاهه کين ڪاليج ۾ جاري قدمن شاگردن جي سرگرمين ۽ مستقبل جي منصوبابندي بابت آگاهه ڪيو خطاب ڪندي ڊاڪٽر الطاف سيال چيو ته سندس ويزن آهي ته خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز کي ماڊل ۽ مثالي ادارو بڻايو وڃي هن زور ڀريو ته معياري تعليم جديد تحقيق ۽ شاگرد مرڪوز سکيا ئي ڪنهن به اداري جي ترقي جو بنياد آهن ۽ ڪاليج کي ان ئي رخ تي اڳتي وڌڻ گهرجي جيڪڏهن توهان چاهيو ته مان هن جو اردو يا فيس بڪ پوسٽ ورزن پڻ تيار ڪري سگهان ٿو.

ڪوٽ غلام محمد لڳ ماني تان ناراض نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ ساتو ميگهواڙ ديهه 348 ۾ 8 سالن جي نينگري جاڪلي ڌي روپشي ڪولهي ٻاءِ ماني تان ناراض ٿي ٽيش ۾ اچي گهر جي ڪمري ۾ مبينه چني سان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي کڻائي ضروري ڪاروائي لاءِ تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد پهچايو جتي ضروري ڪاروائي ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

فريدآباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول قائم جتوئي ۾ تقريب

هينڊس جي تعاون سان چلڊرين ڊي جو پروگرام ٿي گذريو، انعام تقسيم

تقريب ۾ شاگردن تقريرون، ٽيبلا، شاعري ۽ سائنس جا پراجيڪٽس پڻ پيش ڪيا

فريدآباد(ن ع) فريد آباد لڳ ڳوٺ جتوئي ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قائم جتوئي ۾ هينڊس جي تعاون سان چلڊرين ڊي جو پروگرام ٿي گذريو شاگرد ۽ شاگرديائين کي انعام پڻ ڏنا ويا، ان ڏس ۾ قائم جتوئي هاءِ اسڪول جي تقريب ۾ قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر برڪت جتوئي يوسي خان جي ڳوٺ جو چيئرمين شيرزاد جتوئي اسڪول ڪوآرڊينيٽر صدام سولنگي هيڊ ماسٽر غلام محمد سومرو استادن ۾ سليم ڪوسو جي ايم جتوئي جي ايم آگرو سائين مجيد بروهي ثقلين چانڊيو ۽ ٻيا شرڪت ڪئي. جڏهن ته شاگردن اوسي الله . سمرين چانڊيو محسن خاصخيلي ڪلثوم ۽ صنم تقريرون ٽيبلا شاعري ۽ سائنس جا پراجيڪٽس پڻ پيش ڪيا . ان کان پوءِ شاگردن کي انعام پڻ ڏنا ويا اڳواڻن ۽ استادن شاگردن کي انعام ڏنو ۽ سخت محنت جو پڻ درس ڏنو ان موقعي تي قومپرست اڳواڻ ڊاڪٽر برڪت جتوئي، سليم ڪوسو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ڌرتي وسيلن سان مالا مال آهي سرڪاري سطح تي تعليمدانن جو ڌيان گهٽ آهي ٻهراڙي جي اسڪولن ۾ تعليم کي فوڪس ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي هنن چيو ته هاءِ اسڪول قائم جتوئي جي شاگرد ۽ شاگرديائين ۾ وڏو ٽيلينٽ آهي شاگرد تمام گهڻي محنت ڪري پنهنجي تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهن ٿا . شاگرد مستقبل جا معمار آهن سنڌ سرڪار ڪاڇي جي تعليمي ادارن تي ڌيان ڏين ليڊ ڪن ۽ ڌيان ڏين اسڪولن ۾ فيسلٽي جي تمام کوٽ آهي انهن ۾ فيسلٽيون ميسر ڪيون وڃن



فريدآباد : گورنمينٽ هاءِ اسڪول قائم جتوئي ۾ تقريب جو ڏيک

سجاول ضلعي جي مختلف ترقياتي رٿائن بابت اهم اجلاس

ساليانه ترقياتي پروگرام تحت جاري اسڪيمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ايندڙ مهيني جي 15 تاريخ تائين گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو ڪم مڪمل ڪيو وڃي: ڊي سي

سجاول(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند جي صدارت هيٺ ضلعي جي مختلف ترقياتي رٿائن بابت اهم اجلاس ڊي سي آفيس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ آئل ۽ گيس فنڊيڊ رٿائن سميت ضلعي ساليانه ترقياتي پروگرام ۽ صوبائي ساليانه ترقياتي پروگرام تحت جاري اسڪيمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ايجوڪيشن ورڪس هاءِ ويز ڊويزن سجاول پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، بلڊنگز ڊويزن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي انجنيئرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته آئل ۽ گيس فنڊيڊ تحت ضلعي ۾ جاري 32 اسڪولن جي تعمير ۽ مرمتي ڪم جي رفتار ۾ تيزي آندي وڃي ۽ ايندڙ مهيني جي 15 تاريخ تائين گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو ڪم مڪمل ڪيو وڃي. هن زور ڀريو ته تعليم بنيادي شعبو آهي تنهن ڪري اسڪولن جا منصوبا بنا دير مڪمل ٿيڻ گهرجن ڊپٽي ڪمشنر پبلڪ هيلٿ هاءِ ويز ۽ بلڊنگز ڊويزن جي عملدارن کي پڻ هدايت ڪئي ته خاص طور تي لونگ ابڙو غلام نبي ٻارڻ ۽ راڄ ملڪ سميت ٻين علائقن ۾ واٽر سپلاءِ ڊرينيج روڊن جي تعمير ۽ اسڪولي عمارتن تي هلندڙ اسڪيمن جي ڪم ۾ وڌيڪ تيزي آندي وڃي ته جيئن عوام کي بنيادي سهولتون جلد مهيا ٿي سگهن. ان موقعي تي لاڳاپيل کاتن جي عملدارن يقين ڏياريو ته سموريون جاري ترقياتي اسڪيمون مقرر وقت اندر ۽ بهتر معيار سان گڏ مڪمل ڪيا ويندا.

ٽاڻو بولاخان ۾ سماجي تنظيم تنوار ويلفيئر ايسوسيئشن طرفان مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي

ٽاڻو بولاخان (ن ع) سماجي تنظيم تنوار ويلفيئر ايسوسيئشن جي اڳواڻ شريف گل خاصخيلي ۽ سندس منظم ٽيم، رضاڪارن ۽ صحت عملدارن گڏجي ڳوٺ ميٺهن مگهار بوتو مڪان ۾ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي جتي وڏي تعداد ۾ مرد، عورتون ۽ ٻارڙا علاج ڪرائڻ لاءِ پهتا جتي ميڊيڪل ڪيمپ ۾ مريضن جو مفت چيڪ اپ جديد مشينري ذريعي مفت ٽيسٽون ضروري مفت دوائون ماهر ڊاڪٽرن ۽ ليڊي ڊاڪٽر جي موجودگي ۾ علاج بيمارين جي روڪٿام بابت آگاهي غريب ڳوٺ واسي بزرگ، عورتون ۽ نوجوان وڏي محبت سان گيان چند ايسراڻي لاءِ دعائون گهريائون

ٽاڻو بولاخان: سماجي تنظيم تنوار ويلفيئر ايسوسيئشن طرفان لڳل مفت طبي ڪئمپ جو ڏيک

خيرپور جي ڳوٺ ارباب خان جي رهواسي جو احتجاج

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي ڳوٺ ارباب خان جي رهواسي محمد علي ولد خير محمد گوپانگ خيرپور جي عدالت ۾ عروسا ڌيءِ مشتاق احمد گوپانگ ويٺل وزير احمد گوپانگ سان شادي ڪرڻ بعد خيرپور ۾ صحافين اڳيان داهيندي چيو ته اسان ٻنهي رضا خوشيءَ سان شريعت محمدي موجب نڪاح ڪيو آهي جنهن بعد اسان جا عزيز

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 28 نومبر 2025ع

تعليم ۾ شفافيت ۽ مستقبل جو سوال!

شهيد بينظيرآباد بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن پاران نائين ۽ يارهين ڪلاس جي نتيجن جي اي مارڪنگ سسٽم تحت جاري ٿيڻ بعد شاگردن ۾ سخت مايوسي پيدا ٿي آهي. سانگهڙ، نوشهروفيروز، نوابشاهه ۽ ٻين ضلعن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ۽ ريليون ڪڍي مظاهرا ڪيا، جنهن تعليمي نظام ۾ موجود بي اعتمادي ۽ نااهلي کي واضح ڪيو. سانگهڙ جي پير سيد صبغت الله شاهه شهيد گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي شاگردن پاران ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪندي چيو ويو ته اهي ريگيولر شاگرد آهن ۽ ڪاليج ۾ بهترين پرفارمنس ڏيکاري چڪا آهن، پر اي مارڪنگ سسٽم جي سبب اڌ کان وڌيڪ شاگرد فيل ٿي ويا آهن. شاگردن جو چوڻ آهي ته بورڊ انتظاميا جي رويي سبب انهن جو مستقبل خطري ۾ آهي ۽ جيڪي مارڪون مليون آهن، انهن تي ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ناممڪن لڳي ٿي. شهدادپور، ٽنڊو آدم، ڪپري، نوشهروفيروز، موري، قاضي احمد ۽ سڪرنڊ ۾ شاگردن پاران ڪلاسن جو بائيڪاٽ، ريليون ۽ ڌرڻا هڻڻ شاگردن جي مايوسي ۽ احتجاج جي شدت کي واضح ڪن ٿا. شاگردن جو چوڻ آهي ته اي مارڪنگ سسٽم جو جواز نه هجڻ سبب محنتي شاگردن کي نقصان پهتو آهي، جڏهن ته ٻين کي رشوت يا اثر رسوخ جي ذريعي مارڪون ڏنيون ويون. هي مظاهرا صرف مارڪن جي طلب تائين محدود نه آهن، بلڪ تعليمي نظام ۾ شفافيت، انصاف ۽ شاگردن جي حقن جي حفاظت جو مطالبو آهن. هن احتجاج جي پس منظر ۾ هڪ وڏو سوال موجود آهي، تعليم جو رجحان گهٽجي رهيو آهي، شاگرد ساليانو امتحان ۾ ڪاپيءَ تي وڌيڪ ڀاڙي رهيا آهن. امتحاني سينٽرن ۾ موبائل فون جو عام استعمال ٿئي ٿو ۽ گهڻا شاگرد پنهنجي علم ۽ صلاحيت سان ڪو هڪ مضمون لکڻ جي قابل به نه رهيا آهن. اهڙي صورتحال نه صرف شاگردن جي قابليت کي نقصان پهچائي رهي آهي، بلڪ سماج ۾ اعتماد جي گهٽتائي ۽ مستقبل جي تعليم لاءِ خدشو پيدا ڪري رهي آهي. ٻئي طرف ميڊيڪل يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ ڪو واضح نظام نه هجڻ سبب گهڻي ڀاڱي ڇوڪرين کي داخلائون ملن ٿيون، جيڪي ڊگري مڪمل ڪرڻ بعد گهرداريءَ ۾ لڳي وڃن ٿيون يا شاديءَ کان پوءِ نوڪريءَ کان ڪنارو ڪري ڇڏين ٿيون. جنهن سبب حڪومت جا خرچ ڪيل لکين رپيا ضايع ٿي وڃن ٿا ۽ ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ به برقرار رهي ٿي. ان لاءِ ضروري آهي ته داخلائن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي برابريءَ جو حصو رکيو وڃي ته مستقبل ۾ ميل ڊاڪٽرن جي کوٽ پوري ٿي سگهي ۽ صحت جي شعبي ۾ گهٽتائي نه هجي.

شاگردن جي احتجاج، اي مارڪنگ سسٽم جي خامين ۽ ميڊيڪل يونيورسٽين ۾ داخلا جي غير واضح پاليسين مان واضح ٿئي ٿو ته اسان جي تعليمي نظام ۾ شفافيت، ايمانداري ۽ نتيجن جي معيار کي سنجيدگيءَ سان اپنائڻ جي ضرورت آهي. تعليم جو مقصد محنتي شاگردن جي محنت جو صلو ڏيڻ، علم ۽ قابليت کي فروغ ڏيڻ ۽ سماج ۾ اعتماد قائم رکڻ آهي. جڏهن سسٽم ۾ شفافيت ۽ انصاف نه هوندو ته شاگردن جو اعتماد ٽُٽندو آهي، احتجاج جا واقعا وڌندا آهن ۽ مستقبل ۾ قابليت وارا نوجوان بيروزگار يا مايوس ٿي سگهن ٿا. بورڊ انتظاميا ۽ تعليمي اختيارين لاءِ وقت آهي ته اهي شاگردن جي احتجاج ۽ مطالبن کي سنجيدگيءَ سان وٺن، امتحاني نظام ۽ داخلا پاليسين ۾ شفافيت قائم ڪن ۽ اهڙو تعليمي ماحول پيدا ڪن جيڪو محنت، قابليت ۽ انصاف تي مبني هجي. جيڪڏهن موجوده خامين کي دور نه ڪيو ويو ته تعليمي نظام تي عوام جو اعتماد گهٽجي ويندو ۽ سماج جي ترقي لاءِ خطرناڪ نتيجا برآمد ٿيندا.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪارا ڪُن، ڪارِي تَڳِيِ، جت ڪارِيهرَ ڪَڙڪا؛
مَٿي مَتي مِهراڻَ ۾ ، اَچِنِ ڏُپارا ڏَڙڪا؛
وِيندي ساهَڙَ سامهان، جهولَ ڏِنسِ جَهڙڪا؛
ڪِرڪِنِ جا ڪَڙڪا، سُونهان ٿِيَڙَسِ سِيرَ ۾.
(سُرِ سهڻي)

آئيني جي اڳيان

’جن دوست ٿي سمجهيو ناهي‘



حڪيم پريم چانڊوائي

جن دوست ٿي، سمجهيو ناهي، تن سان بحث اجايو آهي

انسان جي زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ ٻنهي جو پنهنجو الڳ ستاءُ آهي، پر سڀ کان اهم ڳالهه سمجهڻ آهي. هر ڳالهه جو هڪ وقت، هر هڪ جو الڳ مزاج، الڳ ذات يا ڏانءُ هوندو آهي پر هر ڪنهن وٽ اها ذات نه به هوندي آهي. پريم شاعر جو هي پُراسرار ۽ گهرو شعر هن حقيقت کي نهايت سادگيءَ سان بيان ڪري ٿو ته:

جيڪو دوست ٿي سمجهيو ناهي، ان سان بحث ڪرڻ اجايو، بيڪار ۽ بي مقصد آهي.

نه سمجهڻ سان پيدا ٿيندڙ فاصلا: هر جاءِ تي بحث ڪرڻ عقلمندي ناهي جو ته بحث تڏهن ئي ثمر ڏيندو آهي، جڏهن سامهون وارو ماڻهو سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ ۽ سچائيءَ سان سمجهڻ جي صلاحيت رکي. بدقسمتيءَ سان ڪيترن ماڻهن وٽ ڳالهه ٻڌڻ کان وڌيڪ پنهنجي ڳالهه مڙهڻ جي عادت هوندي آهي. اهڙن ماڻهن سان بحث ڪرڻ ايئن آهي، جيئن طوفان ۾ ڏيئو ٻارڻ ڪجهه دير ٽمٽمائيندو پوءِ وسامي ويندو.

دوستيءَ جو اصل معيار، هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ برداشت ڪرڻ ۾ ئي آهي. دوستي صرف گڏ ويهڻ، گڏ کلڻ يا گڏ گهمڻ جو نالو ناهي، دوستي هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ برداشت ڪرڻ جو نالو آهي.

جيڪو توهان جي دل جي ڳالهه بنا لفظ چئي سمجهي، اهو ئي حقيقي دوست آهي جيڪو بار بار سمجهائڻ باوجود ڳالهه نه سمجهي، اهو رڳو گڏ هلندڙ انسان ته ٿي سگهي ٿو پر دوست ٿي نٿو سگهي.

اڄ جي دنيا ۾ ڪيترن لاڳاپن ۾ تلخي، ڇڪتاڻ ۽ فاصلا ان ڪري وڌن ٿا جو ماڻهو ٻڌن ٿا پر سمجهن نه ٿا. نتيجي ۾ بحث رڳو بحث رهجي وڃي ٿو. ڪو به نتيجو نڪري نٿو سگهي.

بحث جو مقصد ۽ بي معنيٰ تڪرار: بحث جو مقصد ڪنهن کي مات ڪرڻ نه پر ڪنهن ڳالهه جي تهه تائين ڪُلجي پهچڻ هوندو آهي. جتي بحث جو مقصد حق ڳولڻ بدران خود کي درست ثابت ڪرڻ هجي، اتي بحث نه پر تڪرار پيدا ٿيندو آهي.

اهڙا تڪرار خاندانن ۾، دوستين ۾، آفيسن ۾ ۽ سماج ۾ روز بروز وڌي رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته اسان سکيو ئي ناهي ته ڪڏهن ڳالهه ڪئي وڃي ۽ ڪڏهن چُپ ٿي وڃجي.

چُپ ٿيڻ ڪڏهن ڪڏهن بحث کان وڌيڪ ڏاهپ هوندي آهي.

سمجهه بغير بحث: وقت ۽ توانائيءَ جو ضايع ٿيڻ جيڪو شخص ڪنهن کي دل سان دوست ٿي نٿو سمجهي، تنهن وٽ دليل پيش ڪرڻ، حوالا ڏيڻ يا مثال جا ڍير لڳائڻ جو ڪو به فائدو ناهي.

اهڙي بحث ۾ نه توهان فتح حاصل ڪندا، نه سامهون وارو قائل ٿيندو ۽ نه ئي رشتو مضبوط ٿيندو. اُلٽو دل ڏکوئبي، ذهن ٿڪبو ۽ وقت ضايع ٿيندو.

سماجي پس منظر: اختلافن جو وڌندڙ بار: اڄ جڏهن سماج اڳ کان وڌيڪ نفرتن شڪايتن ۽ جلدبازيءَ جو شڪار آهي، تڏهن هڪ ٻئي کي سمجهڻ هڪ وڏي نعمت بڻجي چڪي آهي.

سوشل ميڊيا تي بحث، گهريلو معاملن ۾ بحث، ذاتي سوچن ۾ بحث پرسڀ بي نتيجي. ڪنهن کي پاڻ تي يقين نه ٿو اچي ۽ ڪنهن کي ٻيو ماڻهو ٺيڪ نٿو نظر اچي.

هن ماحول ۾ سمجهڻ بغير بحث ڪرڻ جو مطلب آهي، پاڻمرادو پاڻ کي ذهني ٿڪاوٽ جي حوالي ڪرڻ يا ذهني اذيت ڀوڳڻ ۽ خوامخواهه پريشان ٿيڻ.

مرڪزي خيال: انسان جي گفتگوءَ ۽ تعلق جو سڀ کان مضبوط بنياد سمجهه آهي جن سان اسان جا خيال، مزاج، رويا ۽ لفظ نٿا ملن، تن سان بحث ڪرڻ فائديمند نه پر اُلٽو نقصانڪار ثابت ٿيندو آهي.

هن ڪالم جو حاصل مقصد: هر بحث لاءِ مناسب ماڻهو چونڊيو، ڇاڪاڻ ته هر ڪو نه سڀ ڪجهه ٻڌي سگهي ٿو، نه ئي هر ذهن سڀ ڪجهه سمجهي سگهي ٿو دوستيءَ جو اصل قدر سمجهڻ، سهڻ ۽ ڳالهه جو وزن يا بار کڻڻ ۾ آهي جُپ رهڻ ڪڏهن ڪڏهن

’...جيڪڏهن اعتبار هجي ها‘



محمود شام

ضمني چونڊن ۾ سيٽي سيٽون کٽڻ حڪومت لاءِ هڪ وڏي سياسي ڪاميابي سمجهي وڃي ٿي، پر ملڪ جو حال ۽ وقت جا رُخ اهڙا آهن جو ماڻهو سچ کي قبول ڪرڻ يا اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ئي نٿا لڳن. اربين رپيا اشتهارن تي لڳايا پيا وڃن، پر پوءِ به ماڻهن جي دل تان شڪ نٿو لهي. جمهوريت به پاڻ ۾ عجيب شيءِ آهي. جڏهن اها پنهنجي اصل صورت ۾ هجي ٿي ته ساڻس انصاف، عزت، وقار ۽ اعتبار گڏ اچي ٿو پر جڏهن جمهوريت تي دٻاءُ وجهي ان کي ڪمزور يا ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تڏهن رياست جا ادارا، جيڪي جمهوريت جي سچائپ هوندا آهن اهي به پنهنجو وزن، حيثيت ۽ قدر وڃائي ويهندا آهن اوهان چاهي ڪيترا به پيسا اشتهار بازيءَ ۾ لڳائي ڇڏيو، شهر شهر بورڊ هڻي ڇڏيو، وڏا وڏا پينا فليڪس لڳائي ڇڏيو، سموري خاندان جون تصويرون ٽنگي ڇڏيو يا ٽي وي ٽاڪ شوز ۾ پنهنجا ماهر ويهاري ڇڏيو پر جيڪڏهن ماڻهن جي دل تان اعتماد ختم ٿي وڃي ته پوءِ ٻاهرجي هر نٽ نانگر بيڪار لڳي ٿي. ماڻهو ڏسن به ته يقين نٿا ڪن پڙهن به ته ذهن قبول نٿو ڪري، ٻڌن به ته اثر نٿو ڪري. بقول ميرتقي مير ’ یا ں وہی ہے جو اعتبار کیا ‘ هاڻي Perceptionيعني ماڻهن جو خيال، تاثر ۽ سوچ پاڻ ۾ هڪ عالمي حقيقت ۽ وڏي طاقت بڻجي چڪي آهي. دنيا جي وڏن بادشاهن ۽ حڪمرانن جا دورا به اڳي جهڙو اثر نٿا ڇڏين. اڳ اهو وقت هوندو هو جو هڪ پرڏيهه جي دوري تي وزير خارجه پنهنجي موجودگيءَ جو نقش ڇڏي ايندو هو، پر هاڻي اهو تاثر گهٽجي ويو آهي. جتي انصاف ٿي نظر نه اچي ۽ جمهوريت کي ترميمن وسيلي آهستي آهستي ختم يا ڪمزور ڪيو وڃي، اتي ماڻهن جي دلين ۾ بيگانگي، لاتعلقي ۽ شڪ جو پاڇو پيدا ٿي ويندو آهي. پوءِ ماڻهو ڪنهن به وڏي واقعي، فيصلي يا ڪوشش تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار ناهن هوندا ۽ اها ڳالهه پاڻ ۾ خطري جي گهنٽي آهي. هاڻي صورتحال اها آهي ته هر سياسي پارٽي، هر لابي کي پنهنجي ماڻهن، پنهنجن حامين ۽ ووٽرن کي قائل ڪرڻو پوي ٿو جو ته سوشل ميڊيا تي اهڙيون هوائون هلي رهيون آهن جيڪي ماڻهن جي اعتماد کي لوڏي ڇڏين ٿيون. اهڙا اهڙا انڪشاف سامهون اچن ٿا جو وڏي عقيدت رکندڙ ماڻهو به ڪنڌ جهڪائي حيران ٿي وڃي ٿو. مينارِ پاڪستان تي جماعتِ اسلامي جو وڏو اجتماع ٿيو جتي جماعت جا اڳواڻ، امير ۽ قائد لڳاتار تقريرون ڪندا رهيا ۽ ٽن نسلن جا ماڻهو اهو جلسو ٻڌي پنهنجي پنهنجي گهر موٽي ويا. غير ملڪي ماهرن جا خيال به ماڻهن تائين پهچايا ويا. پر هاڻي اصل بحث ۽ اصل امتحان شروع ٿيندو ۽ اهو بحث ٿيندو ڪراچي کان گوادر تائين، سکر کان ڪوئيٽا تائين، پشاور کان پنجاب تائين، بلوچستان، سنڌ، ڪي پي ڪي، پنجاب، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي گهرن، هوٽلن ۽ مسجدن ۾ ويهي ماڻهو هڪ ٻئي کان سوال ڪندا، بحث ڪندا. ان جلسي جا نتيجا پرکندڙن کي پنهنجي ماڻهن کي مطمئن ڪرڻو پوندو هر هنڌ ڳالهه هلندي. رايا ٽڪرائيندا ۽ ان ڳالهه ۾ به ڪو شڪ ناهي ته جماعتِ اسلامي جي اڳواڻن جون ڪوششون جلسي کان اڳ به ۽ پوءِ به، ذڪر جوڳيون ۽ اهم آهن.

توهان سياسي طور يا علمي طور جماعت اسلامي سان هزار اختلاف رکو، پر هڪ ڳالهه مڃڻي پوندي ته اهي پنهنجو پيغام وڏي محنت، اخلاص ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو ڀرپور استعمال ڪندي عوام تائين پهچائي رهيا آهن. پرنٽ جي ضمن ۾ انهن جو 210 صفحن جو ’جسارت‘ جو خاص شمارو 21هين صدي جي اهم سياسي فڪري، علمي ۽ ادبي دستاويزن ۾ شمار ٿيندو مستقبل ۾ جڏهن تاريخدان 2025 ع جي سياسي حالتن ۽ تبديلين تي تحقيق ڪندا ته هي شمارو انهن لاءِ هڪ اهم ذريعو ثابت ٿي سگهي ٿو انهن (جماعت ۽ جسارت) وڏي ظرف ۽ دليري ڏيکاري آهي. اسان جهڙا مخالف ۽ تنقيد ڪندڙ به جن جا تجزيا ڪڏهن ڪڏهن سخت هوندا آهن، اهي به بنا ڪتري گهٽائڻ جي ڇاپيا ويا آهن اهڙو حوصلو شايد ڪنهن ٻي سياسي جماعت ۾ نظر نه اچي. منظم محنت اڪثر پنهنجو نتيجو ضرور ڏيندي آهي. هاڻي ماڻهو چئي رهيا آهن ته جڏهن پي ٽي آءِ کي مينار پاڪستان تي جلسي جي اجازت به نٿي ملي، تڏهن جماعت اسلامي کي مڪمل ميدان مهيا ڪيو ويو. ان تي به بحث هلندو. پر اصل سوال اجا اڳيان آهي ته ڇا جماعت اسلامي هن وڏي اجتماع ۽ ڪانپوءِ پنهنجي ووٽرن، پنهنجي ساٿين ۽ پنهنجي صالحين ۾ ويجهڙائپ ۽ اعتماد ٻيهر قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿي يا نه؟ مان، جيئن ته تاريخ ۽ جمهوريت جو رڳو هڪ ننڍو شاگرد آهيان، هن اجتماع کي سٺو ۽ مثبت قدم سمجهان ٿو گهٽ ۾ گهٽ جماعت پنهنجي ڪارڪنن کي ٻيهر فعال ڪرڻ ۽ گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. هن جلسي ۾ هر اهم موضوع تي ڳالهه ٿي، 27هين آئيني ترميم تي، اسٽيبلشمينٽ ۽ سول ملٽري لاڳاپن تي ۽ غير سياسي قوتن جي وڌندڙ اثررسوخ تي به تنقيد ڪئي وئي، ميڊيا تي ڪنٽرول، پارليامينٽ جي اختيارن ۽ دٻاءُ تي به ڳالهيون ڪيون ويون. دنيا جي نئين ورلڊ آرڊر، ڪشمير، فلسطين ۽ اسرائيل جي سچائپ ڪرائڻ واري عالمي مهم تائين. ڪهڙو موضوع هو جيڪو هن جلسي ۾ ڇيڙيو نه ويو؟ جماعت اسلامي جي ڪارڪنن لاءِ ته هي مڪمل طور هڪ وڏي تربيت گاهه، هڪ ورڪشاپ وانگر هئي، جتي کين هر سطح جي سياسي فڪر کان واقف ڪيو ويو. اهو به ياد رکڻ گهرجي ته هي سڄو منظر عمل اهڙي وقت ۾ ٿيو آهي، جڏهن رياست، رياستي ادارا، وفاقي اتحادي حڪومت، صوبائي حڪومتون پنهنجي تمام آفيسرن، ڪمشنرن ۽ ڊي سيز هجڻ باوجود به عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام پيا ٿين. روز روز اسان سڀني کي هن بي اعتمادي جو تجربو ٿي رهيو آهي. 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم ڪانپوءِ هاڻي 28هين آئيني ترميم آندي پئي وڃي. اڳ آئيني ترميم کي انتهائي حساس ۽ سنجيده قدم سمجهيو ويندو هو. ان تي هر طرف کان سوچ بحث ۽ سمجهداري لاڳو هوندي هئي، پر لڳي ٿو ته هاڻي جيڪي به تجربا ٿي رهيا آهن، اهي ڪنهن ليبارٽريءَ جهڙي هنڌ تي تيزي ۽ عجلت ۾ ٿي رهيا آهن، جتي ڪجهه ڳالهيون نظرانداز ٿي وڃن ٿيون. يا شايد ٿي سگهي ٿو ته هي 21هين صديءَ جي حڪمتِ عملي هجي ته ماڻهن کي تجربن، بحثن ۽ تڪرارن ۾ ايترو الجهايو جو اهي اصلي سوال پڇڻ وساري ڇڏين.

’’ہم پہ ہونے ہیں تجربے کیا کیا ،
ہم پہ گزریں گے سانحے کیا کیا ،
آسماں کر رہا ہے سرگوشی،
منتظر ہیں مواخذے کیا کیا‘‘

هي سڀ ڪجهه اصل ۾ قومي نقصان آهي، ڇو ته جڏهن رياست ۽ ان جا ادارا عوام جي نظر ۾ بيوقعت ٿين، حڪمرانن جي ڳالهه تي ماڻهو شڪ ڪن ٿا، ميڊيا جون خبرون ۽ تجزيا ماڻهن لاءِ بي اثر ٿي رهيا آهن ۽ اهي انهن کان پاڻ کي لاتعلق محسوس ڪن ٿا. عدالتن جي فيصلن تي ماڻهو آسانيءَ سان چون ٿا ته ’هي فيصلو ڪنهن ٻئي طرفان اچي رهيو آهي‘ تعليمي ادارن ۾ وائيس چانسلر، استاد ۽ ساٿي شاگردن تي به اعتبار گهٽجي ويو آهي ۽ انهن جي ڳالهه کي ماڻهو سچائي طور قبول نه ڪندا آهن. هاڻي ته عالمن جي ڳالهه به متنازع قرار ڏني وڃي پئي ۽ سماج ۾ يقين جي آخري بنيادن تي به چرا لڳڻ شروع ٿي ويا آهن. غير سرڪاري ادارن يعني اين جي اوز به ڪجهه وقت اڳ تائين پنهنجي ساک ۽ سچائپ ناهي ورتي هئي، پر گذريل ڪجهه سالن دوران انهن بابت به اهڙا اهڙا اعتراض ۽ شڪ پيدا ٿيا جو انهن جو اعتبار به ماڻهن جي نظر ۾ گهٽجي ويو آهي. بي اعتمادي جا اثر صرف هڪ طرف نه، پر هر طرف محسوس ٿي رهيا آهن. معاشي نقصان به آهن، سماجي به وڌي رهيا آهن. ڪيترن ترقياتي منصوبن تي عمل ڪرڻ ۾ رڪاوٽون اچي رهيون آهن. ڪيترين ئي اسڪيمون اعلان ٿينديون آهن، پر ٿوري ئي دير ۾ رد به ٿي وينديون آهن. هر هنڌ سچائيءَ جون قبريون نظر اچن ٿيون. يعني ڪا ڳالهه پائيدار سچ وانگر نه بچي آهي. سوال اهو آهي ته اعتبار جو هي خسارو ڪيئن پورو ٿيندو؟ يقين جو هي بحران ڪيئن ختم ٿيندو؟ روز روز ايترو ذهن تي زخم لڳي ٿو جو ائين لڳي ٿو هن پيري damage controlيعني صورتحال کي سنڀالڻ تمام مشڪل هوندي. منهنجي خيال ۾ هن اهم ۽ ڳنڀير مسئلي تي يونيورسٽين ۾، صحافتي ادارن ۾ ۽ بحث مباحثن ۾ ويهي غور ٿيڻ گهرجي. غير جانبدار تجزيي جي وڏي ضرورت آهي. رياست کي به دليلن سان پنهنجو اعتماد بحال ڪرڻو پوندو، ڇو ته اها قومي ضرورت به آهي ۽ تاريخي به. قوم اڳتي وڌي نٿي سگهي جيستائين رياست ۽ عوام جي وچ ۾ يقين جي ڏور ٻيهر مضبوط نه ٿئي. اهڙا سنجيده تجزيا قوم جي مستقبل لاءِ نهايت ضروري آهن. ڪنهن به خوف يا دٻاءُ کي رڪاوٽ نه بڻجڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪو چوي ٿو ته ’نه نه، ماڻهو ته اجا به اعتبار ڪن ٿا‘ ته غالب جي شعر سان جواب ڏيڻو ٿو پوي:

’’کہ خوشی سے مر نہ جاتے اگر اعتبار ہوتا‘‘

چا ميثاقِ جمهوريت جي نئين راند شروع ٿيڻ واري آهي؟

اعجاز ممنائي

چيئرمين سينيٽ يوسف رضا گيلانيءَ جو پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) جي وچ ۾ اڌ مدت جي معاهدي جو انڪشاف بي سبب نه هو ۽ نه ئي چيئرمين بلاول ۽ صدر آصف علي زرداريءَ جي ارادي کان سواءِ ڪو بيان ڏئي سگهي ٿو سنڌ جي گورنر جي تبديل ٿيڻ واريون خبرون ميڊيا جي زينت بڻيل آهن. لڳي ائين ٿو ته هاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومتي اتحاد کي ڇڏي مخالف بينچن تي ويهڻ واري آهي. ممڪن آهي ته مخالف ڌر بلڪل اهو ئي ڪردار ادا ڪندي، جيڪو ميان نواز شريف 2008 ع ۾ قائم ٿيندڙ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت دوران ادا ڪيو هو يا آصف علي زرداري 2013 ع ۾ قائم ٿيندڙ مسلم ليگ (ن) جي حڪومت دوران ادا ڪيو هو. انهن ٻنهي پارٽين کي دوستاڻي اپوزيشن هجڻ جو طعنو ڏنو ويو هو پر آصف زرداري ۽ نواز شريف ميثاقِ جمهوريت تي مڪمل طور تي عمل ڪيو.

ظاهر آهي ته پيپلز پارٽيءَ جو هي ممڪن نئون ڪردار ٽنهي پارٽين، يعني نواز شريف، صدر زرداري ۽ طاقتور ڌر پاران طئي ڪيو ويو هوندو. بدلي ۾ پيپلز پارٽيءَ کي ايندڙ عام چونڊن ۾ پنجاب ۾ پارٽيءَ کي ٻيهر منظم ۽ فعال ڪرڻ لاءِ فروغ ملي سگهي ٿو. جيڪڏهن هن نظريي کي قبول ڪيو وڃي ته جيڪڏهن ان تي عمل ڪيو وڃي ٿو ته ان جو واضح مطلب اهو ٿيندو ته قومي اسيمبليءَ ۾ پي ٽي آءِ جو ڪردار ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. اپوزيشن ليڊر جو عهدو پي ٽي آءِ کان کسي پيپلز پارٽيءَ کي ڏنو ويندو. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته پي ٽي آءِ کي هاڻي اها اهميت نه رهندي، جيڪا ان کي اهم مقررين جي حوالي سان حاصل آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته مختلف ادارن ۾ اهم مقرريون اپوزيشن ۽ حڪومت، يعني ليڊر آف هائوس ۽ ليڊر آف اپوزيشن جي صلاح مشوري کان سواءِ نه ڪيون وينديون آهن. ويجهي مستقبل ۾ نئين چيف اليڪشن ڪمشنر جي مقرريءَ جي به اميد آهي، ڇاڪاڻ ته موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا پنهنجي مدت پوري ڪرڻ کان پوءِ عبوري بنيادن تي هن عهدي تي ويٺل آهي.

تازين ضمني چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جون سڀئي سيٽون کٽڻ کان پوءِ جڏهن مسلم ليگ (ن) ڪافي مضبوط آهي، حڪومتي اتحادي پارٽين جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبرن کي پيپلز پارٽيءَ کان سواءِ به سادي اڪثريت ملي وئي آهي. متوقع فيصلي تي عمل ڪرڻ پڻ آسان ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته عوام ضمني چونڊن ۾ پي ٽي آءِ کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي. خيبرپختونخواهه ۾ عمر ايوب جي زال جي سيٽ تي شڪست پي ٽي آءِ جي مقبوليت جي دعوائن کي هوا ڏئي ڇڏي آهي. اتي، چونڊ عملو ڪي پي حڪومت جي حق ۾ نظر آيو. ريٽرننگ آفيسر کي به صوبائي حڪومت چونڊيو هو. وزيراعليٰ پختونخواهه سهيل آفريدي ۽ عمر ايوب پاڻ چونڊ مهم هلائي وئي. ان جي باوجود پي ٽي آءِ اميدوار جي تقريباً 40 هزار ووٽن سان شڪست جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو هاڻي عمران خان جي سياست جي انداز سان متفق ناهن. ٿي سگهي ٿو ته ووٽرن جي ذهنن ۾ ڪٿي نه ڪٿي اهو هجي ته عمر ايوب پنهنجي زال کي پردي پويان اليڪشن وڙهڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ سندس زال ڪامياب ٿي وڃي ٿي ته پوءِ اها اسيمبليءَ ۾ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي ناڪاميءَ جي ڪري پنهنجي حلقي جي اثرائتي نمائندگي نه ڪري سگهندي.

عمران خان جو سياسي انداز هميشه تڪراري رهيو آهي. 2018 ع ۾ جنهن طريقي سان ڪيس سياسي انجنيئرنگ ذريعي حڪومت ڏني وئي، جيڪڏهن هن وٽ صلاحيت هجي ها ته هو ان جو فائدو وٺي ها. ان کان علاوه سياست ۾ جيڪا مقبوليت ڪيس ملي هئي، اها ان جو مثال آهي. هن مقبوليت ڪيس نقصان پهچايو. جيڪڏهن هن فيض حميد سان گڏ پنهنجي اقتدار کي جاري رکڻ لاءِ نامناسب حربا استعمال نه ڪيا هجن ها ته شايد مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي ايتري جلدي هڪ ئي صفحي تي نه اچن ها. مقبوليت پنهنجي جاءِ تي آهي پر عمران خان سياست ۾ هڪ خام رانديگر هو. هن وٽ نواز شريف ۽ زرداريءَ جي سامهون بيهڻ جي صلاحيت نه هئي. هڪ سياستدان هڪ بند رستي مان نڪرڻ جو رستو ڳولي ٿو. اهو نواز شريف ۽ زرداري پاران ثابت ٿيو. عمران خان پنهنجن نتيجن بابت سوچڻ کان سواءِ به ڪُليل دروازن کي بند ڪري ٿو. ثابت ٿيو ته عدم اعتماد جي تحريڪ جي ڪاميابيءَ کان پوءِ وزيراعظم جو عهدو وڃائڻ کان پوءِ به عمران خان تمام گهڻو مضبوط هو. پنجاب ۽ پختونخواهه ۾ سندس حڪومتون هيون. هو قومي اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن ليڊر بڻجي سگهي ها ۽ حڪومت کي توڙي سگهي ها. شايد هو حڪومت جي ڪنهن ننڍڙي غلطيءَ جو فائدو وٺي باپ پارٽي يا ايم ڪيو ايم کي پاڻ سان گڏ ڪري سگهي ها ۽ شهباز شريف جي حڪومت ڪيرائي سگهي ها پر سندس جلدبازيءَ واري طبيعت ڪيس غلط فيصلا ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن نه رڳو قومي اسيمبليءَ مان استعيفيٰ ڏئي وفاقي حڪومت کي مضبوط ڪيو پر پرويز الاهيءَ جي اعتراضن جي باوجود پنجاب ۽ پختونخواهه جي حڪومتن کان به الڳ ٿي ويو. پرويز الاهي وضاحت ڪئي هئي ته استعيفيٰ ڏيڻ کان پوءِ ساڳي پنجاب پوليس، جيڪا اڄ اسان جي حفاظت جي ذميوار آهي، اسان کي گرفتار ڪندي پر عمران خان نه سمجهيو. هو ساڳئي پنجاب پوليس جي گرفتاريءَ کان پوءِ جيل ويو.

عمران خان جي هڪ ٻي وڏي غلطي سياستدانن جي بدران اصل واڳ ڌڻين سان ڳالهين تي سندس اصرار هو. نائين اليون کان پوءِ طاقتور ڌر پنهنجا دروازا اڻ اعلانيل مدي لاءِ بند ڪري ڇڏيا آهن. ويجهي مستقبل ۾ اهي دروازا کُلڻ جو امڪان به ناهي. بهتر هجي ها ته هو سياستدانن سان گڏ ويهي ڪو رستو ڳولي ها پر هن ان جي بدران سياسي اختلافن کي ذاتي دشمنيءَ ۾ وڌائي ڇڏيو آهي ۽ لامحدود نفرت کي فروغ ڏنو آهي. اڄ جي صورتحال سندس پوئلڳن لاءِ قابل قبول ٿي سگهي ٿي پر عام ووٽر هن نفرت انگيز سياست جو شڪار ٿيڻ لاءِ تيار نه آهن. ملڪ ۾ تازي سياسي جيڪا صورتحال نظر اچي رهي آهي، ان ڪانپوءِ 26هين ۽ 27هين ترميمن ۾ جيڪي قدم تجويز ڪيا ويا آهن، اهي نه صرف ڪنهن مجاز اداري جي منظوريءَ سان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پر ان لاءِ جنهن اختياري ۽ قانون جي ضرورت آهي، اهو به ناهي ياد رکڻو جتي به انصاف جي خلاف فيصلا ٿيندا آهن، اتان بغاوت جا جهنڊا بلند ٿيندا آهن. انڪري سياستدانن کي پنهنجي ذاتي فائدن وٺڻ بجاءِ ملڪ ۽ قوم جي وسيع مفادن لاءِ سوچڻ گهرجي.

ڪيترن ئي مذهبن ۽ سلطنتن جو حصو رهندڙ سنڌ ڀارت جو حصو ڇو نه ٿي؟

وقار مصطفيٰ

ڀارت جي وزير دفاع راج ناٿ سنگهه پاران پاڪستان جي صوبي سنڌ بابت ’تهذيبي طور تي هميشه ڀارت جو حصو‘ هجڻ جو بيان ڏيڻ تي پاڪستان جي پرڏيهي وزارت ان کي ’غير حقيقي، اشتعال انگيز ۽ خطرناڪ حد تائين تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش‘ قرار ڏنو آهي. ڀارت جي وزير دفاع ان کان اڳ اڳوڻي نائب وزيراعظم لال ڪرشن آڏوائيءَ جو ذڪر ڪندي چيو ته آڏوائي پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ’سنڌي هندو، خاص ڪري انهن جي نسل جا ماڻهو، اڃا تائين سنڌ کي ڀارت کان الڳ ڪرڻ قبول نه ڪري سگهيا آهن‘ ان کان پوءِ هن وڌيڪ چيو ته: ’اڄ شايد سنڌ ڀارت جو حصو نه هجي پر تهذيبي طور تي سنڌ هميشه ڀارت جو حصو رهندو ۽ زمين جي ڳالهه ڪجي ته سرحدون بدلجي سگهن ٿيون، ڪيرڄاڻي ٿو ته سچي سنڌ وري ڀارت ۾ واپس اچي وڃي.‘ ڀارت ۽ پاڪستان جي لاڳاپن ۾ هن نئين تڪرار جي پس منظر ۾ اچو ته ڏسون ته تاريخ اسان کي ڇا ٿي ٻڌائي، تاريخ ۽ سياست جا ماهر سنڌ جي معاملي تي ڇا چون ٿا؟

انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب موجوده صوبي سنڌ جو علائقو جيڪو سنڌو درياهه جي ڊيلٽا جو حصو آهي، وادي سنڌ جي قديم تهذيب جو مرڪز هو. هن تهذيب جي نمائندگي ’موهن جو دڙو ۽ ڪوٽڏيجي جهڙن هنڌن‘ ڪندي آهي. اها ابتدائي تهذيب تقريباً 2300 قبل مسيح کان 1750 قبل مسيح تائين موجود رهي.

موئن جو دڙو کان بمبئي پريزيڊنسي تائين: برٽينيڪا ۾ لکيل آهي ته دنيا جي ٽن پهرين عظيم تهذيبن (ميسوپوٽيميا، مصر ۽ سنڌو ماٿري) مان سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ’ايراضيءَ جي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ وسيع هئي‘ هيءَ تهذيب سڀ کان پهرين 1921 ع ۾ هڙاپا (پنجاب) ۾ دريافت ڪئي وئي ۽ پوءِ 1922 ع ۾ موهن جو دڙو (موجوده سنڌ ۾ سنڌو درياهه (لاڙڪاڻي) جي ويجهو) دريافت ٿيو سهيل ظهير لاري پنهنجي ڪتاب ’اِيهسٽري آف سنڌ‘ ۾ لکي ٿو ته اها تهذيب تقريباً موجوده پاڪستان جي خطي ۾ پکڙيل هئي ۽ ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ موجوده ڀارتي صوبا گجرات، راجستان ۽ هريانا تائين، جڏهن ته اولهه ۾ افغانستان تائين پکڙيل هئي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته گرميءَ ۾ سنڌو درياهه جو پاڻي سياري جي مقابلي ۾ 16 ڀيرا وڌيڪ ٿي سگهي ٿو ۽ هن تبديليءَ سبب ’منظم آبپاشي ۽ زراعت ڪرڻ جا امڪان گهٽجي ويا هئا. جيڪي علائقا آبپاشي، ڪاشتڪاري ۽ زرعي بسن لاءِ موزون هئا، اهي دراصل ننڍين دريائن سان محدود هئا. انهيءَ ڪري هڙاپا جي تهذيب جا گهڻا ڳوٺ سنڌو درياهه جي مرڪزي وهڪري کان پري هئا.‘

برطانوي مؤرخ جان ڪائي پنهنجي ڪتاب ’انڊيا اي هسٽري‘ ۾ لکي ٿو ته ٻڌمت سنڌ جو سڀ کان غالب مذهب هو پر هندو ازم به موجود هو ۽ هتي تقريباً ’30 هندو مندر‘ هئا. ستين صديءَ ۾ سنڌ جي سلطنت ۾ لڳ ڀڳ سڄي سنڌ شامل هئي، سواءِ اترين حصي جي. تخت نشين ٿيڻ کانپوءِ جڏهن چچ فتحون حاصل ڪيون ته هن پنهنجي ملڪ جون سرحدون تعين ڪرڻ لاءِ هڪ منفرد طريقو ايجاد ڪيو: مختلف علائقن مطابق مناسب وڻ لڳائڻ. ڪيئي لکي ٿو ته: ’جيڪڏهن اتر اولهه ۾ صرف قديم گنڌارا جو علائقو شامل ٿي وڃي ها ته چچ جي رياست هڪ قسم جو پروٽو پاڪستان بڻجي ويندي.‘

هيءَ صورتحال ان وقت تائين رهي، جيستائين هڙاپائي ماڻهن 2500 قبل مسيح جي ويجهو هڪ انقلابي فيصلو نه ڪيو: يعني هڙاپا ۽ موهن جو دڙو کي پهرين کان طئي ٿيل نقشن مطابق مرڪزي شهري مرڪزن طور تعمير ڪيو. جيئن سنڌو درياهه کي اچ وڃ ۽ واپار لاءِ استعمال ڪري سگهجي.‘

’انتظامي طور تي هن فيصلي سان سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسي آباد هڙاپائي ڳوٺن کي پاڻيءَ جي جارين ذريعي ڳنڍيو ويو. جيڪو انهيءَ خطي ۾، جتي مينهن ۽ ٻوڏ دوران زمين سمنڊ جهڙي ٿي ويندي هئي، اچ وڃ جو سڀ کان موزون طريقو هو.‘

’ان سان هڙاپا جي تهذيب کي اها سهولت ملي ته اها ساموندي ڪناري سان گڏ هڪ طرف خليج فارس تائين ۽ ٻي طرف حيدرآباد دکن جي علائقي تائين پکڙجي سگهي‘ برٽينيڪا موجب ان کان پوءِ تاريخي رڪارڊ ۾ هزار سال کان وڌيڪ جو وقفو آهي. پوءِ سنڌ جي (ايراني) هخامنشي سلطنت ۾ شموليت جو ذڪر ملندو آهي جڏهن دارا اول ڇهين صدي قبل مسيح جي آخر ۾ ان کي فتح ڪيو.‘

’تقريباً ٻن صدين کان پوءِ سڪندر اعظم 326 ۽ 325 قبل مسيح ۾ هن خطي تي قبضو ڪيو. ان جي وفات کان پوءِ سنڌ تي سلوڪس اول نيڪيٽر، چندرگپت موريا (تقريباً 305 قبل مسيح)، پوءِ ٽين کان ٻئي صدي قبل مسيح ۾ هند-يوناني ۽ پارٿيا حڪمران ۽ پوءِ پهرين صدي قبل مسيح کان ٻي صدي عيسويءَ تائين سٿين ۽ ڪشان حڪمرانن جو تسلط رهيو.‘ ’پهرين صدي مسيح ۾ ڪشان دور ۾ سنڌ جي آبادي ٻڌ مت اختيار ڪئي. ٽيءَ کان ستين صديءَ تائين هي علائقو ايراني ساساني سلطنت جي تحت رهيو.‘

برٽينيڪا مطابق سنه 711 ۾ عربن جي سنڌ ۾ آمد برصغير ۾ اسلام جي داخلا جي بنياد رکندي. 712 کان لڳ ڀڳ 900 تائين سنڌ عموي ۽ عباسي سلطنتن جو صوبو ”اِلسند“ رهيو جنهن جي گاديءَ جو هنڌ موجوده حيدرآباد کان 72 ڪلوميٽر اتر ۾ المنصوره هو. ’خلافت جي مرڪزي طاقت ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ، 10هين کان 16هين صديءَ تائين ”السند“ جي عرب گورنرن خطي ۾ پنهنجي مقامي ۽ خانداني حڪمراني قائم ڪئي.‘

’سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ (1591—1700) سنڌ مغلن جي حڪومت هيٺ رهيو جنهن کان پوءِ ڪيترن ئي آزاد سنڌي رياستي خاندانن ان کي هلايو. 1843 ع ۾ آخري سنڌي حڪومت کي برطانوي فوج هارايو ۽ سنڌ جي گهڻا حصا بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ڪيا ويا.‘

سنڌ پاڪستان جو حصو ڇو بڻيو؟ پاڪستان جي باني محمد علي جناح پنهنجي 14 نقطن ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. مسلمانن جي مطالبي تي برطانوي حڪومت 1936 ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪري الڳ صوبي جو درجو ڏنو. 1947 ع ۾ قيامِ پاڪستان جي وقت سنڌ کي مسلم اڪثريتي صوبو هجڻ سبب پاڪستان جو حصو بڻايو ويو.

محقق ۽ ليکڪ ڊاڪٽر محمد علي شيخ موجب ٻڌمت جي راجا سهاسي ٻئي جي 28 سالن جي حڪمرانيءَ دوران رياست جا گهڻا معاملا انهن جي وفادار برهمڻ وزير ”چچ“ جي حوالي هئا. تقريباً 642 ۾ چيني زائر هسوان تسانگ سنڌ آيا ۽ لکيو ته هتي ’لاتعداد سٽوپ ۽ سوين سنگهارام ۾ تقريباً 10 هزار راهب رهندا هئا.‘

برطانوي مؤرخ جان ڪائي پنهنجي ڪتاب ’انڊيا اي هسٽري‘ ۾ لکي ٿو ته ٻڌمت سنڌ جو سڀ کان غالب مذهب هو پر هندو ازم به موجود هو ۽ هتي تقريباً ’30 هندو مندر‘ هئا. ستين صديءَ ۾ سنڌ جي سلطنت ۾ لڳ ڀڳ سڄي سنڌ شامل هئي، سواءِ اترين حصي جي. تخت نشين ٿيڻ کانپوءِ جڏهن چچ فتحون حاصل ڪيون ته هن پنهنجي ملڪ جون سرحدون تعين ڪرڻ لاءِ هڪ منفرد طريقو ايجاد ڪيو: مختلف علائقن مطابق مناسب وڻ لڳائڻ. ڪيئي لکي ٿو ته: ’جيڪڏهن اتر اولهه ۾ صرف قديم گنڌارا جو علائقو شامل ٿي وڃي ها ته چچ جي رياست هڪ قسم جو پروٽو پاڪستان بڻجي ويندي.‘

سنڌ ۽ تهذيبي مرڪزيت: ڊاڪٽر طاهر ڪامران موجب سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو مرڪز اهو علائقو آهي، جيڪو هاڻي پاڪستان ۾ آهي. ان حوالي سان هُن بي بي سيءَ کي ٻڌايو ته: ’ان ۾ پنجاب، بلوچستان، خيبرپختونخوا، ٽيڪسلا جي تهذيب ۽ سنڌ، موهن جو دڙو وغيره شامل آهن. هي مرڪز آهي، سرچشمه آهي ۽ هتان ئي سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب اُڀري ۽ پکڙي ۽ ان جا اثر گجرات تائين پهتا.‘ ’تهذيبي طور تي هي علائقو گڏيل آهي، تنهن ڪري هي فطري آهي ته سنڌ ڀارت سان نه ملي تاريخي ۽ تهذيبي لحاظ کان اها ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ٿي.‘

’سنڌ جو مطلب صرف هڪ علائقو يا صوبو ناهي پر سڄو علائقو جيڪو سنڌ طاس تهذيب جو مرڪز هو، جنهن ۾ پنجاب، بلوچستان ۽ سنڌ شامل آهن ان جو گڏيل تهذيبي يونٽ هتي آهي، جتي پاڪستان نهيو آهي.‘ هُن جي خيال ۾ ڀارت جي دفاع واري وزير راج ناٿ هڪ ’افواهه ڇڏي آهي، جنهن ۾ ڪا علمي گهرائي ناهي.‘

سياسي ۽ تاريخي نقطهءِ نظر: سنڌ جي ماهر سياسيات ڊاڪٽر امير علي چانڊيو چيو ته ’ڀارت جي دفاع وزير جو بيان سراسر سامراجيت جي عڪاسي ڪري ٿو‘ ۽ ’ان مان قبضاخوريءَ جي بوءِ محسوس ٿي رهي آهي.‘

بي بي سيءَ سان ڳالهيون ڪندي هُن وڌيڪ ٻڌايو ته تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته حقيقت اها آهي ته سنڌ ’ڪڏهن ڀارت جو حصو نه رهيو.‘

’مختصر وقت لاءِ جيڪڏهن مغل سلطنت سنڌ تي قبضو ڪيو ته به سنڌي عوام ان جي خلاف مزاحمت ڪئي. شاهه عنايت شهيد، جنهن کي تاريخ جو پهريون سوشلسٽ صوفي چيو ويندو آهي، جاگيرداري نظام ۽ مغل بالادستيءَ خلاف فيصلا ڪُن جدوجهد ڪئي.‘ چانڊيو موجب 1843 ع ۾ جڏهن برٽش ايمپائر ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن به سنڌ آزاد ملڪ ۽ الڳ وطن هو، ڀارت جو حصو نه هو. ”1847ع ۾ عوام جي خواهشن جي خلاف سازش ذريعي سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن خلاف عوام ڊگهي جدوجهد ڪئي ۽ سنڌ جو جدا حيثيت بحال ٿي.‘ ’سنڌ برطانيا خلاف پارلياماني، جمهوري جدوجهد ۽ حُرن جي هٿياربند تحريڪ ذريعي مزاحمتي تاريخ جو روشن باب رهيو.‘ چانڊيو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته 1940 ع جي لاهور واري قرارداد کي سڀ کان پهريان سنڌ جي عوام قبول ڪيو هو ۽ 1938 ع ۾ سنڌ اسيمبلي اعلان ڪري چڪي هئي ته ’اسان هندستان سان نه رهنداسين.‘

پاڪستان جو باني به سنڌ سان تعلق رکندو هو ۽ 3 مارچ 1943 ع تي سنڌ اسيمبلي پهريون پيرو پاڪستان جي حق ۾ قرارداد منظور ڪئي، جنهن ۾ جي ايم سيد ڪردار ادا ڪيو ’سنڌ ڪڏهن به هندستان جي بالادستي قبول نه ڪئي ۽ ڀارت جو حصو بڻجڻ يا ان جي تسلط قبول ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿئي ٿو.‘

پاڪستان ريلوي ۽ وقت جو نظام!

محمد ابراهيم

پاڪستان جي ڪيترن ئي ريلوي اسٽيشنن ۽ رستن تي انگريزن جي دور ۾ اهڙيون وڏيون، ڳريون ۽ لوهه جون گهڙيون لڳايون ويون هيون، جيڪي فقط لوهي اوزار نه هيون پر پنهنجي گولائيءَ ۾ ڄڻ لوهي اک جو روپ رکندڙ هيون؛ هڪ اهڙي اک جيڪا شايد هڪ صديءَ کان مسافرن کي ڏسندي، وقت کي ماپيندي، اچڻ ۽ وڃڻ جي گواهي ڏيندي رهي آهي. انگريزن اهي گهڙيون ان نيت سان لڳايون هيون ته ٽرين وقت تي پهچي، وقت تي هلي ۽ ماڻهو به وقت جي پابندي سکن. پر ريلوي اسان کي شايد اُلٽو سبق سيکاريو: دير ڪرڻ، دير سان هلڻ ۽ دير سان پهچڻ. اڄ به اهي گهڙيون صحيح وقت ٻڌائين ٿيون پر ٽرين وقت جو مذاق اُڏائيندي اسٽيشنن تي دير سان پهچي ٿي، شايد جڏهن ٽرين گهڻي دير کان پوءِ اچي ٿي ته اها وڏي گهڙي چپ پر طنز سان چوي ٿي: مان ته هر لمحا اڳتي وڌان ٿي؛ صحيح وقت ٻڌايان ٿي

ته جڏهن ٽرين پهچندي هئي ته ماڻهو پنهنجيون گهڙيون ٽرين جي وقت سان سيٽ ڪندا هئا، ڇو ته کين ٽرين جي وقت تي وڌيڪ يقين هوندو هو، گهڙيءَ تي گهٽ. جيڪڏهن اڄ ٽرين کان پڇجي ته ڇو دير سان آئي آهين؟ ته شايد جواب ملي: ”قصور منهنجو ناهي، نظام خراب آهي“

ريلوي نظام جي سڌاري بابت ڳالهيون ته ڏهاڪن کان ٿينديون رهيون پر هاڻي وزيراعظم چئي ٿو ته ريلوي ڪنهن به ملڪ جي معيشت ۽ رابطن جو اهم ٿنڀ آهي، تنهن ڪري ان جي سڌاري ۽ جديد معيار جي اپگريڊ ڪرڻ بنا ڪنهن دير جي ضروري آهي. وزيراعظم هڪ اهم اجلاس ۾ فيصلو ڪيو آهي ته عالمي ليول جا قانوني ۽ معاشي ماهر

پريشان ملن ٿا. مسافر ٽڪيٽ ڏيکاري عملي کان پڇي ٿو: ”هن تي بوگي ۽ سيٽ نمبر لکيل آهي پر سڄي ٽرين ۾ اها بوگي ته موجود ئي ناهي!“ جواب ملي ٿو: ”گارڊ کان پڇو!“

پر گارڊ به بوگي وانگر غائب! ڄڻ ٻنهي کي ڪنهن ساڳي هوا ڪٽي وئي هجي. اهو سسٽم، جنهن ۾ پنهنجي ملازمن کي احساس ئي نه هجي، جنهن ۾ وڏا عملدار اي سي روم ۾ ويهي چانهه پيئن ٿا ۽ عوام پليٽفارم تي رلي ٿو، ان کي پرڏيهه جا ماهر ڪيئن صحيح ڪندا؟

جي پابند ٿي سگهي ٿي. حڪومت کي عالمي ماهرن کي فوراً سڏائڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ ايران جي ريل سسٽم جو جائزو پڻ وٺڻ گهرجي.

ڀارت، يورپ، چين؛ سڀ ريلوي کي بنيادي حيثيت وانگر هلائين ٿا، خاص ڪري مال گاڏين جو شيڊول درست ٿيڻ لازمي آهي. ريلوي جي مختلف اسٽيشنن تي بيٺل ڪنڊم ٿيل، مورچا لڳل پراڻا انجڻ ڏسي ڪنهن کي به افسوس ٿيندو. ڪٿي ته اها بوگي به نظر اچي ٿي، جنهن لاءِ مسافر ٽڪيٽ وٺي چڪا هوندا، سيٽ بُڪ ٿي چڪي هوندي پر اها جوڙڻ بدران پاسي تي لٽڪائي ڇڏي ويندي آهي. شايد ڪامورن سوچيو هجي: ”هن بوگيءَ ۾ جان ناهي، رنگ اُکريل آهي، ٽُٽل آهي؛ بهتر آهي، ان کي هلايو ئي نه.“ عوام چئي ٿي ته: اسان ته ٽوائيلٽ اڳيان به ويهي منزل تائين پهچي ويندا سين پر وقت تي پهچايو ته سهي،“ وزيراعظم سڏ ڏيندو ته ماهر به

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

سول اينڊ فيملي جج-IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر62 سال 2025

مسمات گلبهار ڌيءُ حاجن سميپوٽو رهندڙ ڳوٺ منٺار سميپوٽو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان...پلينٽف...خلاف: عاشق علي پٽ الڪاڏنو سميپوٽو رهندڙ ڳوٺ منٺار سميپوٽو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان. حال رهندڙ: ابڙا ڳوٺ ويجهو درگاهه مصري شاهه تصريور تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-IV ٽنڊو محمد خان ايٽ بلڙي شاهه ڪريم (آرايل)

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I ڪوٽڙي
فيملي سوٽ نمبر 77 سال 2025

مسمات ماهنور ڌيءُ غلام عباس مهر زال ياسر احمد شيخ رهندڙ بنگلو نمبر 36 فيز-III سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي جامشورو ...پلينٽف...خلاف: ياسر احمد شيخ پٽ خالد احمد شيخ رهندڙ بنگلو نمبر B-5 لنڊن ٽائون حيدرآباد تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف مائنر جي مينٽيننس ۽ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز ۽ بي درخواست يو/ايس 17-A آف مسلم فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 تحت داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2025

مسمات نسيم ڌيءُ مانجهي خان رهندڙ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي تعلقو هالا ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: رفيق پٽ غلام نبي ذات جتوئي رهندڙ ڳوٺ مراد ستي اڪن حب چوڪي ضلعو لسبيلا بلوچستان...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2025

مسمات پارس زال نور مصطفيٰ ڌيءُ ارباب رهندڙ ڳوٺ جمال خان نظاماڻي تعلقو هالا ضلعو مٽياري. (2) ماهنور مصطفيٰ ڌيءُ نور مصطفيٰ عمر اٽڪل 08 معرفت سندس ماءُ پلينٽف نمبر 1 ...پلينٽف...خلاف: نور مصطفيٰ پٽ غلام مصطفيٰ رهندڙ ڳوٺ غلام محمد لغاري بي ايڇ باقر خان نظاماڻي تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ سيل نمبر: 0306-2178293....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2025

مسمات سوريا ڌيءُ ڪريم بخش لاکو زال محمد عامر رهندڙ ڳوٺ سلطان لاکو تعلقو هالا ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: محمد عامر پٽ نثار احمد مسلم بالغ ذات پتي رهندڙ اولڊ پتي بس اسٽينڊ تعلقو ٽنڊو محمد خان. بي ايڊريس: مظهر پتي موبائل شاپ ٽنڊو محمد خان. سيل نمبر 0313-3265823....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2025

مسمات سحر ڌيءُ محمد حسن زال راحت علي عرف بسو ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ گودر ڪوڪر هالا ٿيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري...پلينٽف...خلاف: راحت علي عرف بسو پٽ غلام عباس عرف گهٺو بالغ مسلم ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ غلام محمد لغاري تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-IV ٽنڊوالهيار
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر08 سال 2025

شاهد حسين پٽ باغ علي لاشاري رهندڙ شاهه روشن ڪالوني فوجي موڙ سانگهڙ باءِ پاس ستي ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ...ايپليڪينٽ...خلاف: مسمات ساجده ڌيءُ محمد رمضان ذات قمبراڻي رهندڙ درگاهه پاڙو بکيرا شريف تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار...آپوننٽس...علي عرف باغ علي پٽ شاهد حسين بالغ مسلم ذات لاشاري عمر اٽڪل 07 سال رهندڙ درگاهه پاڙو بکيرا شريف تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار....وارڊس/ مائنر

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين اينڊ وارڊس ايپليڪيشن يو/ايس 7، 10 ۽ 25 آف دي گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-IV ٽنڊوالهيار

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي نظير احمد ولد محمد جمن اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر (08-00)، 50/1,2، 46/1to3 (07- ،47/2 (04-05) ،47/1 (01-06) (20 ۽ سروي نمبر 84/2to4 ديهه ٿهيم تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتي احمد خان غازي خان جيڪو تاريخ 01-01-1995 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث عرضي محمد (پٽ)، محمد جمن (پٽ)، فوتي عرضي محمد ولد احمد خان جيڪو تاريخ 2001-09-29 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: حيدر بخش (پٽ)، واحد بخش (پٽ)، رسول بخش (پٽ)، جهان خان (پٽ)، عالم خان (پٽ)، زبيده (ڌيءُ)، شاهده (ڌيءُ)، قادر بخش (پٽ) فوتي واحد بخش ولد عرضي خان جيڪو تاريخ 08-09-2023 تي فوت ٿيو جنهن جا وارث: محمد سليم (پٽ)، محمد امين (پٽ). فوتڻ زبيده ڌيءُ عرضي محمد جيڪو تاريخ 21-10-2015 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: سهيل احمد (پٽ)، عرفان (پٽ) منير (پٽ)، گل بانو (ڌيءُ)، سمينه (ڌيءُ)، ناهيده (ڌيءُ)، مونا (ڌيءُ) فوتي جمن ولد احمد خان جيڪو تاريخ 29-12-2024 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: بشير احمد (پٽ)، نظير احمد (پٽ)، نظيران (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر115 سال 2025

مسمات بينظير ڌيءُ Dharo خان خاصخيلي رهندڙ دودو چنو تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ....پلينٽف...خلاف: علي اصغر پٽ غلام حيدر خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ سليم آباد تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج مانجهند
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات Naza ڌيءُ Shahbazi زال احمد علي رهندڙ ڳوٺ راجپي بي ايس راجڙي تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو...پلينٽف...خلاف: احمد علي ولد حاجي احمد رهندڙ ڳوٺ سنگهار ڪوسو تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ، رڪوري اف آرٽيڪلز ۽ ڊوار امائونٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج مانجهند

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 91سال 2025

مسمات مريم زال علي رضا ڌيءُ سليم پنهور رهندڙ ڳوٺ حاجي شير محمد پنهور ديهه 118 تعلقو HBM ضلعو ميرپورخاص سيل نمبر 03180209370...پلينٽف...خلاف: علي رضا ولد ابراهيم رهندڙ قائد آباد بابر ڪاٽنا فيڪٽري ڪالوني ملير ڪراچي ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 01-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت فرسٽ سول /فيملي جج ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2025

وحيد علي ولد مرحوم نذير ذات شيخ رهندڙ محلو بشراج ڪالوني ٽنڊو محمد خان...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) بلاول ولد مرحوم نذير (2) محمد عظيم ولد مرحوم نذير ذات شيخ (3) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ٽنڊو محمد خان (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...آپوننٽس (1) بيبي شفاءِ ڌيءُ مرحوم نذير شيخ رهندڙ محلو بشراج ڪالوني ضلعو ٽنڊو محمد خان. مائنر

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول /فيملي جج ٽنڊو محمد خان

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو پاءُ نالي رضا محمد لاشاري ولد عارب لاشاري جيڪو بري سنگت ۾ اچي نافرمان ۽ فعلي ٿي چڪو آهي جنهن کي ننڍي وڏي جي ڪابه تميز نه رهي آهي ۽ گهر ۾ بغير ڪنهن جواز جي جهيڙا ڪري ٿو جيئن ته منهنجي پاءُ جي فعلي هجڻ جي ڪري ٻاهريان ماڻهو اچي ڪري گهرن تي بيهي تماشو ڏسن ٿا گڏ ڪن ٿا جنهنجي ڪري اسان جي زندگي عذاب ٿي چڪي آهي. جيئن ته ان ڪري مان پنهنجي پاءُ نالي رضا محمد لاشاري ولد عارب لاشاري سان هن تحرير ذريعي هميشه لاءِ لاتعلقي ڪريان ٿو جيئن ته منهنجو ۽ منهنجي فيملي جو منهنجي پاءُ سان ۽ ان جي هر قسم جي چڱي بري عمل سان اج کان وٺي ڪنهن به قسم جو ڪوبه واسطو تعلق نه آهي اگر ڪوبه شخص مٽ مائٽ، دوست منهنجي پاءُ سان ڪابه ڏيتي ليتي ڪاروبار رهنوار ڪري ٿو ته ان جو هو پاڻ ذميوار هوندو اسانجو هن جي ڪنهن به عمل سان ڪوبه واسطو يا ذميواري نه آهي ۽ نه رهندي

يار محمد لاشاري ولد عارب لاشاري رهندڙ
محلا لاشاري پريا وليج جامشورو
شناختي ڪارڊ نمبر: 41204-0949848-1

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي سليمان ولد الهورايو رهندڙ هٽڙي حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات عالم خاتون ڌيءُ محمد الياس تاريخ 11-05-1989 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/سروي نمبر226/2 ايراضي 28-1 ديهه هٽڙي تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي. فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ جاتايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام/ بيان ۾ ڏني آهي (1) سليمان (پٽ) (2) مسمات سون (ڌيءُ)، (3) خميسو (پٽ)، (4) مسمات ساران (ڌيءُ)، (5) مسمات آمنت (ڌيءُ)، خميسو پٽ الهورايو تاريخ 08-09-2006 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي وارث: (1) اقبال (پٽ)، (2) معشوق (پٽ) (3) محرم (پٽ) (4) شاهده (ڌيءُ)، (5) مسمات بچاڻي (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار عبدالستار شاه ولد لڪاڏنو شاه اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 200، 201 جملي ايراضي (1/2 ،06-13) ديهه وڏه ٿپو ايڊشنل هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن . فوتڻ بيبي زينت ڌي بلاول شاه زال جنگل شاه جيڪو مورخ 20.11.2011 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: مسمات فاطمه (ڌي) ، عائشه (ڌي)، مهر النساء رخير (ڌي)، زيب النساءَ (ڌي)، جنت (ڌي)، مسمات بيبي زهران (ڀيڻ)، سجل شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عبدالستار شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عالم شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد ممتاز علي (سئوٽ جو پٽ)، مشتاق (سئوٽ جو پٽ)، نواز علي (سئوٽ جو پٽ). فوتڻ بيبي زهران ڌي سيد بلاول شاه جيڪو مورخ19.12.2017 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: سجل شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عبدالستار شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عالم شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد ممتاز علي (سئوٽ جو پٽ)، مشتاق (سئوٽ جو پٽ)، نواز علي (سئوٽ جو پٽ). فوتي عالم شاه ولد لڪاڏنو شاه جيڪو مورخ 05.04.2019 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: مسمات روبينه (ڌي)، نصرت شاه (ڌي)، عشرت (ڌي)، صائمه (ڌي)، مسمات صابل (ڀيڻ)، سجل شاه (ڀاءُ)، سيد عبالستار شاه (ڀاءُ) . فوتڻ مسمات جنت زال رسول بخش شاه جيڪو مورخ 27.12.2020 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: مسمات نجمه (ڌي)، رقيه شاه (ڌي)، ناهيد بيبي (ڌي)، ثريا بيبي (ڌي)، فاطمه (ڀيڻ)، عائشه رضيه (ڀيڻ)، مسمات مهرالنساء رضيه (ڀيڻ)، زيب النساء (ڀيڻ)، سجل شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد عبدالستار شاه (سئوٽ جو پٽ)، سيد ممتاز علي (سئوٽ)، مشتاق (سئوٽ)، نواز علي (سئوٽ). فوتڻ مسمات ناهيد بيبي ڌي رسول بخش زال سيد امام شاه جيڪو مورخ 09.01.2025 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث: سيد امام شاه (مڙس)، مسمات نجمه (ڀيڻ)، مسمات رقيه شاه (ڀيڻ)، ثريا بيبي (ڀيڻ). جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرا ڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

نالي سهراب خان ولد عبدالمالڪ پٽو ويٺل ڳوٺ عبداللطيف پٽو ديهه راجا واهه مختيار ڪار روينيو آفيس قاضي احمد ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏني آهي ته منهنجي والد جي زرعي زمين آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪيو وڃي هن زمين ۾ حصيدار پائر ۽ پينرون 1 نالو سهراب خان 2 مهراب خان 3 ڌيءُ حليمان 4 ڌيءُ فهميدا 5 ڌيءُ ثميئه 6 زال مسمات شاه خاتون سروي نمبر 117 ٻيو نمبر 878 ٽيون نمبر 879 نمبر 4/735نمبر 5/ 639 هنن نمبرن ۾ زرعي زمين بابت اگر ڪنهن کي به ڪوبه اعتراض هجي ته اهو هڪ هفتي اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو وقت گذرڻ ڪان پوءِ ڪوبه اعتراض قبول نه ڪيو ويندو

مختيار ڪار روينيو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظيرآباد

بقايا 1 شاگرد قتل

ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد سعيد آباد لنڪ روڊ تي ٻه نوجوان موٽر سائيڪل تي وڃي رهيا هئا ته نامعلوم هٿيار بندن ڪين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته موٽر سائيڪل نه بيهارڻ تي مٿن فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ لا جو شاگرد صدام لاشاري گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويو.هٿيارٻند آساني سان فرار ٿي ويا.واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس لاش کي اسپتال ڪڻائي آئي ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو.شاگرد جي قتل ڪانپوءِ شهرين ۽ علائقي واسين سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ايس ايڇ او معان عدم اعتماد جو اظهار ڪيو آهي ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته هن حساس ٿاڻي تي اهڙو ايس ايڇ او مقرر ڪيو وڃي جنهن کي علائقي جي حساسيت جي ڄاڻ هجي ڇا ڪاڻ جو ائرپورٽ ٿاڻو شهر جي سڀ کان حساس حدن ۾ شمار ٿئي ٿو جتي ڪچو ۽ پڪو علائقو هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي،سٽي پوائنٽ انٽرس بئراج بچل شاهه سياٿي ۽ ٽائون شپ جهڙا اهم هنڌ به هن ٿاڻي جي حدن ۾ اچن ٿا هن اهميت هوندي به هتي اڪثر اهڙا ايس ايڇ او مقرر ڪيا وڃن ٿا جن کي مقامي حالتن علائقي جي مزاج ۽ ڏوهن جي نوعيت بابت صحيح ڄاڻ نه هوندي آهي جنهن سبب امن امان جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جا امڪان وڌي رهيا آهن.شهري حلقن موجب، ماضي ۾ به غير لاڳاپيل ۽ مقامي سماجي صورتحال کان ناواقف آفيسرن جي مقرري سبب مسئلا وڌيا آهن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهڙن حساس ٿاڻن تي لازمي طور مقامي ڄاڻ، سمجهه ۽ تعلق رکندڙ آفيسر مقرر ڪرڻ گهرجن.ٻئي طرف صدام لاشاري قتل ڪيس ۾ پوليس پاران بنا جاچ دشمنائي جو روپ ڏيڻ کي شهري غلط ۽ وقت کان اڳ وارو قدم قرار ڏئي رهيا آهن. هي واقعو اصل ۾ ڦر دوران پيش آيو جنهن ۾ هڪ نوجوان مارجي ويو.14 ڪلاڪ گذرڻ باوجود نه جوابدار گرفتار ٿيا آهن ۽ نه پوليس طرفان ڪا قابل ذڪر پيش رفت ٿي سگهي آهي، جنهن پوليس جي ڪارڪردگي تي سنجيده سوال اٿاري ڇڏيا آهن.علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته حساس ٿاڻن تي موزون ۽ مقامي ڄاڻ رکندڙ آفيسر مقرر ڪيا وڃن ۽ صدام لاشاري قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي فوري گرفتاري سميت مؤثر قدم کنيا وڃن.

بقايا 2 احتجاج

قبضن خلاف سراپا احتجاج بڻيل وزيراعليٰ سنڌ ۽ صوبائي وزير علي حسن زرداري کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ ڪيٽي بندر جي ڳوٺ علي بخش سرگهڙ جي رهواسين عبدالغفور سرگهڙ عباس علي، حيات، درياءِ خان سرگهڙ ۽ محمد ڪاتيار پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته هو ڏهاڪن ڪان هتي رهائش پذير آهي هتي اسان جي سروي هزارين ايڪڙ زمين پڻ موجود آهي اسان سالوند ماڻهو آهيون ۾ بيلي کاتي جي انتظاميه اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي هنن الزام هنيو ته بيلي کاتي جي آفيسرن رياض رڳڙ، محمد خان جماري ۽ ٻين اسان سميت سوين ڳوٺاڻن کي هيسائڻ لاءِ ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهيا آهن ڳوٺاڻن کي پنهنجي اباڻي زمينن سان لاڏائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن

بقايا 3 جوابدار گرفتار

جوابدار گرفتار 50 گرام هيروئين، 1000 پڙيون گٽڪا، 20 ليٽر ديسي شراب ۽ هڪ پسٽل هٿ ڪيس داخل پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي سجاول عليند راجپر جي هدايتن تي ضلع جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ منشيات گٽڪا وڪرو ڪندڙ ۽ غير قانوني هٿيار رکندڙ خلاف ڪارروايون ايس ايڇ او ميرپور بٺورو صفدر علي سولنگي جي اڳواڻي ۾، ٿاڻي جي حدن ۾ مختلف هنڌن تي منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ غير قانوني هٿيارن خلاف ڪي مختلف ڪارروايون ڀرپور ڪارروائي جوڳي سمر نالي جي ويجهو منشيات وڪرو ڪندڙ جوابدار معشوق چانڊيو کي 50 گرام هيروئن ۽ هڪ موٽر سائيڪل سميت گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو. ڪاڙڪ لنڪ روڊ لڳ منشيات وڪرو ڪندڙ جوابدار نديم ملاح کي 20 ليٽر ديسي شراب ڦرو سان گڏ گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جهوڪ بٺورو روڊ سعيدا واهه وٽ جوابدار نور حسن جماري کي غير قانوني ٽي ٽي پسٽل ۽ راؤنڊز سميت گرفتار ڪري آرمس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو چوهڙ جمالي پوليس گشت دوران شاهبندر روڊ، شيدي هوٽل لڳ ڪارروائي ڪندي گٽڪو وڪرو ڪندڙ عبد الرحمان چانڊيو ۽ صدام خاصخيلي کي 1000 پڙين گٽڪو سميت گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 4 فوت

شرڪت ڪئي بعد ۾ ٻنهي زال مڙس کي ٻئي جي پرسان دفن ڪيو ويو

بقايا 5 احتجاج

سندس مقرري کان پوءِ شهرين جي جان مال عزت جي سلامتي داءَ تي لڳل آهي اهڙن آفيسرن جي عوام دشمن عمل سبب عوام ۾ پوليس جي ساک خراب ٿي رهي آهي هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو ته ايس ايڇ او ڪنڊيارو خلاف محڪماڻي ڪارروائي ڪري عوام جي جان مال عزت جي سلامتي کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته ان موقعي تي پي پي تعلقا ڪنڊيارو جو صدر سيد غلام مرتضي شاه پ پ پ اڳواڻ قاري عبدالحڪيم گهانگهرو پڻ واقعي جي سخت مذمت ڪئي هوڏانهن ايس ايڇ او ڪنڊيارو اسد النبي ڪچي محبوب ابڙو پاران تڏي تي اچي پهچي پيش آيل واقعي تي معذرت ڪئي جنهن بعد محبوب ابڙو پاران تڏي تي اچڻ سبب ايس ايڇ جي معذرت قبول ڪندي ڪيس معاف ڪيو

بقايا 6 احتجاجي مظاهرو

بڌرائي ٿاڻي اندر ناحق قيد ڪرائي ڇڏيو ۽ اسان جو موٽرسائيڪل پوليس جي تحويل ۾ آهي.هنن ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 7 هڪ ڄڻو فوت

ٿي ويو ۽ پٽ سخت زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪڻائي اسپتال پهچايو ويو جتي فوتي جو سڃاڻپ منظور رند جڏهن ته زخمي جي سڃاڻپ طفيل رند طور ٿي آهي فوتي جو پوسٽ قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 8 احتجاجي مظاهرو

۽ رڌ پچاءِ نٿو ٿئي اسڪول ويندڙ ٻار ۽ بنا ناشتي جي خالي پيٽ هليا وڃن ٿا جڏهن به گيس آفيس اچون ٿا ڪوڙا دلاسا ڏنا وڃن ٿا هنن سوئي سدرن گيس ڪمپني جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ورو شهر ۾ مڪمل گيس ڏني وڃي شهرين کي پريشاني کان بچايو وڃي ٻي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا 9 اعتراف

خاصخيلي تي داخل ڪيو پوليس هڪ جوابدار سنتوش ميگهواڙ عرف فوجي کي گرفتار ڪيو جنهن پوليس ۽ عدالت آڏيان پنهنجي ڏوهه جو اعتراف ڪندي چيو ته مون ۽ علي رضا خاصخيلي گڏجي معصوم نيگر سان زيادتي ڪئي آهي ان باوجود راڄوخاناڻي پوليس مک جوابدار علي رضا کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ سندس تحفظ ڪندي رهي ۽ عدالت مان ۾ پيرا سندس ضمانت رد ٿيڻ باوجود ڪيس گرفتار ڪرڻ بجائي ڪيس عدالت مان قرار ٿيڻ ۾ سندس سهولت ڪاري ڪندي رهي جنهن بعد مک جوابدار جو والد الهبچايو خاصخيلي جيڪو هڪ بااثر آهي اهو پوليس سان گڏ اسان کي ڪيس تان هٿ نه کڻ جي صورت ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو جنهن بعد رات راڄوخاناڻي پوليس اسان جي گهر ۾ گهڙي معصوم نيگر زيادتي ڪيس جي فريادي عبدالعزيز جي پاءِ ۽ نيگر جي چاچي عبدالرحمان کي بلا جواز ٿاڻي تي کڻي اچي ان معان سفينا جي 5 پيڪٽ جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪري ڪيس جيل موڪلي ڇڏيو ۽ اسان کي راڄوخاناڻي پوليس اجان به ڌمڪيو ڏئي رهي آهي ته ڪيس تان هٿ ڪڻو نه ته اجان به توهان تي ڪيس داخل ڪيا ويندا هنن انساني حقن جي تنظيمن ٻارن جو تحفظ ڪندڙ تنظيمن کان معاملي جي جاچ ۽ آئي جي سنڌ ايس پي بدين ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي اڻ ڌري جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ايس ايڇ او راڄوخاناڻي کي هٽائي معصوم نيگر اظهر خاصخيلي سان زيادتي ڪندڙ مک جوابدار کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10 احتجاجي مظاهرو

انڙ پير الطاف معصوم جتوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاگردن هائير سيڪنڊري اسڪول کان تعلقا پريس ڪلب قاضي احمد تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي.ان موقعي تي شاگردن ڳالهائيندي چيو ته شهيدبينظيرآباد بورڊ پاران هوشيار ذهين شاگردن کي مارڪون گهٽ ڏنيون ويون آهن ۽ پيسا ڏيندڙ شاگردن کي وڌيڪ مارڪون ڏنيون ويون آهن جيڪا محنتي شاگردن سان ناانصافي آهي.هنن وزير تعليم ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 11 سزا ٻڌائي ڇڏي

منشيات ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن عبدالڪاشف ۽ علي جروار کي عمر قيد ۽ ڏه ڏه لک ڏنڊ جي سزائون ٻڌائي ڇڏي ياد رهي ته سزا آيل ٻنهي ڄڻن کي 2023 ۾ ان وقت جي سي آئي اي انچارج افضل مگسي ڪارروائي ڪري 50 ڪلو چرس ۽ هڪ ڪرولا ڪار سميت گرفتار ڪيو هو جنهن جو ٻنهي ڄڻن تي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن ڪيس ۾ ٻنهي جوابدارن کي عمر قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي آهي جڏهن ته عدالتي فيصلي بعد ٻنهي جوابدارن کي جيل منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 12 4ڄڻا زخمي

پوليس صحافين کي ٻڌايو ته جهيڙو ڳوٺ وريام وندير جي پاڙي واحد بخش سهتو ۾ ٻنهي ڌرين جي الڳ الڳ موقف مطابق ٿيو آهي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جو هڪٻئي معان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هڪ ڌر جي گلشن علي پٽ شاهنواز سهتو جي فرياد تي 5 ڄڻن ۾ هڪ نالي نواز پٽ نور محمد، شفيق احمد پٽ عبدالحڪيم ثاقب علي پٽ غلام عباس عامر پٽ احمد بخش سهتو ۽ سهيل پٽ پنجل ڏاريجو معان پراڻي سڳاوتي تڪرار مطابق ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻئي ڌر جي محمد اسحاق پٽ محمد حاجن سهتو جي فرياد تي گلشن علي پٽ شاهنواز ارشاق، امان ٻئي پٽ علي حسن، شوڪت پٽ ارشاق ۽ بابر علي پٽ فتح علي سهتو سميت 5 ڄڻن معان رستي ڏاهڻ مطابق ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هن ٻڌايو ته پوليس ترت ڪارروائي ڪري ٻنهي ڌرين جا ٻه ٻه جوابدار گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته باقي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ تمام جلد ڪين گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويندو

بقايا 13 احتجاجي مظاهرو

اهلڪارن خلاف هالا پريس ڪلب پهچي ايس ايس پي مٽياري ۽ ڊي ايس پي هالا کان انصاف جو مطالبو ڪندي چيو ته معان تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري سندس 48 هزار رپيا روڪ رقم واپس ڪرائڻ سميت انصاف ڪيو وڃي

بقايا 14 احتجاجي مظاهرو

موت پاڻ فوت ٿي ويو جنهن جي ابتدائي رپورٽ ۾ به ڊاڪٽرن واضح ڪيو ته هن جي جسم تي تشدد وغيره جو ڪوبه نشان ناهي پر تنهن باوجود مقتول نوجوان ديدار ڪنڊراڻي جي وارثن اسان جي 5 ڄڻن معان حد جي ڳوٺهي حسن ٿاڻي تي ناحق قتل جو ڪيس داخل ڪرايو آهي جيڪا زيادتي آهي. هنن چيو ته ڳوٺهي حسن پوليس قتل جو ناحق ڪيس داخل ڪري اسان جي 5 ماڻهن جي زندگي برباد ڪئي آهي اسان جا ٻه نوجوان گرفتار به آهن اسين بيگناهه ٿي ڪري خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ لوڙهي رهيا آهيون هنن چيو ته آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي جيڪب آباد کي اپيل ڪيون ٿا ته قتل ڪيس جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 15 بيهر منظوري

اعتراض ڪان پوءِ اسيمبلي بل جي بيهر منظوري ڏني بل کي قانون واري وزير ضياءِ الحسن لنجار ايوان ۾ پيش ڪيو بل جي منظوري جي موقعي تي جماعت اسلامي جي ميمبر فاروق احمد اعتراض ڪيو ته ميمبرن کي بل جي ڪاپي ملڻ گهرجي ها پر انهن کي ناهي ملي ميمبرن کي خبر ناهي ته ترميمن ذريعي هن بل ۾ ڪهڙيون شقون شامل ڪيون ويون آهن اهڙي بل کي ان جي مڪمل شڪل تحت بيهر ايوان ۾ پيش ڪيو وڃي ها. خميس ڏينهن ايوان جي ڪارروائي دوران ميمبرن پاران ڪيترائي ڌيان ڇڪائيندڙ نوٽيس پڻ پيش ڪيا ويا، جن ۾ شهراندر ڊينگي جي پکيڙ سميت عوامي اهميت جي ٻين اهم مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي هئي

بقايا 16 ڪئمپ قائم

يونين ڪائونسل ڪورواهه جي اينڊ ماهوار بجيٽ ترقياتي ڪمن بجاءِ ذاتي استعمال ۾ خرچ ٿي رهي آهي جنهن جو حساب ورتو وڃي. هنن چيو ته گذريل برسات جو پاڻي به اجان نيڪال ناهي ڪرايو ويو جيڪو شهر واسين لاءِ عذاب بڻيل آهي. شهر جا روڊ رستا ۽ گهٽيون پڻ هلڻ جي لائق ناهن رهيون. جائز ڪم نه ٿيڻ جي صورت ۾ تحريڪ هلائي ويندي.هنن مطالبو ڪندي چيو ته يوسي ڪورواهه جي بجيٽ ۾ ٿيندڙ مبينا ڪرپشن جي جاچ ڪرائي شهر جا ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن

بقايا 17 تعزيت

جي وفات تي تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو.ان موقعي تي پ پ پ ايم اين اي نوابزاده ميرمنور ٽالپر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منشيات نوجوان نسل کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جيڪا هر صورت ۾ بند ٿيڻ گهرجي هن چيو ته ڳوٺ ڳوٺ سڀ ڊويزن ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ اسان ڪوشان آهيون ۽ واهه کي پڪو ڪرايو آهي ان موقعي تي گشڪوري برادري جا معزز صحافي اميرحسن گشڪوري رئيس مرتضي گشڪوري عبدالرزاق گشڪوري سميت ٻيا ڳوٺاڻان پڻ موجود هئا

بقايا 18 منعقد ڪيو ويو

ڳوٺن جي عورتن ٻارڙن مردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، صحت ميلي کي خطاب ڪندي ضلعي پاپوليشن ويلفيئر آفيسر گهوٽڪي اصغر علي سولنگي چيو ته ماءُ ٻار جي صحت لاءِ هڪ ٻار کان ٻئي ٻار تائين گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال وقفو لازمي ڪن هن چيو ته اسان جي کاتي پاران ضلع گهوٽڪي جي مختلف يونين ڪائونسلز جي مختلف ڳوٺن ۾ هڪ روزه صحت ميلا منعقد ڪري اُتان جي عورتن کي فيملي پلاننگ جي طريقن سان ڪين مستفيد ڪريون پيا اسان جو مقصد اوهان کي فيملي پلاننگ بابت ڄاڻ ڏيڻ ۽ طريقن کان مستفيد ڪجي، هن چيو ته آبادي وڌڻ سبب اسان جا وسائل گهٽجي رهيا آهن ۽ مسئلا وڌن پيا آهن ان لاءِ فيملي پلاننگ تي عمل انتهائي ضروري آهي، صحت ميلي کي بي ايس آئي جي صدام چنو اڪائونٽنٽ گل حسن مهر مهمان خاص حافظ فتح محمد ملڪ تعلقہ آفيسر عمران چاچڙ عبدالباسط لاکو حسنين شارخ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو صحت ميلي ۾ فيملي ويلفيئر ورڪرز آيل عورتن ٻارڙن جو طبعي معائنو ڪري ڪين دوائون فراهم ڪيون صحت ميلي ۾ 16 ڪان مٿي عورتن جي ٻانهن ۾ وقفي وارا ڪيپسول رکيا ويا جڏهن ته 18 ڪان مٿي عورتن کي خودڪار انجيڪشن سائينا پريس پڻ ڏني وئي صحت ميلي ۾ 60 ڪان مٿي عورتن کي فيملي پلاننگ جي طريقن کان مستفيد ڪيو ويو جڏهن ته 100 ڪان مٿي عورتن ٻارڙن جو طبعي معائنو ڪري ڪين دوائون فراهم ڪيون ويون

بقايا 19 خط

قرار ڏئي ٽريفڪ نظام کي بهتر ڪرڻ ۾ رڪاوٽ قرار ڏنو آهي.اي سي ايس ايس پي ٿرپارڪر کي خط لکندي مقرر اهلڪار کي بدلي ۽ معطل ڪري نوان 15 اهلڪار مقرر ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.واضع رهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر گذريل هڪ مهيني کان شهر اندر گاڏين جا اڏا ٻاهر منتقل ڪرائڻ توڙي ٽريفڪ نظام کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي پر ٽريفڪ اهلڪار سندن ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ناهن.اي سي جي روانگي بعد بيهر شهر اندر گاڏين جي داخلا شروع ٿي ويندي آهي ۽ ٽريفڪ اهلڪار تماشو ڏسندا رهندا آهن.ذريعن کان مليل رپورٽن موجب ته ٽريفڪ اهلڪار ننڍين توڙي وڏين گاڏين وارن کان رشوت وصولي ڪندا آهن ۽ هو نٿا چاهين ته شهر اندر روڊ کليل رهن.شهر ۾ رش ايتري وڌي ويندي آهي جو ايمبولنس کي به ڪلاڪن جا ڪلاڪ رستو ناهي ملندو انهي سان گڏ روڊ تي ريڙهن،رڪشن توڙي گڏهه گاڏين وارن جي رش لڳل هجي ٿي،جيڪي روڊ تي بيٺل هجڻ ڪري روڊ مڪمل بلاڪ ٿي ويندا آهن

بقايا 20 ٽڪر ۾ فوت

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 21 ماتم ڪيو ويو

ڪئي .ان موقعي تي سيد علي رضا شاهه ، سيد شاهد علي شاهه ،سيد ساگر علي شاهه ،سيد پيرل شاهه سميت ڪيترن مؤمنن شرڪت ڪئي

بقايا 22 ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڪئي.تقريب جي صدارت پرو وائيس چانسلر واحد بخش جتوئي ڪئي جڏهن ته سگهڙ خليل الرحمان مهيسر خاوند ڏنو لاڙڪ خليفي لال بخش احمداڻي، ڊاڪٽر ذوالفقار شر پروفيسر شاهده امير چانڊيو ڊاڪٽر ارشاد وساڻ پاران پير پاڳاري سيد شاهه مردان شاهه جي حياتي، ڪردار ۽ خدمتن تي تفصيلي مقالا پڙهيا ويا ان موقعي تي پرو وائيس چانسلر واحد بخش جتوئي صدارتي خطاب ڪندي چيو ته سيد شاهه مردان شاهه پير پاڳارو نه رڳو هڪ روحاني بزرگ هو ۾ ايشيا جي ڏاهپ، علم سياست ۽ انسان دوستي جو روشن مثال هو سندس شخصيت ۾ جرئت، تدبر، عدل محبت ۽ انسانيت جو عظيم ميلاپ موجود هو هو اهڙو اڳواڻ هو جنهن پنهنجي قول عمل ۽ اصولن سان نه رڳو سنڌ ۾ پوري خطي جي ماڻهن کي رهنمائي فراهم ڪئي

بقايا 23 مولانا صالح انڍڙ

سبب ماڻهو تڪليف ۾ آهن انهن خيالن جو اظهار هن جمعيت علماء اسلام جي مختلف يونٽن جي دوري دوران علائقي جي معززين سان ملاقات ڪندي ڪيو

بقايا 24 کلي ڪچهري

ايس ايس پي سيد سليم شاهه عوامي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته عوامي مسئلا انهن جي در تي حل ڪرڻ لاءِ کلي ڪچهري ڪريون پيا کلي ڪچهري ۾ منشيات بدامني قبضا مافيا خلاف شڪايتون مليون آهن جنهن کي روڪڻ لاءِ ايس ايڇ اوز کي هدايتون ڪيون آهن هن چيو ته منشيات توهان ۽ توهان جي ٻارڙن جي تعليم لاءِ وڏي رڪاوٽ آهي ضلعي مان منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو ڇو ته عوام جي مال ۽ جان جو تحفظ ڪرڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي هن وڌيڪ چيو ته پوليس پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪري رهي آهي ضلعي مان منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ اسان جون ڪارروايون جاري آهن منشيات فروش ۽ ڏوهي سرگرمين ۾ ملوث جوابدار ڪيڏا به بااثر ڇو نه هجن ڪين ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو کلي ڪچهري ۾ ڊي ايس پي سٽي سڪندر سميجو ، ضلعي ڪونسل ميمبر حاجي محمد علي درس , پي پي تعلقه صدر غلام قادر دل ،ٽائون چيئرمين ناڪر نارائڻ داس . پرويز خواجه . ايس ايڇ او سلطان آباد امجد حسين جوڻيجو , ادريس ڪاڪيپوٽو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 25 ڊي سي بدين

سيڪنڊري احمد خان زئنور ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري الطاف حسين ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دليپ، ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 26 ڏينهن جي مهلت

انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ 4 ڏينهن جي مهلت ڏني ان موقعي تي مختيارڪار ذوالفقار علي چنا چيو ته اگر چار ڏينهن تائين ڪنهن انڪروچمينٽ نه هٽائي ته اسان انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي واضح رهي ته بيراڻي شهر جي مين روڊ تي ڪافي دوڪاندارن ڇپرا روڊ طرف وڌائي شٽر لڳائي ڇڏيا آهن جنهن سبب روڊ سوڙهو ٿي وڃڻ سبب ايندڙ ويندڙ مسافرن کي سخت مشڪلات کي منهن ڏيڻو ٿو پوي ۽ هر وقت ٽريفڪ جام رهي ٿو

بقايا 27 بائيڪاٽ

آهي ريگيولر ۽ هوشيار شاگردياڻين کي سي گريڊ يا وري فيل ڪيو ويو آهي جڏهن ته غير حاضر رهندڙ بااثر شاگردياڻين ۽ خانگي اسڪولن جي شاگردياڻين کي مبينا ڏيتي ليتي جي بنياد تي اي ون گريڊ ڏنا ويا آهن بورڊ انتظاميا اسان جو مستقبل تباهه ڪيو آهي جيڪو اسين ٿيڻ نه ڏينديوسين هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن اسان سان انصاف نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 28 ڪميٽي قائم

ويا آهن جڏهن ته رمضان ڪوسو جي بي دردي سان قتل جو آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ٿرپارڪر پاران معاملي جو سختي سان نوٽيس ورتو ويو هو رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ ايس ايڇ او حسين بخش راڄڙ اهلڪار شرڪت راهمون لعل محمد بجير پرڪاش ميگهواڙ پهلاج ميگهواڙ شامل هئا جڏهن ته قتل ڪيس ۾ هڪ جوابدار پهلاج ميگهواڙ گرفتار ٿيو هو ۽ ايس ايڇ او حسين بخش راڄڙ جيڪو ضمانت تي آزاد آهي ۽ ٻيا جوابدار روپوش آهن نوجوان رمضان ڪوسو جي وارثن جو چوڻ آهي ته اسان سان وحشي ظالمن ظلم جي انتها ڪئي آهي ڇهه نوجوان کي بنا جواز جي قتل ڪيو ويو آهي جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 29 ڊي سي

نيڪالي ڊيڊ ناجائز ادارن کي هٽائي قبضاگيرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ غيرسرڪاري تنظيمن، مسجدن، پريس ڪلبن، درگاهن ۽ مدرسن جي رجسٽريشن لاءِ اين او سي جي پينڊنگ پيل ڪيسن جو جائزو وٺي نيڪال ڪرڻ، غيرقانوني، غيرمعياري ۽ مقدار کان گهٽ وڪرو ڪندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪرڻ روزمره جي کاڌخوراڪ جي استعمال جي شين جي اسمگلنگ ۽ ذخيره اندوزي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجلي جي چوري کي روڪڻ ۽ بجلي چورن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ،پينو نقيبن خلاف ڪارروائي ڪرڻ، فينسي لائيٽن ڪارن شيشن، فينسي نمبر پليٽ لڳل گاڏين سميت نان ڪسٽم پيڊ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪري ٽريفڪ جي قانون تي سختي سان عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ وارا معاملا ويچار هيٺ آيا

بقايا 30 ملهائي وئي

جمعون ملاح جي اٺين ورسي ٻهارا ۾ ملهائي وئي، عوامي تحريڪ ضلعي ٽنڊي ۽ ٻهارا جي اڳواڻن ڪامريڊ جمعون جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪيس سلام ڏنو.

بقايا 31 احتجاج

شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي ٻوهجي جي هيلپري جي ڪچي نوڪري ملي، جنهن ڪان پوءِ مان سال 2012ع تائين پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري سان ادا ڪئي

بقايا 32 راشد محمود

سوسرو چيو آهي ته سنڌ جي حڪمرانن سنڌ ۾ ڪارونجهر وڪڻڻ جا سودا بند نه ڪيا ته جي يو آءِ جا ڪارڪن روڊن تي ڌرڻا هڻندا. سنڌ ۾ ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن جو راڄ هلي رهيو آهي.

بقايا 33 احتجاجي مظاهرو

ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ سينئر پينشنرز سول سوسائٽي جي ميمبرن ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا 34 وارثن ۾ ڪهرام

ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد سعيد آباد لنڪ روڊ تي ٻه نوجوان موٽر سائيڪل تي وڃي رهيا هئا ته نامعلوم هٿيار بندن ڪين روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته موٽر سائيڪل نه بيهارڻ تي مٿن فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ لا جو شاگرد صدام لاشاري گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويو.هٿيارٻند آساني سان فرار ٿي ويا.

بقايا 35 احتجاج

ڇڏيو آهي هنن ڊانهيندي ٻڌايو ته اسان پنهنجي ڌيءُ مسمات نادره اقبال آرائين جي سندس رضامندي سان شادي ڪرائي پر هو پنهنجي ان مڙس کي ڇڏي اچي اسان وٽ اچي ويهي رهي

بقايا 36 ڀتو طلب

صورت ۾ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون وارث پريشان وارثن پاران اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺي ڪري مغوي کي ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

بقايا 37 اسپتال منتقل

رفتار موٽرسائيڪل ڪارگو رڪشا سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ نري ميرواهه واسي ٻه ڄڻا زوهيب دستي ۽ محسن دستي زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو ڊاڪٽرن موجب زخمين جو علاج جاري آهي .

بقايا 38 ڪچهري منعقد

ٻڌي سرڪار پاران جاري ڪيل پاليسي مطابق مسئلا حل ڪرڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 39 انبار لڳائي ڇڏيا

توڙي عورتن شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا، محتسب اعليٰ طرفان انتظاميه کان موقعي تي ڪافي ماڻهن جا مسئلا حل ڪيا. ماڻهن ۾ سرهائي منهنجي آفيس جا دروازا اوهان لاءِ هر وقت کليل آهن فوري انصاف لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ محمد سهيل راجپوت جي حڪم تحت هر تعلقي ۾ کليل ڪچهري ڪري رهيا آهيون.

بقايا 40 سپاٽي کان شروع

پيغام سان شناسائي پيدا ڪرڻ لاءِ هر سال جيان هن سال به 29 ۽ 30 نومبر (ڇنڇر ۽ آچر) تي ٽيون *ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو* منعقد ٿي رهيو آهي.

بقايا 41 مان ۾ آجياڻو

اختر شاهه هو جنهن ڳالهائيندي چيو ته صحافت ۾ جيڪڏهن چونڊ ڪيون ته قاضي جاويد سنائي کان وڌيڪ سڪرنڊ ۾ مونکي نظر نٿو اچي توڙي جو انگ ڇنڇي ته صحافي ڇنڇي ته نا سگهن. ضرورت پوڻ تي شهر جي مسئلن تي قاضي جاويد سنائي کان رهنمائي پڻ وٺندو آهيان جنهن جا مفيد مشورا ڪارائتا هوندا آهن.

بقايا 42 پورهيت فوت

جي سرمت نه ٿيڻ سبب مزدورن جي فوت ٿيڻ جي انگ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جڏهن ته جديد مشينري نه هئڻ سبب ريسڪيو عمل ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچڻ لڳيون آهن جڏهن ته پنهنجي مزدورن جو تعلق ڪي پي ڪي جي سوات واري علائقي سان آهي

بقايا 43 پير محمد شاهه

ميراٿن ۾ 12 غير ملڪي اٿليٽ پڻ شرڪت ڪري رهيا آهن. جيڪو سکر لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي

بقايا 44 سيد ذوالفقار شاهه

خطرناڪ ثابت ٿي رهيون آهن ۽ ملڪ جي آئيني ؛ معاشي ۽ سماجي ڍانچي کي پڻ ناقابل تلافي نقصان ڏئي رهيون .

بقايا 45 اسڪول جو دورو

هتا آفيسن شاگردن ۽ شاگردياڻين سان سوال جواب پڻ ڪيا ته جيئن انهن جي سکيا جي سطح جو جائزو وٺي سگهجي. شاگردن جون فيڊر ڪاپيون به ڏٺيون ويون. جن مان ظاهر ٿيو ته استاد نه صرف تدريس تي ڌيان ڏئي رهيا آهن بلڪ شاگردن جي نوٽبڪن ۾ بهتري ۽ صفائي کي به اهميت ڏئي رهيا آهن.

بقايا 46 جو جائزو ورتو

آفيسن جي پليڪار ڪئي. ڊي اي او مختلف ڪلاسز جو جائزو ورتو ۽ شاگردن کان تعليمي سوال ڪيا. شاگردن جي ڀرپور اعتماد، بهترين جوابن ۽ علمي شعور تي هن استادن جي محنت ۽ شاگردن جي قابليت کي ساراهيو.

بقايا 47 ڪچهري رچائي

فنڪارن اداڪارن شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.موسيقار شاهد بزمي ڳالهائيندي چيو ته سينگار علي سليم منهنجو چاچو هو استاد عاشق حسين هوشيار پوري،سيد منور علي شاهه ،نشاربزمي مان گهڻو ڪجهه سکيو ۽ پرايو ڪجهه عرصو لاهور هليو ويس اتي ۾ پاڪستان فلم انڊسٽري جي موسيقارن ڪان ڌنون ترتيب ڏيڻ سکيون.مان ڪنٽيسٽ جي دنيا ۾ ڪي بورڊ ۽ بينجو متعارف ڪرايو.سارنگي نواز اختر حسين چيو ته هوشيار پوري گهراڻو طبلہ نواز سان گڏ سارنگي نواز رهيو آهي

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RM-302919367-2025	SERVICES FOR UPGRADATION OF PORTABLE KITCHENS	17.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-LH-PT-SYS-I9-304203519-2025	PAM WAF AND RELATED HARDWARE	18.12.2025 AT 1130 HRS
3.	OGDCL-SCM-FD-CB-PNP-QP-304258622-2025	SPARES FOR VOLVO PENTA FIRE WATER ENGINES	31.12.2025 AT 1100 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **12.11.2025** and **15.11.2025,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-302279518-2025	INTEGRATED WELL SERVICES FOR DARS WEST-3	02.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-3321-303393794-2025	CONSULTANCY SERVICES FOR DESIGNING OF EMERGENCY PROTECTIVE WORKS AND REHABILITATION WORKS FOR EXISTING RAISED PLATFORM FOR EXTENDED REACH WELLS	08.12.2025 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see “Instruction for Bidders Section” of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com

OGDC the energy

No. 307/34

حوالو نمبر: EPA/796/Tech/890/2025

سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي، حڪومت سنڌ

پلاٽ نمبر ST-2/1، سيڪٽر 23، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ڪراچي – 74900
فون: 35065946، 35065621، 021-35065950 تاريخ: 10-11-2025

پبلڪ نوٽيس

سنڌ ۾ ٽائر پائروليسس پلانٽس / يونٽس تي مڪمل پابندي

سنڌ حڪومت، صوبائي ڪابينا جي منظوري سان، سڄي سنڌ صوبي ۾ ٽائر پائروليسس پلانٽس/يونٽس قائم ڪرڻ ۽ آپريشن تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي.

ان حوالي سان، سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (SEPA) صوبي (سنڌ) ۾ ڪم ڪندڙ موجوده ٽائر پائروليسس پلانٽس / يونٽس کي جاري ڪيل سڀني ”ماحولياتي منظورين / نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽس“ کي منسوخ ڪري ٿي. تنهن ڪري، اهڙن سڀني آپريٽرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي ٽيهه (30) ڏينهن اندر پنهنجو ڪم ختم ڪن. ڏنل مدت جي ختم ٿيڻ تي، ايجنسي غير تعميل ڪندڙ يونٽن خلاف سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ، 2014 ۽ سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (غير معياري ايندهن / ٽائرن جي استعمال جي روڪٿام) ضابطن، 2025 جي شقن تحت سزا واري ڪارروائي شروع ڪندي.

سنڌ حڪومت جي ماحولياتي، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري کاتي (ECC&CDD) جو هي قدم ماحول ۽ انساني صحت جي تحفظ کي يقيني بڻائي ٿو.

شهرين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته ڪنهن به غير قانوني پائروليسس سرگرمي جي رپورٽ SEPA کي ڪن.





ڊائريڪٽر جنرل سنڌ EPA

INF/KRY/3984/25

i WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

سکر ويجهو هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ لا ڪاليج جو شاگرد قتل، وارثن ۾ ڪهرام

سعيد آباد لنڪ روڊ تي هٿيارٻندن موٽرسائيڪل تہ ٻيهارڻ تان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ صدام لاشاري گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويو، هٿيارٻندن فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سکر(بيورو رپورٽ) سکرجي ائرپورٽ ٿاڻي جي حد سعيد آباد لنڪ روڊ تي نامعلوم هٿيارٻندن هٿان لا جو شاگرد قتل ڦورو فرار علائقو ڏوهارين جو ڳڙهہ بڻيل.علائقي واسي عدم تحفظ جو شڪاران سلسلي ۾ سکر بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سامونڊي پٽي جي رهواسي جو ٻيلي کاتي جي زيادتين ۽ قبضن خلاف احتجاج

غلام الله (ن ع) سامونڊي پٽي جا رهواسي ڳوٺاڻا ٻيلي کاتي جي زيادتين ۽ زمينن تي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سجاول پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، پنج جوابدار گرفتار

سجاول (ڊ ر) ضلع سجاول پوليس جو مختلف ٿاڻن تي منشيات، گٽڪا وڪرو ڪندڙ ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري، 5 بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد: فوت ٿيل ناري جو لاش پيل آهي

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو گهر تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

بااثر پريمون ڀيل ۽ ٻين گهر ۾ داخل ٿي عورتن تي تشدد ڪيو: مظاهرين

ايس ايس پي ٿرپارڪر نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ پريس ڪلب آڏو ڳوٺ ڪونباريو جي رهواسين سومار ڀيل،مڪيش ڀيل، منثار ڀيل ۽ ٻين عورتن ٻارڙن سميت گهر تي حملي خلاف احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي، احتجاج ڪندڙن چيو تہ بااثر پريمون ڀيل،ٽيڪو،هرسنگهہ،سالو ڀيل ۽ ٻين اسان جي اندر مردن جي غيرموجودگي ۾ داخل ٿي عورتن تي تشدد ڪري چوپايو مال ڪاهي ويا آهن،جڏهن اسان کي خبر پئي ۽ پهچڻ ڪيو تہ جوابدارن اسان کي پوليس ڪان بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ لڳ ٽريڪٽر ٽرالي جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

سون واهہ ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ منظور رند موقعي تي فوت ٿي ويو، سندس پٽ طفيل رند زخمي ٿيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد سون واهہ ويجهو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار پيءُ فوت بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ گيس نہ هئڻ خلاف شهرين سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين خليل احمد نول، ٽراڪٽ سنڌي، عابد سومرو، مسرور پٽي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سڄي شهر جو ٻن سالن کان گيس جو پريشر نہ هئڻ جي برابر آهي، نوٽيس ورتو وڃي

مورو(ن ع) مورو ۾ گهريلو صارفين جي گيس نہ هئڻ خلاف شهرين سياسي سماجي تنظيمن پاران سوئي گيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ايڊووڪيٽ خليل احمد نول ٽراڪٽ سنڌي عابد سومرو مسرور پٽي ۽ ٻين چيو تہ اسان جي 15 وارڊ سميت سڄي شهر ۾ گهريلو گيس بند آهي ٻن سالن کان گيس جو پريشر نہ هئڻ جي برابر آهي گيس انتظاميہ هٿرادو لوڊشيڊنگ پڻ ڪري شهرين کي وڌيڪ سخت پريشان ڪيو پيو وڃي گهرڻ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي ۾ ٽينگر سان زيادتي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ فريادي جي پيءُ ۽ چاچي کي چالان ڪيو آهي:مظاهرين

پوليس مک جوابدار علي رضا خاصخيلي تحفظ فراهم پئي ڪري، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي ۾ همالي مزدوري ڪندڙ پورهيت عبدالعزيز خاصخيلي ۽ محمود عرف گٻن خاصخيلي پريس ڪلب راڄوخاناڻي تي صحافين اڳيان ڏاهيندي چيو تہ 4 مهينا اڳ 8 سالا معصوم ٽينگر اظهر پٽ عبدالعزيز خاصخيلي سان 2 جوابدارن پاران اجتماعي زيادتي ڪرڻ سان گڏ معصوم تي وحشياڻو تشدد پڻ ڪيو جنهن جو ڪيس ٽينگر جي والد عبدالعزيز جي فرياد تي ٻن جوابدارن سنتوش مينگهواڙ ۽ علي رضا پٽ الهجڙايو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ۾ هائير سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن جو بورڊ انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد شهيدبينظيرآباد بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين جماعت جي نتيجن ۾ شاگردن کي گهٽ مارڪون ڏيڻ خلاف هائير سيڪنڊري اسڪول قاضي احمد جي شاگردن صمد بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار جي عدالت چرس جي ڏوهہ ۾ ٻن جوابدارن کي عمر ۽ 10-10 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي عدالت چرس رکڻ جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي عمر قيد ۽ ڏهہ ڏهہ لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي . جوابدار جيل حوالي خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ايڊيشنل سيشن جج محمد عباس سيال جي عدالت بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪنڀار پاڙي ۾ ڪنڀر مٽيءَ مان ٿانو ٺاهي رهيا آهن

سنڌ بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ترميمي بل 2025 جي ٻيهر منظوري

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار ايوان اهو بل ايوان ۾ پيش ڪيو

بل جي منظوري جي موقعي تي جماعت اسلامي جي ميمبر بل جي ڪاپي ملڻ تي اعتراض اٿاريو

ايوان ۾ شهراندر ڊينگي جي پکيڙ سميت ٻين اهم عوامي مسئلن بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس بہ پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ سنڌ بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ترميمي بل 2025 جي ٻيهر منظوري ڏني وئي گورنر سنڌ انهيءَ بل تي اعتراض ڪيو هو گورنر جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪورواهہ ۾ ايس ٽي پي جي يوسي چيئرمين خلاف بک هڙتالي ڪئمپ قائم

مظاهرين ٽئين ڏينهن بہ بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري سخت نعريبازي ڪئي

گذريل برساتن جو پاڻي بہ نيڪال نہ ڪرايو ويو جيڪو عذاب بڻيل آهي:مظاهرين

ڪورواهہ(ن ع) ڪورواهہ شهر جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ يوسي چيئرمين جي مبينا ڪرپشن خلاف اڄ ٽئين ڏينهن بہ سنڌ ترقي پسند پارٽي يونٽ ڪورواهہ پاران هارون شيخ قاسم ڪنڀار، ابوبڪر ڪچي مصطفيٰ ڪنڀان اڪبر ڪون ڪامريڊ رتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ڪورواهہ سامهون علامتي بک هڙتالي ڪئمپ جاري رهي، ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ ڪورواهہ جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ جلد احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي، هنن چيو تہ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

نفيس نگر جي صحافي سان پ پ ايم اين اي جي تعزيت

منشيات نوجوان نسل کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي: مير منور ٽالپر

نئين ڪوٽ سب ڊويزن ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ اسان شاخون ۽ واهہ کي پڪو ڪرايو آهي

نفيس نگر(ن ع) نفيس نگر لڳ ڳوٺ گاهي خان گشڪوري صحافي اميرحسن گشڪوري سان سندس والد جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي گذريل ڏينهن پ پ ايم اين اي نوابزاده مير منور ٽالپر ايم پي اي ۽ صوبائي وزير مير طارق ٽالپر مير زاهد ٽالپر مير الهداد ٽالپر مير جاني ٽالپر مير طارق محمود ٽالپر سميت ڪيترائي پ پ اڳواڻ جاٽايل ڳوٺ ۾ ٽنڊي تي پهچي نفيس نگر جي سينئر صحافي ۽ عبرت رپورٽر اميرحسن گشڪوري سان سندس والد بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي لڳ پاپوليشن ويلفيئر کاتي گهوٽڪي پاران هڪ روزه صحت ميلو منعقد ڪيو ويو

خانپورمهر (ن ع) ڏهرڪي جي ڳوٺ سائين ڏنو ملڪ ۾ پاپوليشن ويلفيئر کاتي گهوٽڪي پاران هڪ روزه صحت ميلو منعقد ڪيو ويو ميلي جو افتتاح مهمان خاص حافظ فتح محمد ملڪ ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر آفيسر اصغر علي سولنگي ڪيو، صحت ميلي ۾ ڳوٺ سائين ڏنو ملڪ سميت آس پاس جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

CLUB WAHI PAN

واهي پانڌي: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ شهيد بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي برطرف ٿيل ڪچي ملازم جو بحالي لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي اولڊ چانڊڪا ڪالوني جي رهواسي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي جي برطرف ٿيل ڪچي ملازم طرفان نوڪري تي بحالي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ امام بخش بروهي ميڊيا آڏو ڏاهيندي چيو تہ مونکي سال 2011 ع دوران بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

نفيس نگر: پ پ ايم اين اي ميرمنور ٽالپر ۽ صوبائي وزير مير طارق ٽالپر عبرت رپورٽر اميرحسن گشڪوري سان سندس ٽنڊي تي تعزيت ڪري رهيا آهن

ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري

کلي ڪچهري ۾ منشيات بدامني قبضا مافيا خلاف شڪايتون مليون آهن:سيد سليم شاهہ

عوام جي مال ۽ جان جو تحفظ ڪرڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي، منشيات روڪٿام لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي سلطان آباد ٿاڻي جي حد خواجا اسٽاپ تي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهہ پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري ڪوٺائي وئي کلي ڪچهري ۾ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهہ سلطان آباد ٿاڻي جي حدن مان آيل ماڻهن جو شڪايتون ٻڌيون جڏهن تہ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سلطان آباد ٿاڻي جي حد ۾ ڦر ٿيل 24 لک روپيا رقم جي فوري ريڪوري لاءِ ڪميٽي پڻ جوڙي ڇڏي ان موقعي تي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڳوڙهي ياسين ۾ فاطمہ زهراہ عليہ جي شهادت جي مناسبت سان مجلس عزا ۽ عزاداري ماتم ڪيو ويو

ڳوڙهي (ن ع) ڳوڙهي ياسين 4 جمادالثاني فاطمہ زهراہ عليہ بي بي جي شهادت جي مناسبت سان پروگرام مجلس عزا ۽ عزاداري ماتم حسين سيد ذاڪر علي شاهہ بخاري جي آستاني تي ڪيو ويو جنهن ۾ سائينز عبدالڪريم ۽ مولوين خطاب ڪيو ۽ ان چمن علم دار ستي ڳوڙهي ياسين سيد ذاڪر علي شاهہ بخاري نوحوخاني بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ پير پاڳاري المعروف ڇٽ ڌڻي جي 97 هين سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

خيرپور(ڊ ر) ايشيا جي عظيم ڏاهي علمي، ادبي ۽ روحاني شخصيت سيد شاهہ مردان شاهہ پير پاڳاري المعروف ڇٽ ڌڻي جي 97 هين سالگرهہ جي مناسبت سان شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي روزي ڌڻي چيئر هال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علمي، ادبي، سماجي ۽ روحاني شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سکر شهر انتظاميہ جي لاپرواهي سبب بحرانن جي ور چڙهيل آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مولانا صالح انڍڙ

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سکر ضلعي جي امير حضرت مولانا محمد صالح انڍڙ مولانا محمد صالح انڍڙ چيو آهي تہ سکر شهر جي چونڊيل نمائندن ماڻهن کي بنيادي ۽ مقامي حڪومتي سهولتون فراهم ڪرڻ بدران انهن کي بي يارو مددگار ۽ بي گهر ڪري ڇڏيو آهي شهر جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي ۽ انتظاميہ جي لاپرواهي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

انساني حقن جي خلاف ورزي روڪڻ ۽ آگاهي لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي آهي:ڊي سي بدين

هر مهيني يا ٻي مهيني گڏجاڻي ڪوٺائي انساني حقن جي رپورٽ تي بحث ڪيو ويندو

ڪميٽي تمام جلد جيل ٿاڻا اسپتالون اسڪول ڪاليج يونيورسٽي ڪيمپس جا دورا ڪندي

بدين (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي زير صدارت ڊسٽرڪٽ هيومن رائيٽس ڪميٽي جي گڏجاڻي ڊي سي آفيس ڪميٽي روم ۾ منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهور احمد عباسي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٻيراڻي شهر ۾ انڪروچمينٽ هٽائڻ لاءِ دڪاندارن کي ڏينهن جي مهلت

مختيار ڪار ذوالفقار علي چنا عملو ساڻ ڪري حدخيلين جي آپريشن لاءِ پهتو

دڪاندار پاران غيرقانوني اڏاوتون کي هٽائڻ لاءِ 4 ڏينهن جو ٽائيم گهرڻ تي ڪين ڏنو ويو

جام نواز علي (ن ع) ڊي سي سانگهڙ جي حڪم تي مختيار ڪار ذوالفقار چنا پاران ٻيراڻي شهر ۾ انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي مختيار ڪار ذوالفقار علي چنا ٽائون انتظاميا رئيس بهرام خان مري چاچا غلام محمد خاصخيلي سان گڏجي ٻيراڻي شهر جي شاهي بازار ۽ مين روڊ تي دڪاندارن پاران وڌايل انڪروچمنٽ خلاف ڪاروائي دڪاندارن کي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ڊگري ڪاليج جي شاگردياڻين جو بورڊ انتظاميا ڪلاسن جو بائيڪاٽ

شاگردياڻين سائره ملوڪاڻي، پرهہ علي جي اڳواڻي ۾ ڪاليج جي احاطي ۾ احتجاج ڪيو

بورڊ جي انتظاميا پئسن عيوض شاگردياڻين جي رزلٽ ۾ هيرا ڦيري ڪئي آهي: مظاهرين

ٽنڊوآدم(ن ع) ٽنڊوآدم جي گورنمنٽ گرلز ڊگري ڪاليج جي شاگردياڻين جي وڏي انگ ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪري ڪاليج جي احاطي ۾ نوابشاهہ تعليمي بورڊ انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي شاگردياڻين سائره ملوڪاڻي ، پرهہ علي ، آمنہ آرائين فاطمہ ۽ ٻين ڏاهينديءَ الزام مڙهيو تہ نوابشاهہ بورڊ جي انتظاميا مبينا طور پئسن عيوض ڪاليج جي شاگردياڻين جي رزلٽ ۾ هيرا ڦيري ڪئي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

Welcome
PARTICIPANTS OF ALL P TER BOARD

لاڙڪاڻو: آل پاڪستان انٽربورڊ گرلس بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جي افتتاحي تقريب ۾ شاگردياڻيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

مورو ۾ مڙس جي وفات تي زال صدمون نہ سهندي فوت ٿي وئي

ڳوٺ محمد ابراهيم سولنگي واسي اسماعيل سولنگي فوت ٿي ويو

صدمون نہ سهندي سندس گهرواري بہ دل جي دوري سبب وفات ڪري وئي

مورو (ن ع) اسڪارپ ٽيوب ويل کاتي جو ريٽائرڊ ملازم محمد اسماعيل سولنگي دل جي تڪليف سبب لاڏاڻو ڪري ويو مڙس جي جدائي جو صدمو نہ سهندي سندس گهرواري بہ دل جي دوري سبب وفات ڪري وئي جنهن ڪري ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو سوڳوار ماحول ٿي ويو ٻنهي مڙس زال جي جنازي نماز ڳوٺ محمد ابراهيم سولنگي دادواهہ مورو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مٽن مائٽن ڳوٺاڻن سياسي سماجي وڏي تعداد ۾ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڌيارو ۾ جيالن جو وائيس جي چيئرمين جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف احتجاج

پوليس گهر تي چڙهائي ڪري چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي: محبوب ابڙو

ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪري عوام جي جان مال عزت جي سلامتي کي يقيني بڻايو وڃي

ڪنڌيارو(ن ع) ڪنڌيارو شهر جي باءِ پاس واري علائقي ۾ يوسي شهميرڏيرو جي وائس چيئرمن پي پي پي تعلقي ڪنڌيارو جي اطلاعات سيڪريٽري محبوب ابڙو جي گهر تي ايس ايڇ او ڪنڌيارو اسد النبي ڪچي جي اڳواڻي ۾ چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي چڙهائي ڪئي واقعي بعد پي پي پي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي محبوب ابڙو چيو تہ ايس ايڇ او اسد النبي ڪچي شريف ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: گرلز ڊگري ڪاليج جي شاگردياڻين پاران نوابشاهہ بورڊ انتظاميا خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

سيٺارجا ويجهو سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا زخمي

ڳوٺ وريام وڌيرو واسي ڌرين جي جهيڙي ۾ زخمين کي اسپتال آندو ويو

ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي خلاف احتجاجي مظاهرا، انصاف جو مطالبو

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ وريام وڌيرو ۾ سهتا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺن مڪن، ڏنڊن لٺين ۽ ڪهاڙين جي آزادانہ استعمال جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي مقامي اسپتال پهچايو ويو جتي کين طبي امداد ڏيارڻ بعد سيٺارجا ٿاڻي تي آندو ويو جتي پوليس ٻنهي ڌرين جي اين سي داخل ڪري ڏکين کي ليٽر ڏئي علاج لاءِ تعلقا اسپتال ٺري ميرواهہ موڪلي ڇڏيو ان حوالي سيٺارجا بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ نوجوان جو پوليس تشدد خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس چيڪنگ دوران تشدد ڪري 48 هزار رپيا کڻي ويئي آهي: آصف جتوئي

ايس ايس پي مٽياري نوٽيس وٺي اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري پئسا واپس ڪرائي

هالا (ت ر) هالا جي درگاهہ روڊ تي قاضي احمد جي رهواسي نوجوان آصف علي پٽ محرم علي جتوئي ۽ سندس دوست بلال آرائين کان هالا پوليس جي نامعلوم اهلڪارن سنيپ چيڪنگ دوران تشدد ۽ ڪلاشنڪوف جو بٽ هڻي نوجوان آصف جتوئي کي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن تہ پوليس اهلڪار تشدد دوران سندس کيسي مان روڪ رقم 48 هزار رپيا پڻ کڻي ويا. جنهن بعد متاثر نوجوان آصف جتوئي ۽ ساڻس گڏ آيل دوست بلال آرائين پوليس بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٿل جي ڳوٺاڻن جو قتل ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڏيڍ مهينو اڳ نوجوان ديدار ڪنڌراڻي پنهنجي موت پاڻ فوت ٿي ويو:مظاهرين

فوتي جي وارثن ناحق اسان جي ماڻهن تي ڪيس داخل ڪرايو آهي جيڪا ناجائزي آهي

جيڪب آباد (ڊ ر) ٿل جي ڳوٺ گلشير ڪنڌراڻي جي رهواسين پاران قتل جو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو مظاهري ۾ شريڪ عورتن سميت مردن پاڪ ڪتاب هٿن ۾ کڻي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين سڪيو خان ڪنڌراڻي صابر علي مهيم خان مسمات عظمت، مسمات مٺڻ خاتون ڪنڌراڻي ۽ ٻين صحافين آڏو ڏاهيندي چيو تہ ڏيڍ مهينو اڳ نوجوان ديدار ڪنڌراڻي پنهنجي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

FUMES, DUBAI UAE

نائجيريا: اولهہ آفريڪا جي نمائش دوران پاڪستان جي پويلين جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي ۾ نوجوان جي اغوا واري ڪيس ۾ تعلقي اسپتال جو اڪائونٽ ڪلارڪ گرفتار

راسواهہ موري وڏان اغوا ۽ بعد ۾ بازياب ٿيل دانش جي ڪيس ۾ پوليس ڪارروائي ڪئي

بلاول ميڊيڪل اسپتال جي اڪائونٽنٽ ڪلارڪ اڪبر شاهہ کي اسپتال مان گرفتار ڪيو ويو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪجهہ ڏينهن اڳ راسواهہ موري ڪوٽڙي وڏان اغوا ٿيل ۽ بعد ۾ بازياب ٿيل دانش نالي نوجوان جي اغوا واري ڪيس ۾ ڪوٽڙي پوليس بلاول ميڊيڪل اسپتال جي اڪائونٽنٽ ڪلارڪ اڪبر شاهہ کي اسپتال مان گرفتار ڪري ورتو آهي واضح رهي تہ درگاهہ يقين شاهہ جي سالڪي واري معاملي تي ٻن ڌرين ۾ تڪرار هلندڙ آهي جنهن دوران دانش نالي نوجوان اغوا ٿيو ۽ بعد ۾ بازياب ٿيو هو اهڙي ايف آءِ آر ۾ سيد اڪبر شاهہ کي جوابدار نامزد ڪيل هو

اي سي اسلام ڪوٽ جو ٽريفڪ اهلڪارن کي بدلي ڪرڻ لاءِ ايس ايس پي کي خط

خط ۾ مقرر اهلڪار کي بدلي ۽ معطل ڪري نوان 15 اهلڪار مقرر ڪرڻ جي گهر

ٽريفڪ اهلڪار ٺيڪيدارن ٽوڙي وڏين گاڏين وارن کان رشوت وصولي ڪندا آهن: ذريعا

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ شهر ۾ ٽريفڪ نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ مقرر ڪيل اهلڪار ٽرانسپورٽرن سان رشوت عيوض مليل هجڻ ڪري شهر اندر روڊ صبح کان شام ٽائين بلاڪ رهڻ ٿا،شهر ۾ گاڏين جا اڏا قائم هجڻ ڪري پيدل هلڻ مشڪل ٿي پيو آهي،انهي سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر اسلام ڪوٽ فرحان حسين ايس ايس پي کي خط لکندي شهر اندر مقرر اهلڪارن کي نااهل بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پشاور: صبح جي وقت پشاور موٽروي جي ٽول پلازا تي ڪوهيڙي جو راڄ آهي

ڪلوئي: رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ جاچ ڪميٽي قائم

ڊي ايس پي ۽ ٻہ ايس ايڇ اوز تي جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي

جوابدارن مان صرف هڪ گرفتار، باقي روپوش، وارثن پاران انصاف جو مطالبو

ڪلوئي (ن ع) ڊيلو پوليس هٿان ٻي ڏرڊي سان قتل ڪيل نوجوان رمضان ڪوسو ڪيس ۾ هڪ ڊي ايس پي ۽ ٻہ ايس ايڇ اوز تي جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جاچ ڪاميٽي ۾ ڊي ايس پي چاچرو لطف علي لغاري ايس ايڇ او ملي قادر بخش ٻهراڻي ايس ايڇ او ڊيلو آمين جوڻيجو مقرر ڪيا بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

صحافي ۽ نوجوان غلط ۽ اجائي پروپيگنڊا کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا:ڊي سي

رياست خلاف يا مذهبي انتشار پيدا ڪندڙ پوسٽون رکندڙ يا شيئر ڪندڙن کي بخش نہ ڪبو

ميڊيا شريمند عناصر جي نشاندهي سان گڏوگڏ غلط ۽ افواهن تي ٻڌل خبرن کي ڪائونٽر ڪري

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي تہ صحافي ۽ نوجوان غلط ۽ اجائي فيڪ پروپيگنڊا کي روڪي تعميري سوچ کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا هو اڄ لطيف هال مٽياري ۾ نيشنل ايڪشن پلان جي حوالي سان هڪ اهم گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو هو جنهن ۾ مدرسن کي رجسٽرڊ ڪري انهن ۾ سڌارا آڻڻ،سياسي،سماجي ۽ اقتصادي سرگرمين ۾ عوامي شراڪت کي يقيني بڻائڻ،غيرملڪي پناهگيرن کي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: پاپوليشن ويلفيئر کاتي پاران منعقد ڪيل صحت ميلو

حڪمرانن سنڌ ۽ ڪارونجهر وڪڻڻ جا سودا بند نہ ڪيا تہ جي يو آءِ ڪارڪن روڊن تي نڪرندا: راشد محمود سومرو

سنڌ ۾ ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن جو راڄ هلي رهيو آهي، منشيات سنڌ کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي

سنڌ جا 60 لک ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن، ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف وڪيلن جي تحريڪ جي حمايت ڪريون ٿا

حڪمرانن آئين ۽ جمهوريت کي مزاق بنائي ڇڏيو آهي، عوامي حق کسڻ بند نہ ڪيا ويا تہ جدوجهد ڪئي ويندي

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو جي بلاول ڀٽو زرداري پبلڪ پارڪ ۾ جي يو آءِ پاران ڊاڪٽر خالد محمود سومرو ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن کي خطاب ڪندي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ مولانا راشد محمود بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سکر ۾ نيشنل بئنڪ جي پينشنرز حقن جي حاصلات لاءِ سخت احتجاجي مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) ملڪ جي ٻين حصن وانگر سکر ۾ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي پينشنرز پنهنجي حقن لاءِ سخت احتجاج ڪيو نيشنل بئنڪ مين برانچ سکر کان شروع ٿيندڙ احتجاج ڊولفن بيڪرز ٽائين مارچ جي صورت ۾ منعقد بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: فوتي نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

پنوعاقل لڳ شهري جو گولي لڳل لاش هٿ، جاچ شروع

سانگي ۾ سيد نظام الدين شاهہ جو لاش ڏسي رهواسين پوليس کي اطلاع ڏنو

پوليس لاش ڪٽائي تعلقي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سانگي ٿاڻي جي حد سانگي مان سيد نظام الدين شاهہ جو گولي لڳل لاش هٿ، مڙهہ قانوني ڪارروائي لاءِ پنوعاقل تعلقہ اسپتال آندو ويو. گوليون ڪيئن لڳيون واقعي جي جاچ ڪيون پيا. سانگي پوليس

سکر ويجهو هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ لا ڪاليج جو شاگرد قتل، وارثن ۾ ڪهرام

سعيد آباد لنڪ روڊ تي هٿيارٻندن موٽرسائيڪل تہ ٻيهارڻ تان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ صدام لاشاري گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويو، هٿيارٻندن فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سکر(بيورو رپورٽ) سکرجي ائرپورٽ ٿاڻي جي حد سعيد آباد لنڪ روڊ تي نامعلوم هٿيارٻندن هٿان لا جو شاگرد قتل ڦورو فرار علائقو ڏوهارين جو ڳڙهہ بڻيل.علائقي واسي عدم تحفظ جو شڪاران سلسلي ۾ سکر بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ پيرسن جوڙي جو ڌيءُ نالي ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

ڌيءُ نادير، مڙس زوار حسين مغل سان گڏجي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻيا نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏين

سيٺارجا(ن ع) گذريل ڏينهن ڪوپري شاخ لڳ ٽنڊو مير علي جي رهواسي پيرسن محمد اقبال آرائين پنهنجي پيرسن زال سان گڏ سيٺارجا پهچي پنهنجي سڳي ڌيءُ مسمات نادير اقبال آرائين سندس مڙس ۽ پوليس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏاهيو آهي تہ اسان جي 30 سالا ڌيءُ مسمات نادير اقبال آرائين پئسا نہ ڏيڻ تان پنهنجي مڙس زوار حسين مغل سان گڏجي اسان جي مٿان ظلم ڪري اسان پيرسن زال مڙس جو جيئڻ جنجال ڪري بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ٻن روڊ حادثن جي نتيجي ۾ 4 ماڻهو زخمي، سول اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر) پهرين حادثو شاهہ حسين بائي پاس وٽ مسافر بس جو مزدا کي ٽڪر مزدا ڊرائيور سميت ٻہ ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ مزدا ڊرائيور محمد ايوب آرائين ۽ سجاد چنا جي نالي سان ٿي ٻيو حادثو خيرپور جي بي سيڪشن جي چانڊيا موڙ واري علائقي ۾ پيش آيو جتي تيز بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

چونڊڪو پورهيت ڌاڙيلن هٿان اغوا، وارثن کان 50 لک ڀنگ طلب

ڳوٺ ڏاتر ڏنو ملاح واسي جي فقير عيسن جي ڌاڙيلن وڊيو وائرل ڪئي

50لک رپيا ڀنگ جي رقم نہ ڏيڻ جي صورت ۾ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ناري تعلقي جي چونڊڪو جو رهواسي ڌاڙيلن هٿان اغوا زنجيرن سان ٻڌل وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل 50 لک رپيا ڀنگ طلب تفصيل موجب چونڊڪو جي ڳوٺ ڏاتر ڏنو ملاح جو رهواسي پورهيت فقير عيسن ملاح ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿي ويو ڌاڙيلن پاران اغوا ڪيل عيسن ملاح کي زنجيرن سان ٻڌل وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري وارثن کان مغوي جي آزادي لاءِ 50 لک روپيا ڀنگ طلب ڪئي آهي ڀنگ جي رقم نہ ڏيڻ جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: پ پ اڳواڻ جميل سومرو کي اجرڪ اوڍائي پئي وڃي

ڪوٽڙيءَ پرسان ريلوي ٽريڪ تي ڪم ڪندڙ جهمپير واسي ملازم ٽرين جي ٽڪر ۾ فوت

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پرسان ٻولهاڙي اسٽيشن ويجهو ريلوي جو ملازم 55 ورهين جو حبيب پالاري ريلوي ٽريڪ تي ڪم ڪري رهيو هو تہ لاهور کان ڪراچي ويندڙ بزنس ايڪسپريس ٽرين جي زد ۾ اچي ويو مسافر ٽرين جي ٽڪر ۾ ريلوي ملازم ٿلي تي فوت ٿي ويو فوتي مڙهہ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙيءَ منتقل ڪيو ويو جتي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ ٿيل ميچ جو ڏيک

خيرپور ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي حڪم تي کلي ڪچهري منعقد

کلي ڪچهري ۾ پگهار، پينشن، مالي معاونت سميت 11 شڪايتون مليون

سڀني شڪايتن کي ضلعي اڪائونٽس آفيس جي اختيارن کان وقت سر حل ڪرايون ويون

خيرپور(ڊ ر)صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جناب ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت جي ڏنل حڪم مطابق ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس خيرپور ۾ عوام جي ڀلائي لاءِ خاص طور ملازمن جي رهيل پگهار، پينشن، مالي معاونت ۽ ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ بابت کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي ڪنسلٽنٽ انچارج ريجنل آفيس صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ خيرپور ميرس احمد بخش گهمرو کلي ڪچهري ۾ آيل سرڪاري ملازمن ۽ ٻين ماڻهن جا مسئلا بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

عوامي تحريڪ اڳواڻ ڪامريڊ جمعون ملاح جي اٺين ورسي ٻهارا ۾ ملهائي وئي

ٺٽو (ڊ ر) عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي طرفان يونٽ ٻهارا جي اڳواڻ ڪامريڊ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ۾ محتسب اعليٰ ريجنل ڊائريڪٽر جي کليل ڪچهري، عوام شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

لاڙڪاڻي جي ريجنل ڊائريڪٽر علي اڪبر جاگيراڻي مختيار ڪار آفيس ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي

ماڻهن روينيو،لوڪل گورنمينٽ، سرسو اين جي او پوليس خلاف شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

محتسب اعليٰ طرفان انتظاميہ کان موقعي تي ڪافي ماڻهن جا مسئلا حل ڪيا، عوام ۾ سرهائي

باقراڻي (رپورٽ: خدا بخش ابڙو) مختيار ڪار آفيس باقراڻي ۾ ريجنل ڊائريڪٽر (محتسب اعليٰ) لاڙڪاڻو جي عوامي مسئلن جي فوري حل لاءِ کليل ڪچهري منعقد، مختلف ڳوٺن ۽ شهرن جي مردن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ ٽينگر کان موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿيل ڦورو سوگهو: پوليس

جوابدار ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪارو کهو لڳ ٽينگر اصغر کان موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿيو

سائيٽ ايريا خورشيد ڪالوني وٽ ڦورو کي سڃاڻپ بعد سوگهو ڪري پوليس

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ خورشيد ڪالوني لڳ علائقي جي رهواسين مبينا ڦورو کي پڪڙي سڃاڻپ بعد پوليس حوالي ڪيو آهي رهواسين موجب جوبدار ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪارو کهو لڳ پندرهن سالن جي ٽينگر اصغر کان موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿيو هو جنهن کي سڃاڻپ بعد پڪڙي پوليس حوالي ڪيو ويو آهي پوليس جوابدار نالو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي

ڪوٽڙي: ٻارڙي کان موٽرسائيڪل ڦريندڙ ڦورو کي پوليس گرفتار ڪري رهي آهي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ٻارن جي لاءِ ٽيون شاهہ لطيف جو ميلو سڀاڻي کان شروع

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 29 ۽ 30 نومبر تي ٽيون *ٻارن لاءِ شاهہ لطيف جو ميلو* منعقد ڪيو پيو وڃي اداري جي ترجمان پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران نئين نسل کي سنڌي ٻولي سان جوڙڻ ۽ عظيم صوفي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ خطاط ٽينگرين کي خطاطي سيکاري رهيو آهي

مانجهند پرسان ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڀڪ ڪرڻ سبب پورهيت فوت، هڪ بيهوش

لاڪڙا ڪول فيلڊ جي آغا جان ڪوئلا ڪمپني جي کاڻ ۾ ٻہ پورهيت دٻجي ويا

ٽن ڪلاڪن بعد پورهيت مختيار پٺاڻ جو لاش ۽ مومن خان پٺاڻ کي بيهوش حالت ۾ ڪڍيو ويو

مانجهند (ن ع)لاڪڙا ڪول فيلڊ جي آغا جان ڪوئلا ڪمپني جي کاڻ نمبر 2 ۾ ڀڪ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 2 پورهيت مختيار پٺاڻ ۽ مومن خان پٺاڻ دٻجي ويا جن مان هڪ ڄڻي مومن خان کي بروقت بيهوشي جي حالت ۾ ڪڍي ڳنڀير جوکي حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ ٽن ڪلاڪ جي جدوجهد کان پوءِ مختيار پٺاڻ جو لاش پڻ ڪڍيو ويو ڪاٺين بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سنڌڙي پينل جي سهڪار سان سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (س ر) هريزون اسڪولنگ سسٽم جي اونر آصف علي آرائين پاران سنڌڙي پينل جي سهڪار سان سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي جي مان ۾ سندس صحافتي سماجي ۽ تعليمي خدمتن تي مڃتا تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جڏهن تہ مهمان خاص ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جو چيئرمين سيد عذير بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سکر هاڻي عالمي سطح تي سڃاڻپ حاصل ڪري رهيو آهي: پير محمد شاهہ

ميراٿن ريس 2025 جون سموريون تياريون مڪمل ٿي ويون آهن

هن سال جي ميراٿن ۾ 12 غير ملڪي ائٿليٽ پڻ شرڪت ڪري رهيا آهن

سکر(بيورو رپورٽ) لوڪ سهائتا ميراٿن ريس کو 2025 جون تياريون مڪمل 12 غيرملڪي ريسر شرڪت لاءِ تيار سکر ۾ لوڪ سهائتا طرفان منعقد ٿيندڙ ميراٿن ريس 2025 جون سموريون تياريون مڪمل ٿي ويون آهن ميراٿن ريس جي آنر ڊي آءِ جي سيد پير محمد شاهہ سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس دوران تفصيل ٻڌائيندي چيو آهي تہ هي ميراٿن ريس هاڻي نہ رڳو سنڌ ۾ پوري دنيا اندر وڏي مقبوليت حاصل ڪري چڪي آهي هن ٻڌايو تہ هن سال جي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڊي ايڇ او سيڪنڊري سانگهڙ پاران ٽنڊوآدم هاءِ اسڪول جو دورو ڪري مختلف ڪلاسز جو جائزو ورتو

ٽنڊوآدم (ن ع) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري سانگهڙ غلام مصطفيٰ لغاري سرسيد گورنمينٽ بوائز هائي اسڪول ٽنڊوآدم جو دورو ڪيو جتي ٽي اي او سيڪنڊري ميل علي اڪبر برهماڻي ۽ ٽي اي او سيڪنڊري فيميل علي محمد پاٺون پڻ ساڻس گڏ هئا. اسڪول پهچڻ تي سينيئر هيڊ ماسٽر محمد رفيق ٻجورو ۽ عملدارن بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

عوام مهانگائيءَ ۾ پيڙهجي رهيو آهي ۽ حڪمران پنهنجي مرضيءَ جا قانون ٺاهي رهيا آهن: سيد ذوالفقار شاهہ

حڪومتي پاليسيون عوام لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي رهيون آهن ۽ معاشي ۽ سماجي ڍانچي کي نقصان ڏئي رهيون

27هين آئيني ترميم عوامي حق تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش آهي جنهن ذريعي قومي ادارن کي ڪمزور ڪيو پيو وڃي

ملاڪاتيار (ن ع) حڪومت ناڪام ٿي چڪي آهي، هو پنهنجي مرضيءَ جا قانون ٺاهي رهيا آهن عوام مهنگائي ۾ پيڙهجي رهيو آهي هي من پسند قانون ٺاهي رهيا آهن اهڙو اظهار تحريڪ انصاف سنڌ جي سينيئر نائب صدر سيد ذوالفقار شاهہ سعادات هائوس سيد پور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو تہ سنڌ صوبي جي مجموعي صورتحال تي سخت تشويش جو اظهار ڪيو موجوده حڪومت جون پاليسيون نہ صرف هتان جي عوام لاءِ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سکر آرٽس ڪائونسل پاران موسيقار شاهد بزمي ۽ سارنگي نواز اختر حسين سان ڪچهري رچائي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر آرٽس ڪائونسل موسيقيءَ جي شعبي ڪنوينر سيد نور رضوي پاران سنڌ جي ٻن ناميارين ڪلاڪارن موسيقار شاهد بزمي،سارنگي نواز اختر حسين سان سينگار علي سليم آڊيٽوريم ۾ ڪچهري رچائي وئي جنهن جي ميزباني سکر آرٽس ڪائونسل جي جنرل سيڪريٽري اختر درگاهي ڪئي جڏهن تہ ڪچهري ۾ اديبن عالمن شاعرن بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي ڊي اي او سيڪنڊري پاران اسڪول جو دورو

گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جان محمد جانوري ۾ انتظامن جو جائزو

نوان ڀرتي ۾ آيل نوجوان استاد اسڪولن ۾ مثبت تبديلي آڻي رهيا آهن: عبدالسميع پنهور

خيرپور (ڊ ر) ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور عبدالسميع پنهور ۽ ٽي اي او سيڪنڊري خيرپور مختيار احمد سولنگي نئين اپگريڊ ٿيل گورنمينٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جان محمد جانوري، خيرپور جو دورو ڪيو. هن دوري جو مقصد اسڪول ۾ جاري تدريسي سرگرمين، انتظامي بهتري ۽ نئين اپگريڊيشن کان پوءِ پيدا ٿيل سڌارن جو جائزو وٺڻ هو.دوري دوران سندن مختلف ڪلاسن جو بہ جائزو ورتو جتي استاد نظم و ضبط سان تدريسي عمل جاري رکيو بيٺا بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.